


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پهرين جنوري

[ڪهاڻيون]

## انور ابڙو

ڪويتا پبليڪيشن
حيدرآباد ـ 2015ع



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

كويتا پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر-109

ڪتاب جو نالو: **پهرين جنوري**
موضوع: ڪهاڻيون
ليکڪ: © انور ابڙو
ڇاپو: پهريون
سال: 2015ع
ٽائيٽل پينٽنگ: رضوان عمراڻي
ٽائيٽل ڊزائيننگ: ڪپتان ابڙو
ڇپائيندڙ: ڪويتا پبليڪيشن، 9-ربي چيمبر،
حيدرچوڪ، حيدرآباد، سنڌ. فون: 2728541
ڇپيندڙ: انٽيل ڪميونيڪيشنز حيدرآباد، سنڌ
قيمت: 250 روپيا

اسٽاڪسٽ:
**حيدرآباد:** ڪويتا بُڪ شاپ، ذوالفقار بُڪ ڊپو، لياقت پنهور بُڪ اسٽال، سنڌيڪا بُڪ هائوس، فڪشن هائوس، سنڌي ادبي بورڊ بُڪ اسٽال، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي بُڪ اسٽال، فرينڊس بُڪ پوائنٽ، ڊفينس پلازه، ڪاشف بُڪ ڊپو حيدرچوڪ، ڪنگ پِن بُڪ شاپ- پريس ڪلب
**ڪراچي:** ايس. اي بُوڪ ڪارنر (اردو بازار)، رائل بُڪ هائوس، توڪل اڪيڊمي اردو بازار، ثقافت ڪاتو بُڪ شاپ، ڪاٺياواڙ بُڪ اسٽور
**ڀٽ شاهه:** شاهه لطيف بوڪ اسٽال، درگاهه ڀٽ شاهه، **ميهڙ:** ساحر ڪتاب گهر (ڪوندي) 03468948535
سٽي پريس بُڪ شاپ، ثقافت ڪاتو بُڪ اسٽال، توڪل بُڪ ڊپو **سکر:** عزيز ڪتاب گهر، الفتح نيوز ايجنسي
**اسلام آباد:** سعيد بُڪ بئنڪ، **خيرپورميرس:** تهذيب نيوز ايجنسي، نيشنل بُڪ اسٽال، **ميرپور ماٿيلو:** هائوس آف ناولٽي،
**لاڙڪاڻو:** رابيل ڪتاب گهر، مهراڻ ڪتاب گهر سامهون سپنا لان، **شڪارپور:** گل ڪتاب گهر، وسيم ڪتاب گهر
**دادو:** ممتاز بُڪ ڊيپو **مٺي:** ٿر ڪتاب گهر، **عمرڪوٽ:** العزيز بُڪ ڊيپو ٿر ڪتاب گهر، **ميرپورخاص:** مڪتبه يوسفيه
**سانگهڙ:** المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، **بدين:** مرچو مل بُڪ ڊيپو محمد هاشم بُڪ اسٽال- پريس ڪلب
**سجاول:** سنڌ ڪتاب گهر، **ڏگهڙي:** اڪرام بُڪ ڊپو (03442930628)

**ISBN: 978-969-9329-53-1**

# PEHREEN JANUARY
**[Short Stories]**

*By © Anwer Abro*

Edition: First
Year: 2015
Title painting by Rizwan Umrani
Title designed by Kaptan Abro
Printed by: Intel Communications,
Hyderchowk, Hyderabad.
Published by: Kavita Publication, 9-Rabi Chamber,
Court Road, Hyderchowk, Hyderabad-Sindh.
Tel: +92 22-2728541
**www.kavitapublications.com**
email: mlmintel@yahoo.com
Price: Rs. 250-00



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

پنهنجي بابا سائين

## علي گل ابڙي

جي نانءِ

جنهن 14 ڊسمبر 2013ع جي سرد شام جو اسان کان وڇڙي، اسان کي دائمي درد جي حوالي ڪري ڇڏيو.

انور ابڙو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سهاءُ


- اداري پاران — موهن مدهوش 7
- مهاڳ — بادل جمالي 8
- هڪ لهر پيدا ڪندڙ ادب — تاج بلوچ 16
- مُنهنجي پاران — انور ابڙو 18


### ڪهاڻيون


1. جهنگ 21
2. ابولِ 29
3. ڀنائيءَ جو ڪارڪن 35
4. سچل جي صحن ۾ 40
5. گنڏارا جو ماٺهو 45
6. ڳپيل زبانن جي گفتگو 51
7. قيدي 58
8. ادا.... 65
9. پيتيءَ ۾ بند ٻارُ 67
10. اسان اڳتي ويندا سين 69




sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| 11. | بند ڳلي | 71 |
| 12. | سِر دا سودا.... | 78 |
| 13. | وَڏيلَ سِرَ جي ڏَانهن | 81 |
| 14. | ڦهرين جنوري | 87 |
| 15. | مِٽيءَ جي سيجَ | 96 |
| 16. | اُڪير جو پنڌ | 102 |
| 17. | عشق تمام | 107 |
| 18. | اڪيون ٻوٽڻ کان اڳ ۾ | 114 |
| 19. | نئين جنم جو سڏ | 121 |
| 20. | روئٽو | 126 |
| 21. | پاس ورڊس | 131 |
| 22. | پيوئر ليڊر | 133 |
| 23. | ڏُکي | 135 |
| 24. | ضمير وِڪري جي لاءِ حاضر آهي! | 137 |
| 25. | منهنجو چنڊ مارجي ويو | 142 |
| 26. | آج ڀاڳنا نهين | 149 |
| 27. | روشن قبر | 155 |
| 28. | سُپاٽو ڪنهن ڏِنو آ... | 157 |

# اداري پاران

اسان جي سماج ۾ ڪهاڻين ٻڌڻ جو رواج تہ جُڳن کان هلندو پيو اچي پر جڏهن کان سنڌي ادب ۾ ڪهاڻين جا ڪتاب ڇپجڻ شروع ٿيا، تڏهن کان ان کي پڙهڻ جي آس هر ڪو دل ۾ رکندو پيو اچي. ڪهاڻيون هونئن بہ اسان جي سماج جو عڪس ئي تہ هونديون آهن، جنهن کي ڪهاڻيڪار پنهنجي قلم جي نوڪ سان ڪوري ڪاڳر تي اُتاري ٿو.

نئين ٽهيءَ جي ڪهاڻيڪارن ۾ جيڪي نالا اڳيان اُڀري آيا، تن ۾ انور ابڙي جو نالو بہ ڪنهن کان ڳُجهو ناهي. هن جي ڪهاڻين ۾ توهان کي حقيقي عنصر وڌيڪ نظر ايندو. سندس ڪهاڻيون پڙهڻ دوران ائين لڳن ٿيون جڻ پڙهندڙ پاڻ هُن جي ڪهاڻيءَ ۾ شامل هجي. هُن جي حساس ذهن ۾ ڪيترائي سماجي عڪس آهن، جن کي ڪهاڻين جو ويس پارايو آهي.

پياري انور ابڙي جي ڪهاڻين جو هي ٽيون مجموعو ”پهرين جنوري“ توهان جي هٿن ۾ آهي، اميد تہ توهان اُن مان ضرور محضوض ٿيندا.

- موهن مدهوش

5- ڊسمبر، 2015ع
حيدرآباد، سنڌ.

مهاڳ

## سنڌ جو هڪ جاکوڙي ۽ کاهوڙي قلمڪار
## ۽ نئين ڪهاڻي

انور ابڙو ادب جي حوالي سان سنڌ جو هڪ ڄاتل سڃاتل نالو آهي. هن جي اکين ۾ غور سان ڏسبو ته انهن ۾ ورهين جا اوجاڳا ليٽا پائيندي نظر ايندا. سندس خوبصورت ڳرلي وار هوريان هوريان کُسندا ٿا وڃن. نازڪ نفيس چهري تي سَنها سَنها گُهنج پوڻ شروع ٿي ويا اٿس. ڪم جي گهڻائي ۽ مسلسل اوجاڳن جي ڪري هو جڻ ته پوڙهو ٿيندو پيو وڃي. قدرت هن کي ڪم ڪرڻ جو جيڪو موقعو ڏنو آهي، هو ان مان ذرو به ضايع ڪرڻ نٿو چاهي. اصل ۾ ڪم ڪرڻ جو جوش به عمر جي ڪِن خاص سالن تائين هوندو آهي. جڏهن انسان ٿڪجي ٿو پوي، ته پوءِ پنهنجي گذريل عرصي جي ڪارڪردگيءَ جو ڪٿيو ڪائيندو آهي. هڪ دفعي شمشيرالحيدري (مرحوم) کي چيو هئم، ”سائين، ڪا اهڙي ڊراما سيريل لکي ڏيو، جو اصل واهه واهه ٿي وڃي!“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان کان پوءِ هر چوٿين پنجين ڏينهن ”پروگريس“ بابت ڪانئس پڇندو رهندو هئس. ٻه ٽي مهينا گذري ويا. پر ڳالهه اڳتي وڌي نه سگهي. نيٺ هڪ ڏينهن شڪايت ڪندي کيس چيم،”سائين ڇا ڳالهه آهي، آخر اسڪرپٽ لکو ڇو نٿا؟“ تڏهن هن سنجيدگيءَ سان منهنجي اکين ۾ اکيون وجهي چيو هو”ڳالهه ٻڌ ميان مسٽر محمد بادل جمالي! اُهو ڪو وقت هو جڏهن اسان لکندا هئاسين ۽ واهه واهه ٿي ويندي هئي. سو وقت ڪڏهوڪو گذري چڪو. هينئر اسان ان جو ڪٿيو وينا ڪائون. جيڪا سيريل تون چاهين ٿو، سا لکڻ جو ساهس هينئر مون ۾ ڪونهي!“ ان کان وڏو سچ ٻيو ڪهڙو ٿي ٿو سگهي.

آئون سمجهان ٿو ته، انور هينئر چوويهه ڪلاڪن مان شايد رڳو چار ڪلاڪ ٻه مس ننڊ ڪندو هوندو. سو به تڏهن جو سندس نوجوان شهزادا عنيق، اريب ۽ اسان جي پاپي امبر ابڙو ساڻس مڪمل تعاون ڪن. جي انهن گهر ۾ سندس خلاف متحده محاذ ناهي ڊرٽو ڏنو ته پوءِ سائينءَ جن کي اهي چار ڪلاڪ به آرام لاءِ نه ملي سگهندا. ان ڪري ضروري آهي ته ”فروتفل ٽاڪس“ ذريعي گهر جو سياسي ماحول پُرامن رکي...

انور جي ڪهاڻين جو پهريون ڪتاب ”خودڪشيءَ جو رومانس“ جي عنوان سان سن 2001ع ۾ ڇپيو هو. جنهن ۾ 17 ڪهاڻيون شامل هيون. ان کان پوءِ سندس ناول ”پڳل رانديڪو“ ۽ ڪهاڻين ۽ مضمونن جو ڪتاب ”منهنجو چنڊ مارجي ويو“ شايع ٿيا هئا. هِن جي مضمونن ۽ ڪالمن جو مجموعو ”اڌ صديءَ جو اوجاڳو“ جي سري سان هڪ خوبصورت ۽ ضخيم ڪتاب 2013ع ۾ ڇپجي سامهون آيو. هاڻي سندس ڪهاڻين جو هيءُ ٻيو مجموعو سن 2015ع ۾ ڇپجي رهيو آهي، جنهن جو نالو رکيو اٿس، ”پهرئين جنوري،“ جنهن ۾ سندس تخليق ڪيل 25 خوبصورت ڪهاڻيون شامل آهن.

انور جي ڪهاڻين جي هِن ڪتاب ”پهرئين جنوري“ جي پهرئين ڪهاڻي ”جهنگ“ آهي. هينئر تائين ته ”جهنگ“ جو تصور رڳو ٻهراڙيءَ سان هو. جتي هر طرف وڏن اوچن وڻن، باغن، ٻيلن ۽ فصلن جي گهاٽائي آهي، پر هاڻي خبر پئي ته ”جهنگ“ وڏن شهرن ۾ به هوندو آهي.... اُپ کي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇُهندڙ ٽاورن، پلازائن، سپر مارڪيٽن، فائيو اسٽار هوٽلن ۽ بنگلن جو جهنگ.... جن جي وچ ۾ پهچڻ ڪان پوءِ ٻهراڙيءَ جي سادڙي ماڻهوءَ جون تہ وايون ٻتال ٿيو وڃن. ڪانئس پنهنجو رستو تہ ڇا، منزل ئي وسريو وڃي. بس وائڙو ٿي، بيوسيءَ مان موڪاتجي لوٽڻان هٽندو ٿو رهي تہ، ڪيڏانهن وڃي. اهڙي جهنگ ۾سادڙي ماڻهوءَ جي حيثيت تہ ”ڪانڌيري“ جهڙي بہ ڪانہ ٿي رهي. ڦُرجي بہ تڏهن ٿو... نوڪري پيشہ شريف ماڻهو تہ پنهنجا ٻچا لڪائڻ لاءِ پريشان آهي، ڇاڪاڻ تہ هيڏي وڏي شهر ۾ هن کي ڪا بہ اهڙي ڪنڊ نٿي سُجهي، جتي ڦورن ۽ دهشتگردن جي پهچ نہ هجي. هو ٻليءَ وانگر پنهنجا ٻچا وات ۾ ڪنيو لڪڻ جون جايون ڳوليندو ٿو وتي!

ڪراچيءَ جي موجوده حالتن جي، انور تمام سهڻي عڪاسي ڪئي آهي. پنهنجي موضوع جي لحاظ کان هيءَ ڪهاڻي سنڌي ادب ۾ اهم جاءِ والاريندي.

”پهرئين جنوري“ هن ڪتاب جي ”ٽائيٽل اسٽوري“ آهي. پهرئين جنوري، جمال جي جنم جو ڏينهن آهي، جنهن کي ملهائڻ لاءِ هميشہ هڪ ڇوڪري ڀرپور انتظام ڪندي آهي، جنهن جو نالو ”زندگي“ آهي. جمال عام سنڌي نوجوانن وانگر ڪراچيءَ ۾اڪيلو رهي ٿو. زندگيءَ سان محبت ٿيڻ ڪان پوءِ سندس اڪيلائي، اڪيلائي نٿي رهي. هر پڙهيل لکيل، برسرِ روزگار نوجوان کي پرديس ۾ رهندي جنهن سک ۽ سڪون جي ضرورت هوندي آهي، ’زندگيءَ‘ جي ساٿ جي ڪري جمال کي اهو ميسر آهي، پر پيار ۽ محبت جون اهي گهڙيون، مهينا ۽ سال خلافِ توقع، تمام تيزيءَ سان اچانڪ ائين گذريو وڃن، ڄڻ تہ پاسي مان ”بُلٽ ٽرين“ گذري ويئي هجي!

جمال کي سندس سالگرهہ واري ڏينهن ’زندگي‘ اها خبر ٻڌائي ٿي تہ،”سندس رشتو سئوٽ سان طئہ ڪيو ويو آهي. پهرئين مارچ تي سندس شادي ٿيندي“ اها خبر جمال لاءِ ڪنهن ڪڙڪندڙ وڄ کان گهٽ نہ هئي. خوشيءَ جون گهڙيون ڄڻ تہ اوچتو ئي اوچتو ماتم ۾ بدلجي ويون. حياتيءَ جي وهندڙ پاڻيءَ کي ٻُنڌ اچي ويو. هُو ديوانن وانگر جهر جهنگ رُلڻ لڳو. موڪيءَ جي مزار پرسان ٻن پهاڙن جي وچ ۾ هن کي زمين ۾ پوريل ڪنهن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زناني دوپٽي جو پلئه نظر ٿو اچي. ان کي جهلي ٿو ويهي ۽ سمجهي ٿو ته اهو پلئه, زندگيءَ جي دوپٽي جو ئي آهي. علامتي طور هڪ پيڙڙي اتي پهچي, سندس دک ورهائي ٿي. ڪيس دم دلاسو ڏئي ٿي. ان مهربان پيڙڙيءَ کان هيءُ سندس نالو پڇي ٿو ته, هُوءَ ڪيس ٻڌائي ٿي ته, ”آئون سنڌ آهيان.“ يعني هيڏي ساري دنيا مان, ڪو به مٽ مائٽ, يار دوست ڪيس ويجهو نه آيو. ڪير آيو ته وري به ”سنڌ“ ئي آئي. اها ليکڪ جي آس ئي سمجهڻ گهرجي. ورنه ڪيترائي چاهڻ وارا, گاهه جي تيلن وانگر ڳُتر ٿي ويا, سنڌ ڪنهن جي به اڳيان ڪانه آئي!

پيار – ڪهاڻيون هر ليکڪ ڏاڍي اڪير ۽ پابوهه سان لکيون آهن, جن ۾ وڏو حصو ته حقيقت تي ئي ٻڌل هوندو آهي, پوءِ ان کي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏيڻ لاءِ ڪجهه اضافي مصالحو به شامل ڪرڻو پوندو آهي. انور جي هيءَ ڪهاڻي به ڪجهه اهڙي ئي لڳي ٿي.

ڪهاڻي ”گنڌارا جو ماڻهو“ ۾ به انور جهڙوڪر پاڻ کي ئي رکيو آهي. هو گنڌارا تهذيب جا آثار ڏسڻ خاطر ”ٽيڪسيلا“ جو سفر ڪري ٿو. بس مان لهڻ بعد ٽانگي ۾ ويهي ٿو. ٽانگو هلائيندڙ پوڙهو پٺاڻ, ساڻس گفتگو ڪري ٿو, جنهن ۾ هو سنڌين بابت ڪا چڱي راءِ نٿو رکي, چاڪاڻ ته هو ڪنهن زماني ۾سنڌ ۾ پنهنجي ڪنهن دوست وٽ ڪجهه عرصو رهي ويو هو. سندس چواڻي,”سنڌي رات جو ڏاڍا بهادر ۽ ڏينهن جو انتهائي بزدل هوندا آهن. سنڌي نوجوان گهڻو ڪري جيل ۾ ئي هوندا آهن.“ ٽانگي واري جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌي هو جڪ ڪائي رهجي ٿو وڃي, پر ڪيس ڪجهه چئي نٿو سگهي.

ٽيڪسيلا ميوزيم ۾ آثار قديمه جا نوادرات جنهن صفائي ۽ سليقي سان رکيل آهن, تن کي ڏسي ڪيس ”مهين جي دڙي“ جا ڪنڊر ۽ نوادرات ياد ٿا اچن ته ڪيڏي نه بيدرديءَ سان ميوزيم ۾ پيا هوندا آهن. انهن مان گهڻيون قيمتي شيون ته چورائجي ويون آهن, جن جو اڄ تائين انتظاميا ۽ رکوالن کي پتو ئي نه پيو آهي ته, ڪيئن ويون آهن؟ خاص خوشيءَ جي موقعن تي قديم آثارن جي جيڪا پيل ٿئي ٿي, ان تي ته درد دل رکندڙ ماڻهو ڦٽڪي ٿو پوي. ”مهين جو دڙو“ جنهن جي پنج هزار سال

پراڻن ڪنڊرن کي بچائڻ لاءِ يورپ ۾ ته سيمينار ٿين ٿا ته، ’انهن جي حفاظت ڪيئن ڪجي؟‘ ان مقصد لاءِ پاڪستان سرڪار کي دنيا جا ملڪ چندو ڪري فنڊ ٿا ڏين ۽ اسان کان ته ايترو به نٿو پُڇجي جو انهن کي لٽاڙ کان محفوظ ڪري سگهون.

انور جي مَن ۾ سنڌ ڌرتيءَ لاءِ جيڪا محبت ۽ احترام آهي، ان ۾ ته ڪو شڪ ئي ڪونهي. هو سنڌ جي حوالي سان ڪو به ٻاڙو ٻول ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي. پنهنجي حال ۾ حيثيت آهر، سنڌ جي عظمتن ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ هيءُ هر وقت جاکوڙي پيو.

”اُڪير جو پنڌ“ ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪ پنهنجن پيارن دوستن کي، سندن اصلي نالن سميت شامل ڪيو آهي، جن مان انور پيرزادو، بدر ابڙو ۽ محمد علي پٺاڻ ته منهنجا به پيارا دوست آهن. باقي محترم رحمان جو نالو منهنجي لاءِ نئون آهي. هنن دوستن کي پٽائي گهوٽ سان جنون جي حد تائين محبت آهي، ان ڪري هُو فرصت وارو وقت، ڀٽ شاهه تي لطيف سائينءَ جي درگاهه تي ئي گذاريندا آهن ۽ اتان ئي هڪ ٻئي سان رابطو ڪندا آهن. ايس ايم ايس ذريعي لطيف سائينءَ جي شاعري به هڪ ٻئي کي موڪليندا آهن. عشق محبت جو ذڪر به ڏاڍي مبهم انداز ۾ ڪيل آهي. هن ڪهاڻيءَ کي اهي دوست وڌيڪ انجواءِ ڪري سگهندا، جيڪي، مٿي ذڪر ڪيل دوستن کان واقف هوندا ۽ سندن رمزن کي سمجهندا هوندا!

موجوده دور جي مهانگائي ۽ بيروزگاريءَ جي ڪري ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾ ٻچا پالڻ تمام گهڻو مشڪل آهي، ان ڪري غريب، عيالدار، لاوارث ۽ طلاقيل عورتون، گذر سفر لاءِ، سلائي ڪڙهائي، ڪان وٽي، پڪوڙا ۽ چولا وڪڻڻ تائين مختلف ڪم ڪن ٿيون، جن کي ڪو به هنر نٿو اچي، ته پوءِ اُهي ٽريفڪ سگنلز تي بيهي پنڻ ۽ گلن جا هار وڪڻڻ جي آڙ ۾ ٻيا ڪم به ڪنديون آهن. ڪڏهن ڪڏهن ته ڪي خداترس ۽ شريف انسان به ساڻن ٽڪرائجي ويندا آهن، جيڪي بنا ڪنهن لوڀ ۽ لالچ جي سندن مدد ڪندا آهن. ڪي ته ڪين نوڪري به وٺرائي ڏيندا آهن.

”پيوئر ليڊر“ ڪهاڻيءَ جو ڪردار جليل ڊيوٽي پوري ڪرڻ کان پوءِ گهر وڃڻ لاءِ جناح اسپتال جي سامهون روڊ تان گذري پيو. ته هڪ نوجوان برقعه پوش عورت، سندس اڳيان پرس ڪڍي بيهي ٿي. جليل جيتوڻيڪ نوجوان آهي، سندس اڳيان بيٺل ضرورتمند عورت، شڪل صورت جي به چڱي آهي، پر هُو ان جي مجبوريءَ جو ناجائز فائدو وٺڻ نٿو چاهي، بلڪ پنهنجي اخلاق جي بلنديءَ جو مظاهرو ڪندي سئو روپين جي نوٽ سان سندس مدد ڪري ٿو ۽ پوءِ پنهنجي راهه وٺي ٿو. هن ننڍڙي ڪهاڻيءَ مان جيڪو ميسيج ملي ٿو، سو ليکڪ جي ڪردار کي اچان ئي بلند ڪري ٿو ڇڏي. ان تي جيڪڏهن عمل ٿئي ته معاشرو جنت بنجي پوي.

شهيد راڻي، محترمه بينظير ڀٽو جي هڪ شيدائي، نجيب جي زباني، شهيد راڻيءَ جي آخري جلسي، لياقت باغ راولپنڊيءَ جي ڪهاڻي ”منهنجو چنڊ مارجي ويو“ جي عنوان سان لکي وئي آهي. هُو اها سڄي ڪارروائي، ٽي وي چئنلن تان گهر ويٺي ڏسي پيو. ملڪ ۾ دهشتگرديءَ جي هلندڙ طوفان کي ذهن ۾ رکندي، هو ڏاڍو خائف آهي ته، ايڏي وڏي جلسي ۾ ڪٿي ڪا بدمزگي پيدا نه ٿي پوي. محترمه جي تقرير ختم ٿي ته هُوءَ گاڏين جي ڊگهي قافلي ۾ جلسي گاهه کان رواني ٿي. مين روڊ تي سندس پهچندي ئي هڪ اهڙو ڌماڪو ٿيو، جنهن زمين ۽ آسمان کي ڌوڏي ڇڏيو...!!

انور لکي ٿو ته، ”هن کي ته واپس موٽي وڃڻو هو پنهنجي عظيم بابا وٽ، جنهن سان گڏ، هن کي ڪيترن سالن کان پوءِ، پنج جنوريءَ تي هن جي ايندڙ سالگره گڏجي ملهائڻي هئي، جتي سندس سيئي يائر اچڻا هئا: مرتضيٰ، شاهنواز، اياز سمون، ناصر بلوچ ... سڀ ۽ هن کي ڳڙهي خدا بخش کي به وري آباد ڪرڻو هو. 20 سيپٽمبر کان پوءِ ڳڙهي خدا بخش جون ڳليون ويران هيون، اتي وري ڪو ميلو نه متو هو. ان کي وري هڪ نئين مهمان جو اوسيئڙو هيو. تڏهن ته هوءَ ڊسمبر جي پهرئين هفتي ۾، جڏهن ڳڙهي خدا بخش ويئي هئي، تڏهن اتي پنهنجي لاءِ هڪ جاءِ به ليکي آئي هئي. هوءَ هڪ قبر نه، هڪ ڪائنات ليکي آئي هئي.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نجيب باقاعدگيءَ سان ڪو سياسي ڪارڪن، يا پي پيءَ جو ميمبر ڪونهي. هو تہ صرف محترمہ جي سياسي ڪردار ۽ سندس شخصيت جو مداح آهي. محترمہ جو ڌماڪي ۾ شديد زخمي ٿيڻ جو ٻڌي هو آپي مان نڪري وڃي ٿو.

انور جو شهيد محترمہ سان روح جو رشتو هو. هُوءَ سندس آئيڊيل هئي، ان ڪري هيءَ داستانِ شهادت لکندي هن پنهنجو اندر چيري رکيو. عام پڙهندڙ بہ ڪهاڻي پڙهندي، جڏهن بي بيءَ جي شهادت واري نقطي تي پهچي ٿو تہ، هن جي ڪيفيت بہ ساڳي نجيب واري ٿي وڃي ٿي. سندس اکيون ٿِمي پون ٿيون- شهيد محترمہ کي يقين هو تہ هڪ ڏينهن کيس بہ ٻڍڙهي خدا بخش (جنهن کي آئون ”شهيدِ گنج“ چوندو آهيان) ۾ پنهنجي عظيم بابا، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد ڀائرن: مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ مير شاهنواز ڀٽو جي وچ ۾ آرامي ٿيڻو آهي، ان ڪري ئي تہ پنهنجي زندگيءَ ۾ ئي پنهنجي آخري آرامگاهہ واري جاءِ ليڪي آئي هئي!

”آج بهاگنا نهين“ ڪهاڻي 18 آڪٽوبر 2007ع واري واقعي جي پسمنظر ۾لکيل آهي. شهيد محترمہ بينظير ڀٽو اٺن سالن جي جلاوطنيءَ کان پوءِ 18 آڪٽوبر 2007ع تي جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ ڪراچيءَ تي اچي لٿي هئي. ايئرپورٽ توڙي شارع فيصل تي سندس استقبال لاءِ سڄي ملڪ مان آيل سندس جان نثارن جو سمنڊ اٿلي پيو هو. لياريءَ جي سرفروشن جو ٽولو محترمہ جي ”اسپيشل بلٽ پروف ڪنٽينر“ کي چئني طرفن کان گهيرو ڪري، نچندي، ڪڏندي، ”بيا بِيا- ڀٽو بِيا“ ۽ ”دِلا تير بِجان“ جي ردم تي رقصان هو. ڳيري وڪ هلندڙ جلوس، منٽن جو پنڌ ڪلاڪن ۾ ڪيو پئي. هڪڙو جشن هو خوشين جو، جنهن کي وڏ کان وڏ وقت تائين ملهائڻ جو پروگرام هو. انڪري منزل تي پهچڻ جي ڪائي تڪڙ ڪانہ هئي، پر خوشي ملهائڻ جو اهو ڍنگ، دشمنن کان برداشت نہ ٿيو. اوچتو ئي اوچتو محترمہ جي ڪنٽينر پرسان اهڙو ڌماڪو ڪيائون، جو علائقي ۾ ڄڻ تہ سونامي وارو زلزلو اچي ويو.

محترمہ جا جانباز ۽ جان نثار، پنهنجيءَ جان جي پرواہ ڪرڻ بنا محترمہ جي مٿان پتنگن وانگر ڪِري پيا. ڪيس پنهنجن ٻانهن جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حصار ۾ محفوظ ڪري ورتائون. هُو اجان پاڻ سنڀالي به نه سگهيا هئا ته، ڀرُئين ڪان به وڏيڪ ٻيو زوردار ڌماڪو ٿيو جنهن محترمه کي گهيرو ڪري بيٺل سرفروشن کي، رت ۾ وهنجاري ڇڏيو. ههڪڙا شهيد ٿيا، ٻيا شهادت واري پنڌ ۾ هئا. قيامت صُغرا جهڙو منظر هو. ”بلٽ پروف ڪنٽينر“ جا ٽڪرا پري پري تائين ملبي جي صورت ۾ پکڙجي ويا. خوشقسمتيءَ سان محترمه کي رهندڙ به نه آئي. ڪيس جيالا ٻي گاڏيءَ ۾ کڻي بلاول هائوس ڏانهن نڪري ويا.

جاءِ واردات تي هر طرف ڦهليل انساني عضوا هئا، جن کي ميڙي سيڙي تابوتن ۾ بند ڪري ڳڙهي خدا بخش واري شهيدن جي آرامگاهه ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو. سنڌ سڄي ڪربلا جهڙي سوڳ ۾ ڪارا ڪپڙا پائي ويٺي. تڏهن کان وٺي، هر سال 18 آڪٽوبر، شهيدن جي ڏهاڙي طور ملهايو ٿو وڃي. گمنام شهيدن کي محترمه ايڏو ته مانُ بخشيو جو سندن هڏين جي باقيات کي پنهنجي اباڻي قبرستان ۾ جاءِ ڏنائين شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد مرتضيٰ ڀٽو ۽ شهيد شاهنواز ڀٽو جي پهلوءَ ۾. گويا هن شهيدن کي پنهنجي خاندان ۾ شامل ڪري ڇڏيو ۽ سگهو ئي جام شهادت نوش ڪري، پاڻ به پنهنجن پيارن جي وچ ۾ وڃي آرامي ٿي. پروردگار مٿس پنهنجون رحمتون نازل ڪري...!!

انور هڪ پڪو پختو ترقي پسند ڪهاڻيڪار آهي. مون نه رڳو هن جي چند ڪهاڻين تي مختصر لکيو آهي. هن جون ٻيون ڪهاڻيون به ساڳئي پائي جون آهن. سندس لکڻ جي ڍنگ مان سنڌ ڌرتي ۽ سنڌي ماڻهوءَ لاءِ بي انتها محبت ۽ احترام نظر اچي ٿو. ان سان گڏ صوفياڻو رنگ به هن جي ڪهاڻين ۾ چٽيءَ طرح جهلڪي ٿو. مون کي يقين آهي ته سندس هيءَ ڪتاب پڙهندڙن کي تمام گهڻو پسند ايندو.

10 آڪٽوبر 2014ع — بادل جمالي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## هڪ لهر پيدا ڪندڙ ادب

زندگي ڏاڍي ڪشادي، غير محدود ۽ پَل اَپل ۾ تبديل ٿيندڙ يونٽ آهي. قلمڪار اهڙي يونٽ کي ٽڪرن ۾ ورڇيو ڪنهن هڪ مختصر ٽڪري منجهان، نئين دنيا اڏيو ڇڏي، جيڪا اصل کان ڏار، اثر انگيز، حرارت ۾ تکي، ۽ معنويت جي اعتبار کان ڪمپريهينسو (comprehensive) هوندي آهي.

اهو ضروري به ناهي ته اديب، سماج جي سمورين جوابدارين کي پنهنجي تخليقي عمل ۾ جاءِ ڏي. ها، اهو صحيح آهي ته ڪي ڪي سماجي وارتائون، هنگامي طور، ادب ۾ زندگي کي متاثر ڪن ٿيون، پر اهو ڪم اديب جو ناهي، جو زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي ادب جو حصو بڻائي، ان کي magic broth بڻائي ڇڏي.

۽ اديب کي اهو بہ ٻانور نہ هئڻ گهرجي تہ هو زندگيءَ جي انتشار ۽ ان جي هيڻ ڏيڻ ۽ بي ربط گسن جو آشنا آهي. ترقي پسند نظريي جي لڙاتجي وچڻ ڪانپوءِ نئين تنقيد، منتشر، گهري ۽ بي ربط زندگيءَ جي بهتر عڪسبنديءَ لاءِ خيالي يا غير واقعي ماحول کي بهتر ڄاڻايو ۽ ان ويچار لاءِ ’سمبالزم‘، جو ٽيڪو ڏنو يا سرئيلزم، جيڪا anti logic هوندي بہ، ادب جي گهٽن اشارن ذريعي، شين کي منطقي ٻڌائڻ ۾ واهر ڪري ٿي.

سنڌي اديب ۽ سنڌي نقاد، اڃا روايتي ادبي روايتن کان مڪمل طور جند آجي نہ ڪرائي سگهيو آهي، پر هڪ لهر (جيڪا يورپ ۾ ويهين صديءَ جي اسي واري ڏهاڪي ۾ انت تي پهتي) اڀري آهي.

نوجوان دانشور ۽ ڪهاڻيڪار انور ابڙو، ان لهر اڀارڻ وارن ۾ شامل آهي. هن پاڻ بہ ادب جي سمورن رائج يا غير مروج ڏارائن جي وچ مان هلندي هلندي پنهنجي اظهار لاءِ، جيڪو مختلف (غير روايتي) موقف اختيار ڪيو آهي، اهو جامع زندگيءَ بدران، زندگيءَ جي ٽُٽل ڦُٽل يا ڪنهن هڪ پاسائين يا اڌوري حصي جو موقف آهي، جيڪو ٻين تي ’نافذ‘ ڪرڻ بدران ’آڇي‘ ٿو.

۽ پوءِ لامحدود زندگيءَ جون اهي پَل اَپل ۾ تبديل ٿيندڙ ’يونٽ‘ هڪ نئين حرارت، جنبش ۽ نئين معنيٰ کي ظاهر ڪن ٿا.

**- تاج بلوچ**

نائن اليون 1914
ڪراچي، سنڌ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مُنهنجي پاران

هي ڪهاڻيون ڇا بيان ڪن ٿيون, اِنهن جا ڪردارَ ڪير آهن ۽ اِهي ڇا ڇا پيوڳين ٿا ۽ ڇا ڇا چاهين ٿا؟ اِهي سڀ ڳالهيون پڙهندڙن تي ڇڏيل آهن تہ اِهي پاڻ هي ڪهاڻيون پڙهي، سمجهن ۽ پنهنجي راءِ جوڙين، پر مون تہ بس، جڏهن ڪو ٿيڙ ڪاڏو آهي، جڏهن ڪو ڏک ڪاڏو آهي، جڏهن ڪِٿي ڪِريو آهيان، جڏهن ڪنهن اک آليءَ ۾ ڪو ڳوهجندڙ ڳوڙهو ڏٺو آ، جڏهن ڪا دانهن ٻڌي آ، جڏهن ڪا دانهن ڪئي آ، جڏهن هِن ديس جي ڪيڏيل پارَنِ ۾ سڏڪن جا ولر ڏٺا آهن ۽ جڏهن پاڻ ۽ ٻين ڪي نئين سِر جيئرو ٿيندي ڏٺو آ، تڏهن ڪا ڪهاڻي لکي آ، تڏهن ڪو قصو لکيو آ.

سو هي ڪهاڻيون، ڪيتريون پڙهڻ جيتريون آهن، ڪيترو ادبي انداز رکن ٿيون، ڪيترو ٻوليءَ جو مانُ رکن ٿيون؟ ڪيترو موضوعن جو ڀرم رکن ٿيون، ڪيترو پڙهندڙن کي پاڻ سان گڏ وٺي هلن ٿيون، سنڌ هِنن ڪهاڻين جي ڳڙڪين مان ڪيتري نظر اچي ٿي، سنڌ جو اڄ جو ماڻهو هِنن ڪهاڻين ۾ ڪيترو موجود آهي؟ ۽ – ڇا هِنن ڪهاڻين جا ڪردار خود سنڌ جا نمائنده ڪردار آهن يا نہ؟ مون کي اِنهن سڀني ڳالهين جي ڪا بہ خبر ناهي. بس مون پنهنجين ڪهاڻين جي پهرئين ڪتاب ”خودڪشيءَ جو رومانس“ ڪانپوءِ ڪهاڻيءَ جي نالي ۾ جيڪي ڪجهہ لکيو آهي، سو هِن مجموعي ”پهرين جنوري“ ۾ ڏنو آهي.

هِن مجموعي ۾ منهنجيون اُهي ٽي ڪهاڻيون – ”مُنهنجو چنڊ مارجي ويو“، ”آج ڀهاگنا نهين“ ۽ ”روشن قبر“ بہ شامل آهن، جيڪي شهيد محترمہ بينظير ڀٽو تي لکيل منهنجي مضمونن واري ڪتاب ”مُنهنجو چنڊ مارجي ويو“ ۾ شامل هيون. اُن ڪتاب ۾ مون شهيد محترمہ بينظير ڀٽو تي لکيل پنهنجا ڪالم، ڪهاڻيون ۽ شاعري ڏني هئي، جيڪو سندس شهادت (27 ڊسمبر 2007ع) جي ٻن سالن بعد 2009ع ۾ شايع ٿيو هو. هِن نئين ڪتاب ۾اِهي ڪهاڻيون شامل ڪرڻ جو مقصد اِهو آهي جو هي ڪهاڻيون، هُن ڪتاب ۾ اوپريون پيون لڳن، تنهن ڪري سموريون ڪهاڻيون هڪ جاءِ تي ڏيڻ مناسب سمجهيم.

مان سنڌ جي بهترين شاعرن، ليکڪن ۽ پنهنجن پيارن دوستن محمد علي پٺاڻ ۽ رکيل مورائيءَ جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، جن هميشہ جيان مون کي هيءُ ڪتاب بہ جلد ترتيب ڏيڻ جي لاءِ اتساهيو. مان سنڌي ٻوليءَ جي بهترين ڪهاڻيڪار ۽ پاڪستان ٽيليويزن جي اڳوڻي تخليقي پروڊيوسر محترم بادل جماليءَ جو بہ تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، جنهن منهنجي هِن ڪتاب جو مهاڳ لکيو. بادلي جمالي صاحب مون لاءِ اِنڪري بہ وڏيڪ محترم آهي جو هِن پي ٽي وي تان 1996ع ۾ منهنجي پهرئين سولو پلي ”باڪ جي آس“ جي ڊائريڪشن ڏني هئي.

مان محترم تاج بلوچ جو بہ تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، جنهن هِن مجموعي ۾ شامل اڪثر ڪهاڻيون پنهنجي ادبي رسالي ”سوجهري“ ۾،

حڪم ڪري، مون کان وٺي، شايع ڪيون ۽ هِن ڪتاب بابت بہ اکر وري اسان جي حڪم تي لکي ڏنائين.

هِن موقعي تي مان پنهنجن انتهائي محترم ۽ پيارن دوستن: رزاق مهر (مان هِن کي مرحوم نہ لکندس)، رحمت الله ماڃوٺي، شوڪت حسين شوري ۽ اخلاق انصاريءَ جو بہ تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، جن منهنجي ڪهاڻين جي پهرئين مجموعي”خودڪشيءَ جو رومانس“ تي، سووينئر جي لاءِ تبصرو لکيو هو. جنهن مان، مون سندن چونڊ راءِ هِن ڪتاب جي فليپ تي محفوظ ڪرڻ خاطر ڏني آهي. گڏوگڏ مان ڪويتا پبليڪيشن جي سربراهہ ۽ پنهنجي پياري دوست موهن مدهوش جو بہ ٿورائتو آهيان، جنهن منهنجو هيءُ ڪتاب شايع ڪيو آهي.

مان هِن موقعي تي جيڪڏهن پنهنجي جيون ساٿياڻي امبر، پنهنجي ٽن سالن جي نوجوان عنيق ۽ هڪ سال جي اريب جو ٿورو نہ مڃان تہ اِن سان ”گهرو ويڙهہ“ شروع ٿيڻ جو امڪان آهي، سو اِن کان بچڻ جي لاءِ مان اِنهن ٽنهي جو پڻ تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، جن مون کي گهر ۾ هيءُ ڪتاب ترتيب ڏيڻ دوران ڊسٽرب نہ ڪيو.

20 آڪٽوبر 2015ع

ڪراچي

— انور ابڙو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جهنگ

غلام جڏهن کان هِن شهر ۾ آيو هو، تڏهن کان هيءُ هر لمحي هار کائي رهيو هو. هر وکَ تي هِن حادثا ڏٺا هئا ۽ هر واٽ هِن جي لاءِ واسينگن کان خالي نہ رهي هئي. هيءُ هٿين خالي نوجوان هر وقت هٿيارن جي گهيري ۾ رهيو هو. هِن جو گهر پڻ حملن جي زد ۾ رهڻ لڳو هو. اهڙين حالتن تي هيءُ ڪافي پريشان هو، پر گذريل ڪجهہ ڏينهن کان تہ هيءُ سخت غصي ۾ هو. هِن کي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آئي تہ، هُو اهڙين حالتن ۾ ڇا ڪري؟ ڪاڏي وڃي؟ هُو اڪيلو هجي تہ، ڪيڏانهن هليو بہ وڃي، پر پنهنجن ٻارن کي ڪاڏي ڪري؟ اِهي ٻار ئي تہ هِن شهر ۾ سندس خوشيءَ جو اڪيلو سبب هئا، جن سان ويهي هيءُ ڪي پل اذيتن کان آجو ٿي گذاريندو هو. پر اڄ هيءُ پنهنجي گهر جي ڪمري ۾ اداس ويٺو هو. اڳ جيان سندس سوچن ۾ سنڌ ئي هئي.

”اسان جهنگ ۾ ٿا رهون. شهرن ۾ بہ جهنگ، تہ ٻهراڙين ۾ بہ جهنگ. ماحوليات سان لاڳاپيل ماڻهو چون ٿا، ’اسان جي ملڪ مان وڏي تعداد ۾ جهنگ ختم ٿي ويا آهن،‘ پر اِهي تہ ڪوڙ ٿا ڳالهائين. هتي تہ هر جاءِ تي جهنگ آهن، جن ۾ خونخوار جانور- بگهڙ، چيتا ۽ ببر شير رهن ٿا- ۽ جيڪي ڪمزور جانورن- هرڻن، زيبرا ۽ ٻين کي ڊُڪائي ڊُڪائي، پڪڙي، انهن جي جسم ۾ چڪ وجهي، انهن کي چيري ڦاڙي کائي وڃن ٿا،“ غلام پاڻ سان ڳالهايو.

اڄ شهر ۾ هڙتال هئي، سو هيءُ آفيس نہ ويو هو. هِن ڪمري ۾ پيل ڪتابن تي هڪ نظر وڌي. هيءُ تازو ڪجهہ نوان ڪتاب وٺي آيو هو، جيڪي اڃا نہ پڙهيا هئائين، پر اڄ ڪوبہ ڪتاب پڙهڻ تي سندس دل نٿي چيو. هِن پنهنجي گهر جي دروازي کان ٻاهر صحن ۾ بيٺل وڻن تي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نظر وجهي، اجيارن پکين کي ڏسي، اُٿي، نَل مان پاڻي جو وَٽو ڀري، اُهو پِٽ جي اوٽ ۾ رکي، وري اچي ڪمري ۾ بيڊ تي ليٽي پيو. ”ايڪويهين صدي اجا سنڌ ۾ ناهي آئي. اسين گهٽيون گهٽيون صديون پوئتي واري دور ۾ رهون ٿا. هيءُ دور اسانجو ناهي. اسين جهنگلي آهيون ۽ ’جهنگل جو قانون‘ اسان جو قانون آهي،“ هِن جي سوچ ۾ اڄ نيون نيون ڳالهيون اچي رهيون هيون. مٿس اڄ عجيب ڪيفيت طاري هئي.

سندس ننڍڙو پٽ اَمنُ، جوان ڌيءُ ڪينجهر ۽ گهرواري سُڪان ٽي.وي لائونج ۾ ويٺا هئا. هِن کين چيو ته، ”هو سندس ڪمري ۾ نه اچن. هيءُ ٿڪل آهي، سو ٿورو آرام ڪندو.“ پر هِن جو آرام ته جائي ڄم کان قِتل هو سندس نصيب جيان.

بيڊ تي ليٽيل هوندي ئي هِن اڄوڪي اخبار پڙهڻ شروع ڪئي، جنهن ۾ نوجوان ڇوڪرين، عورتن، ايستائين جو معصوم ٻارڙين سان ڏاڍاين جا واقعا پڙهي، پريشانيءَ ۾ بيڊ تان اُٿي، مٿي کي هٿ ڏيئي ويهي رهيو. اخبار جي خبرن کيس ايترو ته ڊيڄاريو جو هُو پنهنجي پٽ ۽ ٻين رت جي رشتن بابت انتهائي سنجيدگي ۽ فڪرمنديءَ وچان وري وري سوچڻ لڳو.

”مان هِن جهنگ ۾ اِنهن کي، خونخوار جانورن کان بچائڻ جي لاءِ ڪٿي ۽ ڪهڙي محفوظ جاءِ تي وڃي لِڪايان؟“ اُن ئي گهڙيءَ سندس ذهن ۾ آيو ته ٻلي ٻه ته پنهنجا ٻچا پنهنجي چڪَ ۾ ڪٽي وڃي، ڪنهن جاءِ کي ’پنهنجي غلطفهميءَ وچان محفوظ جاءِ سمجهي‘ لِڪائيندي آهي، پر بعد ۾ سندس اُهي ٻچا ڪو ڪارو ٻلو کائي ويندو آهي،“ هِن پاڻ کي چيو.

هِن کي سمجهه ۾ نه ٿي آيو ته، هيءُ ههڙين پوائتن حالتن ۾ ڇا ڪري؟

غلام جي هِن وقت 45 سال عمر آهي. هيءُ پنهنجي والدين جو اڪيلو اولاد هو. هيءُ جڏهن اڃا ڏهن سالن جو هو ته سندس والدين گذاري ويا هئا. پوءِ سندس مامي علي محمد کيس تاتي نپائي وڏو ڪيو ـ ۽ کيس سنڌي ادب ۾ ايم اي به ڪرايائين. هُن کيس پرڻايو به پنهنجي نياڻي سُڪان سان ئي هو.

غلام ننڍي هوندي کان ئي ڏنگو هو جنهن ڪري نه مائٽ کيس سهندا هئا ۽ نه وري ڳوٺ جا چڱا مڙس توڙي چور کيس برداشت ڪندا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هئا. ڪافي پيرا هِن کي ڪوڙن ڪيس ۾ ٻڌرايو به هئائون، پر جيئن ته هِن جو هڪ سياسي تنظيم سان به واسطو هو اِن ڪري ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ هيءُ وري ٿاڻي تان ڇُٽي ايندو هو. ائين ٿي چار سال ته هِن اِنهن ماڻهن کي مُنهن ڏنو هو. نيٺ هڪ ڏينهن سندس گهرواريءَ اهڙين حالتن کان تنگ ٿي کيس چيو هو ته، ”ڇڏ هِن ڳوٺ کي. هاڻي هل ته ڪنهن ٻي جاءِ تي هلي رهون.“ هِن ته پهريان ڪجهه ڏينهن تائين ساڻس ها ها پئي ڪئي. نيٺ هِن به سوچيو ته، ”هِن جهنگ مان نِڪرڻ ئي بهتر آهي.“ پوءِ هِن ڪراچي شهر ۾ لڏي اچڻ جو فيصلو ڪيو. ڪراچيءَ ۾ هِن جا ڪجهه ڪلاس فيلوز رهندا هئا، جن جي معرفت هيءُ پٺاڻ ڪالونيءَ ۾ اچي رهيو. کيس هڪ خانگي اداري ۾ نوڪري به ملي ويئي.

شهر ۾ پهچي هِن سمجهيو هو ته، ”هيءُ سڌريل شهر آهي، هتي هُو مزي سان پنهنجي زندگي به گذاريندو ۽ ٺاهيندو به، ته پنهنجن ٻارن کي به صحيح ۽ سٺي تعليم ڏياري سگهندو.“ هِن کي خبر نه هئي ته، هيءُ شهر اجا ئي ڪو وڏو جهنگ آهي، جنهن ۾ ڳوٺ جي جانورن کان وڌيڪ خونخوار جانور رهن ٿا.

پوءِ آهستي آهستي هِن شهر ۾ کيس ملندڙ زخم سندس روح ۽ جسم تي تمغن جيان سجائجڻ لڳا. موت هِن سان هَٿُ هَٿَ ۾ ڏيئي هلندو هو. هيءُ ڊڄندو نه هو پر خطرن تي سوچيندو ضرور هو. هڪ ڀيري هيءُ صبح جي وقت آفيس ٿي ويو ته، پي آءِ ڊي سي پرسان هڪ زوردار بم ڌماڪو ٿيو. جنهن ۾ لڳ ڀڳ هڪ سئو ماڻهو مري ويا، ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا، پر هيءُ جيئن ته ڌماڪي واري جاءِ کان ڪافي پري هو، تنهن ڪري بچي ته ويو، پر ڌماڪي جي زوردار گونج سبب سندس حواس خطا ٿي ويا، جيڪي اجا تائين خطا اٿس.

هڪ ڏينهن شهر جي هڪ سياسي پارٽيءَ جو اڳواڻ ٻڌجي ويو. سڄي شهر ۾ افراتفري ڦهلجي ويئي. ماڻهو جلدي جلدي پنهنجن گهرن ڏانهن ائين وٺي ڀڳا، ڄڻ قيامت اچڻ واري هجي. هيءُ به جلديءَ ۾ آفيس مان نِڪتو. جون جي مهيني جي گرمي هجي. ڪالا پل تي اچي ٽريفڪ ۾ ڦاسي پيو. گورا قبرستان کان ڪالا پل جي سگنل تائين رڳو گاڏيون ئي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گاڏيون هجن. نہ ڪا گاڏي اڳتي تي چُري، نہ پوئتي. گرمي ايتري هجي جو هِن سمجهيو تہ جيڪڏهن اجا ڪجهہ وقت اِن گرميءَ ۾ هيءُ بيٺو رهيو تہ بيهوش ٿي ڪِري پوندو. اُن دوران ڪي نقاب پوش هٿياربند آيا، جيڪي هوائي فائرنگ بہ ڪندا رهيا، تہ ماڻهن کان موبائيل فونن ۽ پئسا بہ ڦريندا رهيا. غلام وري ڦرجي ويو. هوائي فائرنگ دوران تہ هڪ گولي هِن جي مٿان گذري ويئي هئي.

ڏيڍ ڪلاڪ کن ڪانپوءِ وڃي جڏهن ٽريفڪ ٿوري کُلي ۽ گاڏيون آهستي آهستي هلڻ لڳيون تہ هيءُ چالاڪي ڪري موٽر سائيڪل چنيسر ڳوٺ ڏانهن موڙي، اُن جي گهٽين مان نِڪري پارسي گيٽ وٽان، ڊفينس جا اندريان روڊ وٺي وڃي اختر ڪالونيءَ کان نِڪري پٺائي ڪالونيءَ پهتو. اهڙي طرح موت سان هِن جي جڙ تہ اکيوٽ راند پئي هلندي هئي.

بئي پيري هيءُ رات جو يارهين وڳي ڌاران آفيس مان گهر واپس پئي ويو تہ، قيوم آباد ڪانپوءِ ملير نديءَ واري روڊ وٽ، سندس پوئتان موٽر سائيڪل تي ايندڙ ٽن ڇورن کيس زبردستي روڪي، ڪانئس موٽر سائيڪل، پئسا، واچ ۽ موبائيل فون ڦُري ورتا هئا. ڦُر بعد جڏهن هِن ٿوري فاصلي تي بيٺل پوليس وارن کي چڙي وڃي چيو هو تہ، ”هُو مونکي ڦُري رهيا هئا، ۽ اوهان خاموشيءَ سان بيٺي ڏٺو؟“ تہ اُنهن الٽو کيس چيو هو، ”تو رڙيون ڇو نہ ڪيون؟“ هِن کين چيو تہ، ”اوهان جيڪو ڪجهہ بيٺي ڏٺو پئي، اُهو نظر ڪونہ آيوَ باقي منهنجي رڙين تي اچو ها؟“

”چڱو هل هاڻي، اسان اِنهن کي ڪجهہ نٿا ڪري سگهون،“ هڪ سپاهيءَ کيس چيو هو. هيءُ اِن جملي تي مري پيو هو. پوءِ هيءُ پنڌِ، ڪنڌ هيٺ ڪري، پنهنجي بيوسيءَ تي ڪڙهندو پٺائي ڪالونيءَ پهتو هو.

زيادتين جا هِن سان روز واقعا ٿيندا هئا. هڪ پيري ملير نديءَ وارو روڊ ٽرڪ ۽ ڪار جي حادثي سبب بند هو، سو هيءُ شام جو پنهنجي گهر واري ۽ ٻن ٻارن کي موٽر سائيڪل تي ويهاري جام صادق پل کان صدر پئي ويو. ٻئي ڏينهن تي اَمنَ جي پهرين سالگرهہ هئي. اُن جي لاءِ هِنن کي خريداري ڪرڻي هئي. هي جيئن ئي جام صادق پل تي چڙهيا تہ ملير نديءَ واري رستي بند هئڻ سبب ۽ ڪورنگي انڊسٽريئل ايريا ڏانهن ويندڙ

ٽرالرس ۾ ٻين گاڏين جي ڪري پل تي رش لڳي پئي هئي. هي ٻہ اُن ۾ ڦاسي پيا. اُن دوران ڪي ٻہ ڄڻا آيا، جيڪي سَٽ ڏيئي هِن جي گھرواريءَ کان پرس ڦُري ڀڄي ويا. اِن ۾ هِنن جا خريداريءَ وارا پئسا پڻ پيل هئا. هي هميشہ جيان ڪجھہ بہ نہ ڪري سگھيا. ان بعد جيئن ئي ٽريفڪ کُلي تہ هي بنا خريداريءَ جي واپس گھر موٽي آيا هئا. هِنن کي پنهنجي سِڪي پٽي چاول پُٽ جي سالگرھہ جي ننڍڙي خوشي بہ نصيب نہ ٿي سگھي.

هِڪ ڏينهن، هِن جي گھرواري گھر جي صحن جو فرش ڌوئي رهي هئي تہ، ٿورو پاڻي دروازي کان ٻاهر گھٽيءَ ۾ ويو تہ پاڙي ۾ رهندڙ هڪ مائي، سندن در تي اچي کين گاريون ڏئي ويئي. اُن ڏينهن هِن جي گھرواريءَ جيترو گھر کان ٻاهر پاڻي ڪڍيو هو، اوترا ئي اُن ڳوڙها ڳاڙيا هئا. هِنن کي سمجھہ ۾ نہ ايندو هو تہ، هي ماڻهو ڇو هر وقت جهيڙي جي لاءِ تيار رهن ٿا- ۽ ڇو اِهي امن سان رهڻ نٿا چاهين؟ پر هِن کي پنهنجي ننڍڙي اَمَن، نياڻي ڪينجهر ۽ زال سُڪان جو فڪر رهندو هو تہ، اُهي ڪهڙي بہ طرح زيادتي ۽ ظلم کان محفوظ رهن.

پر هِن جهنگ ۾ ڪير محفوظ هو؟ روز ٽارگيٽ ڪلنگ ۾ ڏهہ پندرهن ماڻهو مري رهيا هئا، روڊ حادثن ۾ ماڻهو مري رهيا هئا، چورين ۾ ڦُرين دوران مزاحمت ڪرڻ تي ماڻهو مري رهيا هئا، ڪم ڪار جي لاءِ آفيسن ۾ ويندي ڪرپٽ ڪامورن هٿان ماڻهو مري رهيا هئا، پوليس ۽ ٻين ادارن جي نا انصافين هٿان ماڻهو مري رهيا هئا، معمولي معمولي ڳالهين تان ماڻهو مري رهيا هئا، سو هِن کي بہ ڄڻ هاڻي پنهنجي واري جو انتظار ٿيڻ لڳو هو.

هڪ ڏينهن هُو صبح جو هڪ ڪوچ ۾ چڙهي قائد آباد پئي ويو. ڪيس پنهنجي هڪ دوست سان سندس والد جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪرڻي هئي. اُن وقت صبح جا ڏهہ ٿيا هئا. ڪورنگي انڊسٽريئل ايريا جي چمڙا چورنگيءَ وٽان بہ ڄڻا ڪوچ ۾ چڙهيا. اِنهن مان هڪ کي ٽي ٽي پسٽل ۽ ٻئي کي ڊگھو خنجر هجي. اِنهن ڊرائيور کي ڪوچ مکيہ روڊ کان هيٺ لاهي، ٿورو پاسي تي بيهارڻ جو چيو. ڪوچ جيئن ئي پاسي تي بيٺي تہ خنجر وارو نوجوان ڪوچ جي پوئين دروازي تي وڃي بيٺو. جڏهن تہ ٽي ٽي پسٽل واري ڦوروءَ مسافرن کي پنهنجون موبائيل فونون سندس حوالي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. جهٽ گھڙيءَ ۾ هُو غلام سميت سيني عورتن ۽ مردن کان موبائيل فونون



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ونئي، هڪ ڪپڙي ۾ وجهي، ڪوچ جي پويان ٻن موٽر سائيڪلن تي آيل پنهنجن همراهن سان موٽر سائيڪلن تي چڙهي مزي سان هليا ويا. آڏو پوليس جي چوڪي هجي، پر ڪنهن به لُٽيل مسافر پوليس وارن کي دانهن ڏيڻ بدران ڪوچ جي ڊرائيور کي چيو ته هو جلدي کين قائد آباد پهچائي، ڇاڪاڻ جو هي سمجهن پيا ته پوليس به اِنهن ڦورن سان ٻَڌل آهي.

هڪ رات جو هي جيئن ئي گهر ۾ سُتا پيا هئا ته ڇهه ست ڦورو سندن گهر ۾ گهڙي آيا. جيڪي هِنن کان سون، روڪ رقم، لٽا ڪپڙا ۽ ٻيو سامان ڦري هليا ويا. هِنن دانهن نه ڪئي. ڇو ته دانهن جي بدلي هِنن ڏانهن تاڻيل ٺي ٺي پستولن کي ڳالهائڻو هو. ان دوران هڪ لمحي سندس ضبط ٽُٽڻ تي هو. سوچيائين ته اِنهن سان وڙهي پوان. ڇا ڪندا؟ ڪهڙا مڙس ماڻهو آهن؟ پر وري اِهو سوچي رت جا ڍڪ پي ويو ته، ”هِنن بزدلن وٽ هٿيار آهن، متان سندس ٻارن کي ڪو نقصان نه پهچي پوي.“

ڦورو هليا ويا. هيءُ ٺاٺي تي نه ويو. اهو سوچي ته پوليس ڪيس ٺاٺي جا پٺي رڳو چڪر ڪاٽرائيندي. ٺيندو ڪجهه به ڪونه - ۽ هيءُ هِن جهنگ ۾، جيڪڏهن ڪنهن جي سڃاڻپ به ڪندو ته، اُن سان دشمني رکي ڪيئن رهي سگهندو؟ هيءُ بزدل نه هو. پر هِن شهر ۾ هِن کي پنهنجن ٻچن جو فڪر هو جِن جو هِن شهر ۾ هِن ڪانسواءِ ٻيو ڪير به نه هو. اِن خوف جي ڪري ئي ته هِن ڪينجهر کي رڳواتَ درجا پڙهائي گهرَ ۾ ويهاري ڇڏيو هو.

اُن رات جا باقي پهَر هِن جي گهر واري ۽ ٻارن ڏڪندي ۽ هِن ڪاوڙ ۽ بيوسيءَ تي ڪنٽرول ڪندي گذاريا هئا.

.........

هيءُ ڪمري مان اٿيو. گهر واريءَ کي چانهه ناهي ڏيڻ جي لاءِ چئي، وري اچي ڪمري ۾ ليٽي پيو. سندس ننڍڙو اَمُنُ پڻ هِن سان گڏ ڪمري ۾ آيو جتي هو ڪڏهن ٽيبل تي ٽي چڙهيو ته، ڪڏهن دريءَ تي پير رکي مٿي چڙهڻ جي ٽي ڪيائين. هُو ڏاڍو حرڪتي آهي. غلام ڪيس بابا چوندو آهي، ڇو جو اِن تي سندس بابا جو نالو رکيل آهي. اِنڪري هيءُ اُن کي سندس ڪيترين ئي حرڪتن جي باوجود دڙڪو به ناهي ڏيندو. جيڪڏهن ماڻس به اُن کي ڪو دڙڪو ڏيندي آهي ته، هيءُ اُن کي به چوندو آهي ته،”بابا، کي دڙڪو نه ڏيندي ڪر.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُو ڪمري مان اَمن جي حرڪتن جي ڪري اُٿيو ۽ اُن کي ڏسي ٻاهر لائونج ۾ وٺي آيو. هِن ٽي وي آن ڪئي ته اُن تان گانو هلي رهيو هو. ”مين ڪملي“ اُن تي اَمن پنهنجا پٽڪڙا پيرڙا ڪٽي نچڻ لڳو. ته هِن جي موبائيل فون جي گهنٽي وڄڻ لڳي. هِن فون کڻي ڳالهايو ته پريان سندس سالي امام الدين جو روئڻهارڪو آواز آيو ”ادا، امان گذاري ويئي.“ پنهنجي سَسُ جي وفات جو ٻڌي هيءُ سڪتي ۾ اچي ويو. سندس سَس ئي ته کيس ماءُ جيان پاليو هو. هِن پنهنجي امڙ کي نه، پر پنهنجي سَس کي ننڍي هوندي کان پنهنجي ماءُ جي روپ ۾ ڏٺو هو. هِن ڳوڙها پيئندي پنهنجي گهرواريءَ کي چيو، ”سندس امڙ جي طبيعت ٺيڪ ناهي، سو هوءَ جلد ڳوٺ هلڻ جي لاءِ تيار ٿئي.“ هُن کان ڇرڪ نڪتو. هُن پريشان ٿيندي ڪانئس پڇيو، ”ڇا ٿيو آ امان کي؟“ غلام کيس رڳو ايترو چيو، ”هُن جي طبيعت ٺيڪ ناهي، سو چون ٿا ته اچو.“

سُڪان سٽ ڏيئي هِن کان فون ڦريندي چيو، ”مان ٿي پڇان ته ڇا ٿيو آ امان کي!؟“

هِن فون تي پنهنجي پاءُ، پوءِ والد جو نمبر ملايو، پر فون ڪنهن به اٽينڊ نه ڪئي. هُوءَ ڏک ۽ ڪاوڙ ۾ فون صوفي تي اڇلي جلدي سامان بيگ ۾ وجهڻ لڳي. ڪينجهر کي به چيائين ته هُوءَ اَمَنَ ۽ پنهنجي والد جو سامان بيگ ۾ وجهي. اُن وقت شام جا ست ٿيا هئا. هي تڪڙ ۾ تيار ٿي، رڪشه ڪري، صدر آيا، جتي هِنن کي رات جو نائين وڳي واري لاڙڪاڻي واري ڪوچ ۾ جاءِ ملي. ڪوچ ۾ ويهڻ ڪانپوءِ سڪان جي اکين مان ڳوڙها اڳ کان وڌيڪ تيزيءَ سان وهڻ لڳا. غلام پاڻ تي ضبط ڪيو هو. ٻار به روئي رهيا هئا. ڪوچ جڏهن تاج ڪمپليڪس ڇڏي هلي ته، سڪان وري غلام کي چيو، ”تون آخر مون کي ٻڌائين ڇو نه ٿو ته امان کي ڇا ٿيو آهي؟“

غلام خاموش. ڪوبه جواب نه. هُن کيس وري ٿورو ڏونڏاڙيندي چيو، ”آخر ٻڌائين ڇو نه ٿو؟“

”غلام اجرڪ جي پلئه سان پنهنجا ڳوڙها اگهندي، کيس آهستي چيو ته جيئن پروارين سيٽن تي ويٺل ماڻهو ٻڌي نه سگهن، ”روئجانءِ نه. پليز. ڪوچ ۾ ويٺا آهيون.“

”پر ٻڌاءِ ته سهي“، سُڪان مٿس زور پريو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”امان گذاري ويئي.“ سُڪان اوچنگار ڏني. ان سان گڏ ڪينجهر جي اڪين جون نديون بہ وهي هليون. آمن حيرت مان سيني کي ڏسڻ لڳو.

هنن جي ڪوچ صبح جو پنجين وڳي ڏاران جيئن ئي ميهڙ جي ويجهو پهتي تہ، وچ رستي تي بيٺل ڇهن ستن هٿياربندن ڪوچ کي بيهارڻ لاءِ هٿ ڏنو. ڊرائيور گاڏي بيهاري. ٽي هٿياربند گاڏيءَ ۾ گهڙي آيا. انهن جي حڪم تي سڀ مرد گاڏيءَ مان هيٺ لٿا. هٿياربندن جي حڪم تي مسافرن هيٺ روڊ تي ڏاڙيلن جي، وڇايل چادر تي، پنهنجا پئسا، واچون، موبائلون ۽ سونيون مُنڊيون اڇلايون. گاڏيءَ ۾ چڙهيل ڏاڙيلن اُتي ويٺل عورتن کان زيور ڦريا ۽ ٻيون سامان بہ کنيو. ويندي ويندي هُو ڇهن مسافرن کي پاڻ سان گڏ وٺي ويا، جن ۾ غلام بہ شامل هو.

غلام، ڏاڙيلن سان گڏ ويندي سوچڻ لڳو ”هر جاءِ تي جهنگ آهي. شهرن ۾ بہ جهنگ، تہ ٻهراڙين ۾ بہ جهنگ. ڪا بہ اهڙي جاءِ ناهي. جتي ماڻهو چينَ سان رهي سگهي.“ اِن دوران هڪ ڦوڙهہ سان سندس ساڄي پير جي ٽڪرائجڻ سبب ڪيس ٽاٻو اچڻ تي، هڪ ڏاڙيل سندس پٺيءَ تي رائيفل جو ڪنداق هڻندي چيو، ”تڪڙو هل. ڪِرڻ جا بهانا ڇڏ.“ ۽ پوءِ هيءُ وري رت جو ڏُڪ پي تڪڙو هلڻ لڳو.

هاڻي هي سنڌوءَ پرسان هڪ حقيقي جهنگ ۾ موجود هئا، جتي هي هڪ ڪچي گهر ۾ هڪ مهيني تائين زنجيرن سان ٻَڌل رهيا. اُن بعد پنج جڻا ڀُنگ ڀري آزاد ٿي ويا. غلام جي پوئيرن وٽ ڀُنگ جيترا پئسا نہ هئا. سواِهي ڀُنگ ڀَري نہ سگهيا. غلام، آزاد ٿي نہ سگهيو.

ٻئي رات جو جهنگ جي خاموشيءَ جي سيني کي هڪ فائر چيريو. جهنگ ۾ موجود پکين ۽ جانورن جا آواز فضا ۾ ڦهليا. پرسان وهندڙ سنڌوءَ ۾ ڇاڙهہ آيو. سُڪان جي سِرَ تان رَئو سِرڪيو. ڏيءُ ڪينجهر سڏڪو ڀريو. ننڍڙو آمنُ ”بابا بابا...“ ڪندو رهيو.

*سيپٽمبر 2014ع*

# اَبولِ...

غوث بخش کي ماڻهو چوندا ئي پٿر دل هئا. هيءُ ڪنهن جي به پٽر تي وينو هجي، پر مجال آ جو سندس اک مان ڪو ڳوڙهو وهي. ويجهن دوستن تہ نهيو پر پنهنجن رشتيدارن جي وفات تي به هِن جون اکيون ڪڏهن آليون نہ ٿيون هيون. هيءُ جيل ۾ هو تہ سندس پيءُ گذاري ويو سندس چاچا ۽ ماما گذاري ويا. ڪيس پيرول تي آزاد ڪيو ويو. هِن اُنهن سان آخري ملاقات ڪئي. سندس چهرو ٿورو مُرجهايو. بس، وري ساڳيو اطمينان. ماڻهن کي حيرت ٿيندي هئي تہ، هيءُ ڪهڙي قسم جو ماڻهو آهي، جو پنهنجي رت جي رشتن جي لاڏاڻي تي به نٿو روئي.

حيرت جي ڳالهہ آهي تہ جڏهن سندس والد گذاري ويو هو – ۽ جڏهن رات جو پري پري کان تڏي تي آيل ماڻهو اوطاق ۾ ننڍ ڪرڻ لڳا هئا تہ اُن وقت ڪجھ ڳوناٺا سچو مِنو رحيمو ۽ ڪجھ ڇوڪرا هڪ ڪنڊ ۾ ڪچهري مچايو وينا هئا. غوث بخش به انهن جي پرسان پنهنجي ٻُت تي چادر وجهي، ليٽي سندن ڳالهيون ٻڌي رهيو هو. انهن مان ڪنهن کهڙو قصو ٿي ٻڌايو تہ، ڪنهن ڪهڙو.

25 سالن جي عمر جي سچوءَ، غوث بخش جي جنگهن کي زور ڏيندي پنهنجي چوريءَ وارا قصا پئي ٻڌايا تہ، ڪيئن هِن اکيلي سِر رات جو پر واري ڳوٺ جي نورل جي سارين جي وَل چورائي هئي، جنهن ڪانپوءِ پاڳين جي سجاڳ ٿيڻ تي هيءُ وٺي ڀڳو هو. ۽ هُو بہ هٿيار ڪٺي هِن جي پٺيان پيا هئا. ڪاري رات ۾ هيءُ جڏهن هُنن کان ٿورو اڳتي نڪري ويو هو تہ، سڏي ۽ ڪُليل رستي تي چڙهي ڀڄڻ بدران، هيءُ پرسان وهندڙ واهيءَ ۾ لهي، اُن ۾ سڏو ٿي، چَپ هٽي ليٽي پيو هو. جڏهن پاڳيا هِن جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرسان گذرندي هِن کي گهٽ وڏ ڳالهائيندا ٽي ويا ته، هيءُ ڏنو به پئي ۽ ڪِليو به پئي.

ٻئي پيري جڏهن پاڳيا هِن کي سوڙها پيا هئا ته، هيءُ پنهنجي اڇي قميص لاهي، ٻَني سان جهار جي لاءِ ڪُتل هڪ لَڪڙي ۾ اُها ٽنگي، گهٽو اڳتي وڃي هڪ وڻ جي ٿُڙ جي اوٽ ۾ لِڪي ٻيهي رهيو هو. پوءِ پويان ايندڙ پاڳين اُن قميص کي چور سمجهي اُن کي گوليون هنيون هيون. ۽ اِهو ڏسي سچو هڪ وڏو ٺهڪ ڏئي وري وني پڳو هو. ته هُو پڻ وري رڙيون ڪري، هڪ ٻئي کي اِهو چوندي سندس پنيان پڳا هئا ته، ”اِهو ٿو وڃيوَ.... پڪڙيوسِ.... نه ويندين....“ پر هيءُ ڪانئن زوري پڄي ويو هو. هيءُ وڏو پيرڙيو هو.

رحيمو پوليس کاتي ۾ پرتي ٿيل هو. غوث بخش جي ڳوٺ جي پرسان واري چوڪيءَ تي سندس ڊيوٽي هئي. هُو اڪثر غوث بخش جن جي ئي اوطاق ۾ وينو هوندو هو. غوث بخش جي وڏي پاءُ شاهنواز سان هِن جي پَڪي ياري هئي. اُن سچوءَ کي چيو”توتي، علي پور ٿاڻي تي اڃا هڪ ڪيس داخل آهي. اُهو ختم ڪراءِ نه ته اسان توکي ٻڌنداسين،“ ته سچوءَ غوث بخش کي ڏسي، سپاهيءَ کي چيو هو. ”جي مون کي تون ٻڌرائي وئين ته بابو ڪري مڃيندو سانءِ.“ رحيموءَ ڪيس چيو هو. ”مون کي ڇيڙاءِ نه. نه ته سپاٽي ئي ٿاڻي تي ٽنگيل هوندين.“

اُن ئي مهل سچوءَ سندس پيرن تي هٿ رکندي چيو هو”بابو آهين نه. اِهو به ڪيس ختم ڪراءِ. هاڻي وري سارين جو فصل لهڻ وارو آهي. چوريءَ واري وَل مان، هِن نُورَ پَلاري جو قسم آ، اڌ ڏيندومانءِ.“ اِن تي اُتي وينل سڀئي کِلي پيا هئا. غوث بخش به ٺهڪ ڏيئي چيو هو ”پلا ڙي.....“ اُن ئي لمحي ڪيس ياد آيو هو ته، هُو پنهنجي والد جي تڏي تي وينو آهي. ۽ پوءِ چپ ٿي ويو هو.

غوث بخش کي پنهنجا ٻَنيءَ جا ٻه ٻارا هئا. اولاد ۾ ڪيس ٻه پٽ بلاول ۽ فرهاد ۽ هڪ نياڻي زرقا هئا. هِن پنهنجي سئوٽِ سان شادي ڪئي هئي. سندس وڏو پٽ بلاول يونيورسٽيءَ ۾ بزنيس ايڊمنسٽريشن ڊپارٽمينٽ جي آخري سال ۾ هو. بلاول جيترو ذهين هو، اوترو ڏنگو به هو.

هِنن جي خاندان جو پرواري ڳوٺ جي وڏيري سان پڻ زمين تان تڪرار هلندڙ هيو. تنهن ڪري هِنن جي خاندان جي سيني مردن وٽ ڪو نہ ڪو هٿيار هوندو هو. بلاول جي بہ وَر ۾ هميشہ ٽي ٽي پسٽل پيل هوندو هو. فرهاد هينئر انٽرميڊيئٽ جو امتحان ڏنو هو. جڏهن تہ سندس نياڻي زرقا ميٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪئي هئي، جنهن بعد سندس شادي ٿي ويئي هئي. هِينئر هيءَ ٻن ٻارن جي ماءُ هئي.

غوث بخش جي پنهنجي وڏي پٽ بلاول سان تمام گهٽي لڳندي هئي. بلاول ڳوٺ کان وٺي ننڍا ننڍا جهيڙا بہ ڪندو رهندو هو جنهن تي سندس ماءُ ليليٰ غوث بخش سان شڪايت ڪري چوندي هئي تہ، ”اوهان بلاول کي مٿي تي چاڙهي ڇڏيو آ. هينئر کان ئي روڪيوسِ، نہ تہ وڏو ٿي هيءُ وڏا ڪُلمَ ڪندو.“ جنهن تي غوث بخش ساڳيو روايتي ٽهڪ ڏيئي چوندو هوس، ”ڏنگا گهوڙا ۽ پُٽ گهر جي سونهن هوندا آهن.“ جنهن تي ڪيس ليليٰ رڳو ايترو ئي چئي چپ ٿي ويندي هئي تہ، ”اوهان پيءُ پُٽَ ڪڏهن نہ سڌرندئو.“

فرهاد وري سنجيده ۽ رڳو پڙهائيءَ ۾ گم هوندو هو.

غوث بخش اڳ سنڌ سطح تي سياست ڪئي هئي، پر هاڻي 55 سالن کان مٿي عمر جي ٿي وڃڻ ۽ کيس شگر جي بيماري ٿيڻ ڪانپوءِ هيءُ رڳو پنهنجي علائقي تائين محدود ٿي ويو هو.

هر ڳالهہ تي وڏا وڏا ٽهڪ ڏيئي کِلڻ هِن جي عادت هئي. ويڪري قميص ۽ وڏي گهيرَ واري شلوار ۽ سنڌي ٽوپي پائي جڏهن هيءُ قدآور مڙس دوستن جي ٽولي سان گڏ هلندو هو تہ ماڻهو کيس حيرت مان ڏسندا هئا. هر ڪنهن سان هِن جي ٻانُهن ٻڌڻ جي واٽ هئي. ڪنهن کي هڙُويڙُو نہ ستائيندو هو پر ڪنهن جي ڪاڻ بہ نہ ڪڍندو هو. شاگرديءَ واري دور کان وٺي هيءُ ڏنگو رهيو هو. جيل بہ ڪاٽيا هئائين. سو هيءُ جتي بہ هوندو هو، اُتي محفل مَتل هوندي هئي. سندس ٽهڪن جي پڙاڏن ۽ تاڙين جي آواز مان ئي ماڻهو پري کان سمجهي ويندا هئا تہ، غوث بخش ڪچهريءَ ۾ وينو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڏينهن محمد صادق سان ڪچهري ڪندي، پنهنجي شگر واري بيماريءَ بابت ڳالهائيندي چيو هئائين،”جي اِها بيماري ڪو ماڻهو هجي ها ته، ڪيس اهڙي سيڪٽ ڏيانسِ ها، جو ياد ڪري ها، پر ٿي پَئي آ اندرَ ۾، سو هاڻي اِن کي ڇا ڪيون. ڪو وَس نٿو هلي اِن تي. اسان جي بهادريءِ اتي جواب ڏيئي بيهي ٿي رهي.“

پنهنجي پيءُ جيان ڊگهي قد وارو بلاول پڻ يونيورسٽيءَ ۾ بوسڪيءَ جي ويڪري قميص ۽ ڪاٽن جي شلوار پائي، دوستن جي هجوم سان گڏ هلندو هو ته شهزادو لڳندو هو. يونيورسٽيءَ ۾ ڪافي تنظيمن جي اڳواڻن ڪيس پنهنجي پنهنجي تنظيم ۾ شامل ٿيڻ جي آڇ به ڪئي هئي، پر هيءُ ڪين ٻانهون ٻڌي چوندو هو”مان ڪنهن به تنظيم ۾ شامل نه ٿيندس، باقي جنهن تي به جڏهن ڪو ڏکيو وقت آيو ته مان اُن سان گڏ هوندس.“

هيءُ هڪ ڏينهن منجهند جو ٻارهين وڳي ڌاران پنهنجن ٻن دوستن سان گڏ جيئن ئي سچل هاسٽل جي پرسان گذريو پئي ته، هِن هڪ شاگرد کي تيز ڊوڙندي ڏٺو جنهن جي پويان ڪجهه ڇوڪرا ٽي ٽي پسٽل کنيو اُن کي گاريون ڏيندا، ڊوڙندا ٿي آيا. هِن پهريان ته نه سڃاتو ته سندس پرسان گذري ويل شاگرد ڪير هو، پر ٿورو اڳتي نِڪري ويل اُن ڇوڪري کي ڏسي هيءُ سمجهي ويو ته، اِهو ته ساڻس گڏ پڙهندڙ امانُ هو، جيڪو هڪ شاگرد تنظيم جو ڪارڪن هو، پر هيو تمام گهڻو شريف. هِن کي الائي ڇا ٿي ويو. هيءُ به اُنهن ڇوڪرن جي پٺيان وٺي پڳو ۽ رڙيون ڪندي امانَ جي پويان ڊوڙندڙ ڇوڪرن کي چوندو رهيو ”متان.... متان..... متان امانَ کي گولي هنئي اٿوَ.“ پر تيستائين امانَ کي هڪ گولي لڳي چڪي هئي. بلاول ڊوڙي وڃي امان کي پنهنجيءَ هنج ۾ کنيو. گولي، هُن جي دل وٽان پار ٿي ويئي هئي. هُن نماڻين ۽ سوالين اکين سان بلاول کي ڏسي، جڻ ته ڪيس ائين چئي، هميشه جي لاءِ پنهنجون اکيون ٻاري ڇڏيون ته، ”مون هِنن جو ڪهڙو ڏوهه ڪيو هو؟“ اُن مهل بلاول به پنهنجي پيءُ وانگر نه رُنو هو. هِن رڳو حملو ڪندڙ ڇوڪرن کي ايترو چيو، ”پنهنجو ڇوڪرو مارَيُوَ.... دِل ٺَري پَيوَ نه؟“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُنهن مان هڪ ڇٽي- شيرل، جيڪو اجا سهڪي رهيو هو ۽ ڪاوڙمان امانَ جي ٽنڊي ٿي ويل جسم کي ڏسي رهيو هو بلاول تي ٽي ٽي پسٽل سڌو ڪندي، دڙڪو ڏيندي چيو ”تون بہ چُپ ڪر. ڪيانءِ نہ توکي بہ پُورو.“ اُن کي سندس دوستن روڪي ورتو. ٽيستائين پوليس ۽ ٻين شاگردن کي ايندو ڏسي، حملو ڪندڙ ڀڄڻ لڳا. پر ويندي ويندي شيرل، بلاول کي اکين ئي اکين ۾ ڄڻ تہ ڌمڪي ڏيندو ويو تہ. ”توکي بہ اسان ڏسي رهنداسين.“پوليس ڪا بہ گرفتاري نہ ڪئي.

ڪجهہ ڏينهن ڪانپوءِ بلاول ۽ سندس دوست يونيورسٽيءَ جي ڪئنٽين تي منجهند جي ماني کائڻ لاءِ ويٺا هئا تہ. اُتي امانَ کي خون ڪندڙ شيرل پنهنجن ڇئن پنجن ساٿين سان گڏ اچي، بلاول جن جي پرسان پيل خالي ٽيبل تي ويٺو. هِنن ٻنهي هڪٻئي کي عجيب نظرن سان ڏٺو. ان دوران ويٽر جيئن ئي بلاول جن جي لاءِ ماني کڻيون ٿي آيو تہ، شيرل ويٽر کي چيو. ”اِها ماني هيڏي اسان ڏي کڻي اچ.“

ويٽر هٻڪندي کين چيو. ”سائين، هيءَ ماني بلاول صاحب وارن جي آهي، اُنهن کي ڏيئي اوهان جي لاءِ ٻي تازي ماني کڻي ٿو اچان.“

”نہ... اِها هيڏي کڻي اچ.“ شيرل کيس دڙڪو ڏنو. ويٽر جا قدم رُڪجي ويا. بلاول نرميءَ سان ويٽر کي چيو. ”اِهو اسان جو آڊر آهي. اسان سويل کان ويٺا آهيون. ماني اسان ڏي کڻي اچ.“ اِن تي ويٽر جيئن ئي اجا اڏ وک مس کنئي، تہ شيرل ٽي ٽي پسٽل ڪڍي، ويٽي ئي ويٽر کي دڙڪو ڏيندي چيو.”ڪُتي جا پٽ، مون توکي چيو نہ تہ. اِها ماني هيڏي اسان ڏي کڻي اچ. اچين ٿو يا ڪيانءِ پورو؟“

اها صورتحال ڏسي، بلاول ويٽر کي آهستي چيو. ”اِهي وڏيڪ بکيا آهن. اِها ماني اِنهن کي ڏي، اسان لاءِ ٻي کڻي اچ.“

”تون اسان کي گار ٿو ڏين.... لوفر.“ ائين چئي شيرل، بلاول تي ٽي ٽي پسٽل سڌو ڪيو. جيستائين بلاول پنهنجو ٽي ٽي پسٽل ڪڍي، تيستائين ٻہ گوليون سندس ڇاتيءَ مان آر پار ٿي ويون. ڇوڪرا ڇوڪريون رڙيون ڪري ونئي ڀڳا. ڪئنٽين رتورت ٿي ويئي.

يونيورسٽيءَ دانهن ڪئي. ڳوٺ ۾ پڪي وڻن تان اُڏاڻا. بلاول جي ماءُ جي دل کي سَٽ آئي. هوءَ ڪم اڌ ۾ ڇڏي ڪٽ تي آهلجي پئي.

غوث بخش پنهنجي هڪ دوست جي شادي ۾ شريڪ هجي، جتي هُو پنهنجن اڳوڻن ساٿين ۽ دوستن شاهه محمد، محمد صادق، قمر، سرفراز ٻيدل، نثار ۽ گلاب سان گڏ ٻوڪ چرچا ڪري وڏا وڏا ٺهڪ ڏيئي رهيو هو ته، سندس موبائيل فون جي گهنٽي وڳي. هِن پنهنجي قميص جي پاسي واري کيسي مان فون ڪڍي، ساڳيو ٺهڪ ڏيندي چيو، ”هِن موبائيل به رت ڪيو آ. هر وقت وڄندي ٿي رهي. اڳي پوليس جي موبائيل اسان جي ڳڀ هوندي هئي، ۽ هاڻيءَ هيءَ موبائيل آهي،“ ائين چئي هِن جڏهن چيو ته، ”ها، ڪير؟“ ٻئي طرف کان هڪ ڇوڪري سڏڪو ڀري ڳالهائيندي چيو، ”مان بلاول جو دوست ٿو ڳالهايان يونيورسٽيءَ مان. بلاول ٿوري دير اڳ يونيورسٽيءَ ۾ هڪ جهيڙي ۾ مارجي ويو آهي.“

هِن هڪ اڌ سيڪنڊ تائين پاڻ تي ضبط ڪيو، پر پوءِ سندس هٿ ڏڪيا. فون سندس هٿ مان ڇڏائجي هيٺ ڪِريو. هِن رڳو ايترو چيو، ”ابول.....“ سندس اکين مان ڳوڙها وهڻ شروع ٿيا. هيءُ پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو اوڇنگار ڏيئي روئي پيو.

*27 جولاءِ 2014ع*



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پٽائيءَ جو ڪارڪن

ڪراچي شهر جي هڪ وڏي هوٽل ۾ ”سنڌي ڪانفرنس“ ٿي رهي هئي، جنهن ۾ هند ۽ سنڌ جي نامور اديبن ۽ دانشورن مختلف موضوعن تي پنهنجا مقالا پئي پڙهيا. بلاول به اُن ۾ پنهنجو مقالو پڙهيو. هُن جي مقالي جو موضوع هو ”2050ع ۾ سنڌ ڪيئن هوندي؟“ هِن پنهنجي مقالي ۾ جيڪا خاص ڳالهه ڪئي، اُها اِها هئي ته، ”سنڌي والدين کي بيو ڪجهه به نه ڪرڻ گهرجي. اُهي ڀل ڪنهن انقلابي سياسي تحريڪ ۾ به حصو نه وٺن، پر اُهي رڳو اِهو ڪم ڪن ته هُو پنهنجن ٻارن کي بهترين تعليم ڏيارين ۽ اُنهن جي صحيح تربيت ڪن. جيڪڏهن هُو ائين ڪري ويا ته، 2050ع کان اڳ ۾ سنڌ ۾ ”ڪو نئون 1947ع“ نه ايندو. جڏهن سنڌ جو هڪ پورو نئون نسل اعليٰ تعليم حاصل ڪري ويو ته اِهو سنڌ کي پاڻهي سنڀالي وٺندو ۽ اِهو ئي اصل انقلاب هوندو.“ هِن جي اِها ڳالهه تمام گهٽ ماڻهن کي سمجهه ۾ آئي.

ڪانفرنس جي آخر ۾ ريفريشمنٽ جو بندوبست ٿيل هو. بلاول اهڙن پروگرامن ۾ ريفريشمنٽ يا مانيءَ دوران ڪاڏي جي شين تي شرڪت ڪندڙن جي ٽيندڙ بي رحماڻي چڙهائيءَ جي ڪري اڪثر سيني کان آخر ۾ رڳو چانهه يا ڪافيءَ جو ڪپ ناهي پيئندو آهي. جيڪڏهن ڪو سندس چالاڪ دوست پروگرام ۾ شريڪ هوندو آهي ۽ اُهو ڪاڏي جي شين جي پليٽ تارئون تار ڀري ڪٽي ايندو آهي ته پوءِ هيءُ به اُن جي پليٽ مان ڪو هڪڙو بسڪوٽ کڻي وٺندو آهي يا ٻه چار گرهه کائي وٺندو آهي، نه ته بس.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِن پيري بہ هو روايت مطابق پوئتي ئي ويٺو هو تہ هِڪ شخص سندس پر ۾ اچي ويٺو. هُن جيئن ئي بلاول کي سلام ڪيو تہ هِن جي نظر سندس ڇهري بدران سندس سڄي هٿ ۾ پڪڙيل پليٽ تي وڃي پيئي، جيڪا سموسن، بسڪوٽن، پيٽيز، چپس ۽ چِڪن سينڊوچز سان سَٿيل هئي. هُن سينڊوچ کي چَڪُ هڻندي بلاول کان پڇيو.

”توهان ڪهڙي سياسي پارٽي ۾ آهيو؟“

”مان ڪنهن بہ سياسي پارٽي ۾ ناهيان،“ بلاول ٿوري رُڪائيءَ مان جواب ڏنو.

”پوءِ بہ،“ اڻ ڏنل همراهہ اصرار ڪيو.

”ڇا اِهو ضروري آهي تہ ماڻهوءَ جو ڪنهن پارٽيءَ سان تعلق هُجي؟“

”ها، ضروري آهي. پيلا ٻڌائڻ ۾ هرج بہ ڪهڙو آهي؟“ همراه هلڪو ضد ڪندي چيو.

”جي ڪنهن سياسي پارٽيءَ سان پنهنجو تعلق ڏيکارڻ ضروري آهي تہ پوءِ منهنجو تعلق سنڌي پارٽيءَ سان آهي.“

”اِها وري ڪهڙي پارٽي آهي؟“

”اِها سنڌ جي اصلي پارٽي آهي.“

” ڪڏهن ٺهي آهي؟“

”جڏهن کان سنڌي قوم ٺهي آهي.“

” اِن جو اڳواڻ ڪير آهي؟“

”اڳ ۾ تہ هِن جا ٻيا اڳواڻ هئا، پر اڍائي سئو سالن کان پٽائي اِن جو اڳواڻ آهي.“

”هوش ۾ تہ آهين؟ پٽائي ۽ سياست!؟“

”ها، اوهان صحيح ٿا چئو. پٽائيءَ جو سياست سان ڇا؟“

”نِڪرو انهن خيالي ڳالهين مان ٻاهر. نئين دور سان گڏ هلو.“

”ڪيئن؟“

”جيئن اسان ٿا هلئون.“

”اوهان ڪيئن ٿا هلو؟“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”هر پارٽيءَ سان گڏ.“

”اصول ۽ نظريي ڪانسواءِ؟“ بلاول کي مٿس ڪاوڙ اچڻ لڳي.

”ڇا جا اصول ڇا جا نظريا؟ ڪائو پيئو عيش ڪيو. بس.“

”اهڙي بي ضميريءَ جي لاءِ پيا وڃي ٻڌو،“ بلاول کي غصو اچڻ لڳو.

”ڪاوڙ نه ڪيو. فائدا ملندوَ.“

”مونکي؟“

”ها پيو وري ڪنهن کي.“

”۽ سنڌي قوم کي؟“

”اُن کي توهان ڇڏي ڏيو.“

ڇو؟... ڇو ڇڏي ڏيان اُن کي؟“

”توهان هوندئو ته سنڌي قوم به هوندي نه.“

”اڇا؟“

”جي.“

بلاول ڪاوڙ مان کيس ڏسي پوئتي مُڙندي چيو ”معاف ڪجو مون کي في الحال پنهنجي پارٽيءَ جي مرشد پٽائي سائينءَ سڏايو آهي. اج رات هُو اسانکي ”ڪڏهن تجي ڪات، ڪڏهن تجي ڪنڌ.“ جي موضوع تي ليڪچر ڏيندو. اِن جو انگريزيءَ ۾ عنوان رکيو اٿس One step forward, two steps backward". سو مونکي دير ٿي ٿئي. پٽ شاهه تي وڃڻو آهي. اُتي هر قسم جي سوچ وارا ماڻهو ايندا آهن. اُتي ڪنهن جي به اچڻ تي ڪا به پابندي ناهي.“

”ليڪچر ڪانپوءِ اُتي پيو ڇا ٿيندو؟“

”ليڪچر ڪان پوءِ راڳ رنگ جي محفل ٿيندي؟“

”ڪهڙا فنڪار ڳائيندا؟“

”بس پٽائي سائينءَ جا فقير ڳائيندا.“

”اڄ جي دور ۾ انهن فقيرن کي ڪير ٿو ٻڌي؟“

”ٻڌڻ وارا ٻڌن ٿا.“

”ڪنهن جي شاعري ڳائيندا؟“

”پٽائيءَ جي.“

”توهان اڄ جي دور ۾ ڇونه ٿا رهو؟ ڇو اڍائي سئو سال پراڻي دور ڪي چنبڙيا پيا آهيو؟“

”مان پراڻي دور نه، پر پنهنجي وجود سان چنبڙيل آهيان.“

”ائين ته توهان پنهنجو وجود بچائي نه سگهندا.“

”ڇو؟“

”مون جيئن اڳ ۾ به چيو ته اوهان نئين دور سان گڏ هلو.“

”ڪيئن؟“

”اُهو ڪجهه ڪريو، جيڪو اسان ڪريون ٿا.“

”اوهان ڇا ٿا ڪريو؟“

”اسان ڪجهه ڏيون ٿا، اُن جي موٽ ۾ گهڻو ڪجهه وٺون ٿا.“

”۽ اوهان جيڪو ڪجهه ڏنو آهي، اسان اُهو سڀڪجهه موٽائڻ چاهيون ٿا“، بلاول جون اکيون ڳاڙهيون ٿيڻ لڳيون.

”اسان ڇا ڏنو آهي، جنهن تي اوهان پنهنجو حق ٿا سمجهو؟“

”اوهان سنڌ جو شرم ورِڪيو آهي، اوهان سنڌ جي غيرت وِڪي آهي. اوهان سنڌ جي ثقافت وِڪي آهي. اوهان سنڌ جا ارمان وِڪيا آهن، اوهان سنڌ جا ڪيت وِڪيا آهن، اوهان سنڌ جا درياهه، ڍنڍون ۽ ڍورا وِڪيا آهن. اوهان سنڌ جا ٻيلا ۽ پهاڙ وِڪيا آهن. اوهان سنڌ جو آئيندو وِڪيو آهي. اوهان سنڌ جا هيروز وِڪيا آهن.“

”پر اسان اوهان جو ٻيتائي ته ناهي وِڪيو.“

”اوهان ڪوشش ته ڪئي آهي اُن کي به وڪڻڻ جي، پر هُو ڪوي ايترو ته طاقتور آهي، جو اوهان اُن کي وِڪرو ڪري نٿا سگهو.“

”اِهي اسان تي الزام آهن.“

”تاريخ اوهان تي اوهان جا سڀ ڏوهه ثابت ڪندي. اوهان پاڻيءَ جي ڏُبي وانگر آهيو، جن جي وجود کي ڪا پائيداري ناهي هوندي.“

”اوهان غلط آهيو. هر دور اسانجو آهي.“

”پر هڪ دور اسانجو به ايندو.“

اڻ واقف شخص طنزيه انداز ۾ مسڪرائيندي چيو ”جڏهن اوهان جو دور اچي، تيستائين اوهان پاڻ ئي نه رهندا.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”اسان نہ رهنداسين، تہ اسانجا ٻچا هوندا. اُهي مرندا تہ اُنهن جا ٻچا ايندا. تاريخ جو ميدان خالي نہ ڇڏبو.“ بلاول جذباتي ٿيڻ لڳو تہ سندس دوست لاکو ڦُلاڻي اچي ويو. هُن اڳئين همراه کي سجاڻندي بلاول کي ٻانهن کان وٺي پاسي تي ڪري چيو، ”کهڙي ماڻهوءَ سان اچي ٽَڪريو آهين. اِهو پراون ٽُڪرن تي پلبو آهي. هل تہ هلي هال ۾ عابده پروين جو راڳ ٻڌئون.“

پوءِ ٻئي ڄڻا جيئن ئي هال ۾ داخل ٿيا تہ، عابده پروين ”عمر ديس پنهنجو وسارڻ ڏکيو آ.“ ڳائي رهي هئي. هال ۾ پويان پيل ڪرسين تي هي ٻئي ويهي اکيون ٻوٽي راڳ ٻڌڻ ۾ گم ٿي ويا.

*سيپٽمبر 2007ع*



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سچل جي صحن ۾

آڌيءَ رات جو وقت هجي. ماڻهو پکي پرند ۽ ڍور ڍڳا سڀ پنهنجي پنهنجي جاءِ تي آرامي هئا، پر درازا شريف ۾، رات جي سناٽي کي، سچل سرمست جي درگاهه تي ٿيندڙ محفلِ سماءَ ٽوڙي رهي هئي. سمورن فقيرن ۽ عقيدتمندن مان ڪي رقص ۾ محو هئا، ته ڪي ويٺي ئي جهومي رهيا هئا. سيني تي سچل جي شاعريءَ وجد طاري ڪري ڇڏيو هيو. اُن وقت روشن فقير هڪ هٿ ۾ لٺ ۽ ڪبي ڪلهي ۾ گودڙي لٽڪائي صحن ۾ داخل ٿيو. هيءُ ٿورڙو سهڪي رهيو هيو. روشن فقير ڏينهن جو ٽين وڳي واري ڪوچ ۾ ڪراچيءَ مان سوار ٿيو هيو. جنهن هن کي رات جو يارهين وڳي ڌاران درازن جي بس اسٽاپ تي ڇڏيو. جنهن بعد هيءُ نيشنل هاءِ وي کان درازا شريف تائين هڪ ڪلوميٽر جو فاصلو پنڌِ طي ڪري اچي پهتو هو.

سچي ڏينهن جو ٿڪ ۽ اندر جو غم روشن فقير جي چهري مان ظاهر ٿي رهيو هيو. هيءُ جيئن ئي درگاهه جي صحن ۾ داخل ٿيو ته محراب فقير جي اڳواٽيءَ ۾ سچل سائينءَ جا فقير، سچل سرمست جي هيءَ ڪافي ڳائي رهيا هئا، ”مان جوئي آهيان، سوئي آهيان...“

محراب فقير، روشن فقير کي پنهنجي نظر سان سلام ڪيو ۽ وري هُو پنهنجي مستيءَ ۾ گم ٿي ويو. اڄ روشن فقير جي چهري تان خوشي غائب هئي. هيءُ محفلِ سماءَ ۾ ويٺو ته هيو، پر سندس خيال ڪنهن ٻي جاءِ تي هئا. اڄ هن سچل سائينءَ جي ڪلام تي رقص به نه ڪيو. ورنه هيءُ ڪيترو به ٿَڪل ڇو نه هجي، پر جڏهن به درگاهه جي صحن ۾ قدم رکندو هيو ۽ سندس سماعتن سان سچل سائينءَ جو ڪلام ٽڪرائيندو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيو تہ سندس سمورو ٽڪ لهي ويندو هيو ۽ هيءُ سٺ سالن جو پوڙهو ويهہ پنجويهہ سالن جي جوان وانگر رقص ڪرڻ لڳندو هو.

محفل جي پڄاڻيءَ تي، محراب فقير سان گڏ سڀ فقير، روشن فقير سان ڀاڪر پائي مليا، پر اڄ روشن فقير جي خاموشيءَ تي سڀ پريشان هئا.

”روشن فقير! اوهانجي طبيعت تہ ٺيڪ آهي؟“ محراب فقير ڪانئس پڇيو.

”جي ها- ٺيڪ آهي،“ روشن فقير آهستگيءَ سان جواب ڏنو پر محراب فقير ڪي تسلي نہ ٿي.

”اڄ اڄ تہ ٿورو اڳتي رلهيءَ تي ٿا ويهون.“ محراب فقير، روشن فقير کي، سندس ڪاٻي هٿ کان وٺي صحن جي ٿڌين حصي ڏانهن هليو - ۽ اُتي پهچي، ويهندي، محراب فقير، روشن فقير کان وري پڇيو ”ڏس روشن فقيرا! جيڪڏهن تنهنجي طبيعت ٺيڪ ناهي تہ ٻڌاءِ، تہ مان ڪنهن ڊاڪٽر کي سڏي وٺان.“

”نہ نہ اهڙي ڪا بہ ڳالهہ ناهي. بس دل تي ٿورو بار ٿو محسوس ٿئي.“

”تہ پوءِ اهو ئي ٻڌائڻ جي لاءِ ڪنهن دل جي ڊاڪٽر کي سڏائي ٿا وٺون-اِن ۾ ڪهڙو حرج آهي.“

”سچل سائينءَ کان وڌيڪ دل جو ٻيو ڪهڙو سٺو ڊاڪٽر ٿي سگهي ٿو؟“ روشن فقير پهرئين تاريخ جي چنڊ جي لڪير وانگر مسڪرائيندي چيو.

”هاڻي مان هتي پهچي ويو آهيان نہ هاڻي مان ٺيڪ ٿي ويندس. تون ڳڻتي نہ ڪر.“

”صحيح آهي، پر پوءِ بہ خبر تہ پوي تہ آخر ڳالهہ ڇا آهي؟“ محراب فقير جي بيچيني ختم نہ پئي ٿي. ختم بہ ڪيئن ٿئي. هي ٻئي هڪ ئي ڳوٺ جا ۽ ننڍپڻ کان ئي سچل سائينءَ جا مريد جو هئا.

”ٻڌايانءِ ٿو“ روشن فقير پرسان پيل جڳ مان پاڻيءَ جو گلاس ڀري پيتو- ۽ پوءِ ڳالهائڻ لڳو”محراب فقير! اڄ منهنجي دل روئڻ ٿي چاهي يار. اڄ مان اندران صفا ٽُٽي پيو آهيان.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پر آخر ٿيو ڇاهي روشن فقير؟ ڪجهه ته ٻڌاءِ؟“ محراب فقير ٿورو ڏاڍيان ڇيو.

”مان ڪراچيءَ ۾ گذريل ٽن مهينن کان پنهنجي پٽ وٽ ترسيل هئس. ان دوران اُتي سوين بيگناهه ماڻهن کي ماريو ويو آهي. ڏک جي ڳالهه اِها آهي ته مرندڙن کي اِها به خبر نه هئي ته انهن کي ڇو ٿو ماريو وڃي؟“

هن جون اکيون آليون ٿيڻ لڳيون. هڪ اڌ سيڪنڊ رُڪجي روشن فقير وري پنهنجي ڳالهه جاري رکي، ”انهن ڏينهن ۾ سنڌ جي ٻين شهرن ۽ ڳوٺن ۾ به ماڻهن جي مرڻ، اُنهن جي زخمي ٿيڻ ۽ ڦرلٽ جون خبرون ٻڌندو رهيو آهيان. سنڌ جي بزرگن ۽ درگاهن تي به حملن جون خبرون ٻڌم پئي. محراب فقير! اهڙين حالتن تي سوچي سوچي مان بيمار ٿي پيو آهيان. اسان سچل سائينءَ جا فقير آهيون، اسان سڀ جو ڀلو گهرندا آهيون، پر هي واقعا برداشت نٿا ٿين مون کان يار!“

روشن فقير روئڻ وارو ٿي هيو ته محراب فقير کيس تسلي ڏيندي چيو، ”الله سائين سڀ نيڪ ڪندو روشن فقير- تون پريشان نه ٿيءُ.“

هاڻي روشن فقير جون نظرون سچل سائينءَ جي مزار تي کُتل هيون.

”ڇڳو اِهو ٻڌاءِ، تو ماني کاڌي آهي؟“ محراب فقير کانئس پڇيو.

”نه- پر بک ناهي. بُک مري ويئي آهي،“ روشن فقير سچل سائينءَ جي مزار تان نظرون هٽائيندي جواب ڏنو.

”پوءِ به ٿورو پيٽ کاءُ- لنگرَ جو پيو آهي،“ محراب فقير اصرار ڪيو.

”نه ادا، طلب ناهي.“

”جي اِها ڳالهه آهي ته پوءِ سمهي پُئه. اسان به سمهون ٿا. باقي ڳالهيون صبح جو ڪنداسين،“ ائين چئي محراب فقير سمهي پيو.

صحن ۾ موجود اڪثر ماڻهو سمهي پيا هئا، پر ڪجهه فقير ۽ عقيدتمند پاڻ ۾ ڪچهري ڪري رهيا هئا. باقي شهر تي به خاموشي ڇانيل هئي.

روشن فقير پنهنجي مٿان ڪاري چادر تاڻي سمهي ٿو پر کيس ننڊ نه ٿي اچي. هيءُ اُتي ويهي ٿو رهي. هِن جي ڪنگهڪر تي محراب فقير کي جاڳ ٿي پوي ٿي. هُو اُٿي اچي هِن جي پير ۾ ويهندي کيس چوي ٿو، ”ڏس روشن فقير! مان تنهنجي ڏک کي سمجهان ٿو. سچل سائينءَ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ڪلام جي ذريعي اسان جي اهڙي تربيت ڪئي آهي، جو اسان مان سچل سائينءَ جو ڪو بہ فقير يا عقيدتمند ڪنهن بہ انسان جو ناحق خون وهندي ڏسي نٿو سگهي. نہ ئي هو ڪنهن جي اک ۾ ڪو ڳوڙهو ڏسي سگهي ٿو. سچل سائينءَ تہ ستن ٻولين ۾ شاعري ڪئي آهي، جنهن جو مطلب آهي تہ اسان جي مرشد وٽ ذات پات، رنگ نسل ۽ مذهب يا فرقي جو ڪو بہ فرق ناهي، هِن جي لاءِ سڀ برابر آهن.“

روشن فقير جو ڪنڌ هيٺ آهي. سندس اکين مان ڳوڙها وهي رهيا آهن ـ ۽ هُو رڳو ”بروبر“ ئي چوندو رهي ٿو. محراب فقير غمگين ٿي وڃي ٿو، پر هو وري پنهنجي ڳالهہ جاري رکي ٿو، ”مون کي خبر آهي تہ تون اج ايترو پريشان ڇو آهين؟ مان تو کي ننڍي هوندي کان سڃاڻان ٿو روشن فقير.“

روشن جي هاٺي ماٺ ٽُٽي پئي، ”پر هي ماڻهو ڇو نٿا هڪٻئي کي سڃاڻن؟“ روشن فقير ڏڪڻ لڳو تہ، محراب فقير ڳالهايو، ”مان سمجهان ٿو تہ هي ماڻهو، انسانن جو جيڪو رت وهائي رهيا آهن، انهن کي انسانيت جي عظمت سمجهہ ۾ ئي نہ ٿي اچي. جڏهن ارڙهين صديءَ ۾ اسانجو سچل سائين زندهہ هيو، تہ اُن وقت اج کان وڌيڪ ماڻهو اڻ پڙهيل هئا، پر اُهي اڻ پڙهيل پنهنجن پڙهيل لکيل ماڻهن جي ڳالهہ سمجهندا هئا، پر اج هي پڙهيل لکيل ماڻهو اڻپڙهيل ماڻهن کان بہ وڌيڪ جاهل آهن. اسان جي هِنن بزرگن اُن وقت جي فرسوده ريتن رسمن، غلط خيالن ـ ۽ انهن جي حامين سان هڪ وڏي ويڙهہ ڪئي هئي. اُنهن ئي ڏينهن ۾ شاهہ عنايت شهيد ۽ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي بہ ماٺ ڪري نہ ويٺا هئا. اِن جو نتيجو اِهو نڪتو جو اِهي سڀئي بزرگ اج زندهہ آهن، پر جن ماڻهن اُن وقت غلط روايتن کي وڌايو هيو، جيڪي انسانن کي ورهائيندا ۽ پاڻ ۾ ويڙهائيندا هئا، اج انهن جو ڪنهن کي بہ نالو ياد ناهي.“

هاٺي هِن جون ڳالهيون ٻڌڻ جي لاءِ پر پاسي ۾ ليٽيل ٻيا فقير بہ اُٿي، سُري اچي هِنن جي پرسان ويٺا. محراب فقير پنهنجي ڳالهہ جاري رکي ٿو، ”اج جيڪو ڪجهہ ٿي رهيو آهي، ان مان ائين ٿو لڳي جڻ اج کان ٽي صديون اڳ اسان جي هِنن بزرگن جيڪي ڪاميابيون حاصل ڪيون

هيون، سي رائيگان ويون،" محراب فقير غمگين ٿي چپ ٿي ويجي ٿو تہ روشن فقير ڳالهائڻ لڳي ٿو "محراب فقير، ڪجهہ ڏينهن اڳ منهنجي اکين جي اڳيان ڪراچيءَ جي هڪ گارمينٽ فيڪٽري ۾ ٿي سئو پورهيتن کي زندهہ ساڙي ماريو ويو ۽ انهن ۾ اُهي ٽِج پياڪ ٻارڙا بہ شامل هئا، جيڪي پنهنجين امڙين سان گڏ اُتي آيا هئا ـ ۽ وري ڪلهہ ڪراچيءَ ۾ ٻن رهائشي عمارت کي بارود سان اڏائي ڪيترائي ماڻهو ماريا ويا آهن ۽ ڪيترا زخمي ڪيا ويا آهن. مون ٽي وي تي اِنهن ڊٺل فليٽن جي ڇاپڙن هيٺان ٻارڙن جا پڳل رانديڪا بہ ڏٺا..." ائين چئي هو زارو قطار روئڻ لڳو تہ، اُتي موجود سيني فقيرن جي اکين مان بہ ڳوڙها ٽپڪي پيا. جيڪي پنهنجين چادرن ۽ اجرڪن جي پلوَن سان پنهنجون اکيون اُگهڻ لڳا.

ماحول تي خاموشي طاري ٿي ويئي. محراب فقير پنهنجا ڳوڙها اگهندي، پنهنجون ٻانهون ورائي روشن فقير جي ڪلهي تي رکندي کيس چيو "روشن فقير، اسان کي خبر آهي تہ اڄ ڪجهہ بہ ناهي بچيو. سيڪجهہ تباهہ ٿي ويو آهي، پر جيڪو ٿورڙو گهڻو بچيو آهي، ان کي بچائڻ ۽ وڌائڻ جي لاءِ اسان کي دل برداشتو ناهي ٿيڻو. تون ائين سمجهہ تہ اِهي جيڪي معصوم ماڻهو مارجي رهيا آهن، پوءِ چاهي اهي ڪهڙي بہ ٻولي ڳالهائيندا هجن، ڪهڙي بہ نسل جا هجن ۽ ڪهڙي بہ فرقي جا هجن، اهي اسان جا پنهنجا آهن. اهي سچ جا شهيد آهن، حق جا شهيد آهن. پر اِهو بہ سمجهي ڇڏ تہ، جنگ ڪانپوءِ امن لازمي طور ٿيندو آهي ـ ۽ پوءِ ماڻهو وري پنهنجا ڏک وساري ڇڏيندا آهن. وري ڪيتن ۽ ميدانن تي زندگي رقص ڪرڻ لڳندي آهي ـ ۽ وري ڪِل هوائن سان گڏجي پري پري تائين سفر ڪندي آهي، تنهن ڪري تون فڪر نہ ڪر. حق ۽ سچ کي ڪو بہ نٿو هارائي سگهي. حق ۽ سچ ناقابلِ شڪست آهن."

ان دوران ڀر واري مسجد مان صبح جو آذان اچي ٿو. روشن فقير پنهنجا ڳوڙها اگهيا. هاڻي صبح ٿي چڪو هو. هيءُ سچل سائينءَ جي درگاهہ کي گهوري ڏسڻ لڳي ٿو. اُن دوران سچل سائينءَ جا ڪجهہ راڳي وري سچل سائينءَ جو ڪلام ڳائڻ لڳن ٿا، "مان جوئي آهيان، سوئي آهيان...."

*2012ع*



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# گنڌارا جو ماڻهو

مان ڪجهہ ڏينهن جي لاءِ اسلام آباد آيو هيس، جتي مون طئي ڪيو هو تہ مان مُهين جي دڙي جو ماڻهو گنڌارا جي تهذيب جا آثار ضرور ڏسندس، تنهن ڪري هڪ آچر تي صبح جو اٺين وڳي راولپنڊيءَ جي ”پيرو وڌائي بس اسٽاپ“ تان پشاور ويندڙ بس ۾ چڙهي وينس. بس ڪلاڪ ڏيڍ ۾ اچي ٽيڪسيلا ڇڏيو. ٽيڪسيلا شهر ۾ لهي مکيہ روڊ تي واقع هڪ دڪاندار واري ڪان ٽيڪسيلا ميوزيم جو ڏَسُ پڇيم. هُن بااخلاق نوجوان روڊ جي ٻئي طرف کان هڪ ٽانگي تي ويهي ميوزيم تائين وڃڻ جو چيو.

ٽانگي تي چڙهي ميوزيم پهچي، گهاٽن وڻن جي پناهہ ۾ نهيل ميوزيم جي گيٽ وٽان رسيپشن تان ٽڪيٽ وٺي اندر ويس. اندر وڃي اُتي پيل هر شيءِ مان مُهين جو دڙو ڳولڻ لڳس. ٺڪر جا ٿانوَ اوزار، زيور، ٻڌ جا انساني قد کان وڏا مجسما ۽ گنڌارا دور جون ٻيون وڏي احتياط سان سنڀالي رکيل شيون ڏسي مون کي مُهين جي دڙي جي مظلوميت ياد اچي ويئي.

ميوزيم مان ٻاهر نڪري ساڳئي ٽانگي ۾ ويهي ٿورو پرَيَرو موجود گنڌارا تهذيب جا قديم آثار ڏسڻ لاءِ روانو ٿيس. 34 سالن جي عمر جو هڪ سنڌي نوجوان، هڪ اجنبي ديس ۾ موجود هو. مان ٽانگي جي پوئين سيٽ تي ويٺو هيس. 2000ع جي جنوريءَ جو مهينو هجي. اُن ڏينهن اسلام آباد ۾ تمام گهٽي برسات پئي هئي، پر مونکي سيءُ نہ ٿيو هو. ٽيڪسيلا جي علائقي جي موسم تمام گهٽي وٽندڙ هئي. اسان جو ٽانگو جڏهن ٽيڪسيلا شهر کي ڇڏي هليو تہ ڪراڙي ڪوچوان مون کان پڇيو ”ٻچا، ڪير آهين ۽ ڪٿان آيو آهين؟“

”بابا، مان سنڌي آهيان ۽ سنڌ مان آيو آهيان.“ منهنجي جواب ڪراڙي پٺاڻ کي حيرت ۾ وڌو. هُن کي اعتبار ئي نہ پئي آيو تہ ڪو سنڌ جو ماڻهو اڪيلي سِرِ ههڙو رج جو پنڌ ڪري سگهي ٿو. ڇاڪاڻ جو هُن جي مٿي ۾ اِها ڳالهہ ويٺل هئي تہ ’سنڌي تہ پنهنجي ويجهي شهر کي بہ پرديس سمجهندا آهن،‘ تنهنڪري اُن قوم سان تعلق رکندڙ هڪ نوجوان ڪيئن ٿو اڪيلو ڪنهن اجنبي ديس ڏانهن نڪري سگهي؟

”مان بہ سنڌ ۾ رهي آيو آهيان؟“ ڪراڙي ڪوچوان ٻڌايو.

”اڇا!“ ڪٿي؟

”سجاول ۾ هڪ ڊرائيور منهنجو يار هو اُن وٽ.“

”اڇا.“

”سنڌي رات جو دلير ۽ ڏينهن جو بزدل هوندا آهن.“ ٽيڪسيلا ميوزيم کان هري پور واري تنگ روڊ سان ٽيڪسيلا جي قديم آثارن ”جوليان“ (جاءِ وليان) ڏانهن ويندڙ رستي تي گهوڙي کي تيز هڪليندي اِن چيو. هِن جي اهڙي راءِ تي روڊ جي ٻنهي پاسن کان مِٺن مالٽن سان سجيل باغن جو حُسن مون اڳيان بي معنيٰ ٿي ويو.

”هِنن (سنڌين) کي جيڪڏهن رات جو ڪير رستو نہ ڏيندو تہ اُن کي ڪهاڙي هڻڻ ۾ دير ئي نہ ڪندا آهن، پر ڏينهن جو پنهنجي گهر ۾ بہ پيا ماربا، تڏهن بہ ڪڇندا ڪونہ.“ هِن جڏهن پنهنجي ڳالهہ پوري ڪئي تہ منهنجي چهري جي موسم بدلجي ويئي. ڏُک گهرو ٿيو. ڪجهہ ڪڇڻ چاهيم، پر اِهو سوچي ماٺ رهڻ بهتر سمجهيم تہ ”گنڌارا واسي پل اڃا وڌيڪ ڳالهائي، جيئن خبر پوي تہ سنڌ کان ٻاهر رهندڙ ماڻهو سنڌ ۽ سنڌين بابت ڇا ڇا سوچين.“

”سنڌي چور بہ وڏا آهن. اِنهن جو رڳو هڪڙو مرد جيل کان ٻاهر هوندو آهي، باقي ٻيا سڀ جيل ۾ هوندا اٿن.“ هِن مثال ڏيندي ٻڌايو تہ ”66_1965 ۾، جڏهن مان پنهنجي هڪ ڊرائيور دوست سان گڏجي سجاول ويو هيس، تہ اُتي هڪ گهر ۾ ست ڀائر هوندا هيا. اُنهن مان 6 ڄڻا جيل ۾ هئا ۽ هڪ جيل کان ٻاهر هو. جڏهن جيل مان اِنهن جو هڪ ڀاءُ ڇُٽي ايندو هو تہ اُنهن جو اُهو ڀاءُ، جيڪو ٻاهر

هوندو هو. اُهو اُن ئي رات چوري ڪري جيل هليو ويندو هو“ ڪراڙي ائين چئي، ٿهڪ ڏيئي گهوڙي کي نيٽ جو ڇهبڪ هنيو ته منهنجي اندر ۾ وڏ پئجي ويو.

”باقي سنڌي مهمان نواز وڏا آهن. مانيءَ جو وقت هوندو ته مسافر کي پيٽ بکيو نه ڇڏيندا.“ هِن جي اهڙي ساراهه منهنجي اندر جي تاندن تي ڪجهه ڇنڊا وِڌا ته هُن وري ڳالهائڻ شروع ڪيو: ”پر هُو (سنڌي) جي پنهنجي ڪنهن ويجهي شهر ويندا. تڏهن به چوندا ته اسان پرديس ٿا وڃون.“ هُو ائين چئي مُشڪيو ته مون ساڻس اِن ڳالهه تي اعتراض ڪيو ته. ”سنڌين جي اهڙي سوچ اڄ کان پنجٽيهه چاليهه سال اڳ هوندي. هاڻي هُو اوهان کي دنيا جي هر ملڪ ۾ ملندا.“ پر مان هُن جي لڳاتار ايندڙ الزامن جي ترديد نه ڪري سگهيس. ڇاڪاڻ جو اُن وقت يا هِن وقت مان اِهو فيصلو ناهيان ڪري سگهيو ته اسين بهادر آهيون يا بزدل؟ ڇا آهيون؟ پنهنجي ”اِن شڪ جي گناهه“ جا مون وٽ لاتعداد سبب ڪلهه به هئا ۽ اڄ به آهن.

مون اڳيان جڏهن هڪ قطار ۾ ڪنڌ تاڻي بيٺل، ٽهڪ ڏيندڙ سنڌي ڌاڙيل، سنڌي چور، سنڌي لُچ، سنڌي لوفر، سنڌي زاني، سنڌي منشيات فروش، سنڌي ڪامورو، سنڌي سپاهي، سنڌي مرد، سنڌي شاگرد اڳواڻ ۽ سنڌي سياستدان ۽ ٻئي قطار ۾ ڪنڌ لاڙي بيٺل، ڏڪندڙ زاروقطار روئندڙ سنڌي عورت، سنڌي نياڻي، سنڌي نينگري، سنڌي امڙ، سنڌي پيرڻ، سنڌي هاري، سنڌي مزدور، سنڌي عام ماڻهو ۽ سنڌي عام شاگرد جون تصويرون ڦري اچن ٿيون. تڏهن منهنجي سموري وجود کي شڪ ۽ پشيماني پڪڙي رکي ٿي، زبان ڏکي ٿي ۽ اکين جون نديون باهه سان پرجي وَهي هلن ٿيون ۽ مان فيصلو نٿو ڪري سگهان ته. سنڌي بهادر آهن يا بزدل آهن؟

مون، مُهين جي دڙي جي تهذيب جي هڪ ماڻهوءَ گنڌارا ۽ مهاڀارت واري گنڌاريءَ جي تهذيب ڏانهن ويندي سرحد جي هڪ عام ماڻهوءَ سان شعوري طور اِن ڳالهه تي اَٽڪڻ مناسب نه سمجهيو ته. ”سنڌي ڏينهن جو ڀاڙيا آهن.“

مان ”ڪالھوڪي سنڌو ماتريءَ“ جي عظيم تھذيب جو وارث، ”اڄوڪي سنڌ ماتريءَ“ جي زوال پذير تھذيب جو بچاءُ ڪريان ته ڪيئن ڪريان؟ مون وٽ ته اڄوڪي تھذيب جي بچاءَ ۽ تعريف جي لاءِ ڪي به مددي سبب ناھن رھيا. ”مون پاڻ کي اندر ئي اندر ۾ چيو.

جڏھن زميني سطح کان 300 فٽ مٿي پھاڙيءَ تي واقع ”جوليان سائيٽ“ وٽ ڪنوارن ٻڌ ڀڪشوئن جي خانقاه (Monastery) ڏسان ٿو، جنھن بابت اُتي لڳ ڀڳ ڏھن سالن کان گائيڊ طور ڪم ڪندڙ بشارت خان ٻڌائي ٿو ته. ”اِھا گنڌارا دور (ٻي صدي عيسوي) ۾ ٻڌمت جي پيروڪارن، خاص طور ڀڪشوئن (Monks) جي انٽرنيشنل يونيورسٽي ھئي، جيڪا 1916ع کان 1918ع تائين سر جان مارشل جي نگرانيءَ ۾ ٿيل کوٽائيءَ دوران ظاھر ٿي، جنھن ۾ ھڪ اسيمبلي ھال، رھائشي ڪمرا، باٿ روم، بورچيخانو ۽ ٻڌمت جا سھڻا استوپا شامل آھن- ۽ جنھن مونيسٽريءَ کي پنجين صدي عيسويءَ ۾ وائيٽ ھُنس (White Huns) ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيو ھو“ ته مون کي مھين جي دڙي جا تيزيءَ سان ڀڄندڙ پُرندڙ آثار ياد اچن ٿا ۽ مان اجا غور سان جڏھن مھين جي دڙي کي تصور ۾ آڻيان ٿو ته مونکي موجوده دور ۾ ھر عيد جي ڏھاڙي تي سنڌ جي خاص طور اُترين علائقن مان مھين جي دڙي تي ايندڙ نوجوان نظر اچن ٿا. جن جي ھٿن ۾ ھڪ وڏو ٽيپ رڪارڊر آھي ۽ جنھن ۾ شمن ميرالي جي آواز ۾ آڊيو ٽيپ ھلي رھي آھي، جنھن جي لئه تي اُھي نوجوان استوپا ۽ گريٽ باٿ جي پرسان پُرندڙ پٽين تي چڙھي نچي رھيا آھن- ۽ جڏھن مان ناچ دوران سندن ڪچندڙ قدمن کي گُھوري ڏسان ٿو ته اُنھن جي ھيٺان مھين جي دڙي جي ھزارين سال پراڻي تاريخ رڪندڙ سِرون ھيٺ ڪِرندي نظر اچن ٿيون. اُن لمحي مون کي محسوس ٿئي ٿو ته جڏھن اِنھن آثارن مان ھڪ سِرَ ٽُٽي ٿي ته ڄڻ سنڌ جي عظيم تھذيب جي عمارت جي ھڪ ديوار ڍھي ٿي ۽ تاريخ جو ھڪ وڏيڪ ورق ڦاٽي ٿو.

جوليان جا آثار ھڪ ننڍڙي ايراضيءَ تي پکڙيل آھن. اُتي ھڪ ڪمري جي ديوار کي ڏسان ٿو، جتي اڳ ۾ ٻڌ جو وڏو مجسمو لڳل



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو. ”اهو مجسمو انگريز ڪٽائي ويا هئا، ڇوتہ هِن ايريا جي ڪوٽائي هندستان تي انگريزن جي حڪمرانيءَ واري دور ۾ ٿي هئي،“ بشارت ٻڌائي ٿو.

مان جوليان جي اولهہ واري پاسي کان واقع هاسٽل، اسيمبلي هال ۽ بورچيخانو ڏسان ٿو. اُن جي پرسان ئي هڪ سُڪل نديءَ تي نظر پوي ٿي، جنهن جي هڪ ڪناري تي جوليان ۽ ٻئي ڪناري تي پهاڙن جي هڪ ڊگهي قطار آهي. ”جڏهن هيءَ جاءِ آباد هوندي ۽ هيءَ ندي تارون تار وهندي هوندي، تڏهن هِن هڪ انتهائي خاموش علائقي ۾ شام جو پهاڙن ۾ لهندڙ سج ڪيترو نہ سٺو لڳندو هوندو!“ مان دل ۾ سوچيان ٿو. اِن ندي کي ڏسي مون سوچيو تہ اِها برساتي پاڻيءَ تي وهي هلندڙ ندي بہ ٿي سگهي ٿي، پر اِهو بہ ممڪن آهي تہ اِها سنڌوندي مان نڪرندي هجي، ڇاڪاڻ جو اِها آئي اُن طرف کان پئي، جنهن طرف سنڌو ندي وهي پئي. سنڌوندي هِن علائقي کان ڪو گهڻو پري بہ ڪونہ هئي. جڏهن بشارت خان ٻڌايو تہ ”سنڌوندي هتان گهڻي پري ناهي،“ تہ ان وقت منهنجيءَ دل ائين سَٽ کاڌي، جيئن ڪو معصوم ٻار پنهنجيءَ ماءُ ڏي سَٽ کائيندو آهي.

”هيءَ اُها سڙڪ آهي، جتان اسلام آباد وڃي سگهجي ٿو پر هِن سڙڪ جي اهميت انڪري آهي جو هِن سڙڪ تان شير شاهہ سُوري گذريو هو،“ بشارت ٻڌايو. ”هيءَ سڙڪ ڪوهستان ڏانهن بہ وڃي ٿي.“ هُن جڏهن ائين چيو تہ مون جوليان ۽ اُن سڙڪ جي ٻئي پاسي ٽڪريءَ جي هنج ۾ دونهين دُکائي ويٺل خانہ بدوش ماڻهن ڏانهن ڏِٺو تہ بشارت چيو ”اِهي ڪوهستاني آهن، جيڪي سياري جي مُند ۾ هتي ايندا آهن.“ هِن جي اهڙي ڳالهہ تي مونکي سنڌ ۾ سياري جي موسم ۾ بلوچستان جي خضدار واري پاسي کان جبلن تان لهي ايندڙ بروهي ياد آيا، جيڪي اسانجي ڳوٺ جي پرسان پڪا اڏي اچي ويهندا هئا. اِنهن جا مرد رڍون چاريندا هئا ۽ مايون اسان ۽ ٻين جي زمينن تي ڪُڏي ۽ زمين جو ڪم ڪنديون هيون. اِهي اسانجي گهر پاڻي ڀرڻ اينديون هيون ۽ منهنجي ڏاڏي ۽ منهنجي

امڙ اُنهن کي اَنُ، پيسا، ماني ۽ پاڃي ڏينديون هيون. اُهي امڙ جون ساهيڙيون ٿي ويون هيون. پر اُنهن ۾ هڪ نوجوان عورت نازو هئي، جيڪا مون کي اڄ بہ ياد آهي. اُها امڙ جي سيني کان وڏيڪ گهاٽي ساهيڙي هئي. هڪ ڀيري مان شام جو گهمندي اُن جي پکي ۾ هليو ويو هيس تہ ماسي نازوءَ مونکي دانگيءَ تي چانورن جي هڪ وڏي ماني پچائي کارائي هئي. ان جو ذائقو اڄ بہ تازو آهي. اُن وقت مان ٻار هيس، پر اُنهن حسين بروهڻين کي ڏسي دل ۾ چوندو هوس تہ، ”مان وڏو ٿي شادي ڪندس تہ ڪنهن بروهڻِ سان ڪندس.“

مان ماضيءَ جي اِنهن حسين يادن مان اُن وقت نڪري ٿو اچان، جڏهن منهنجي نظر لهندڙ سج تي پوي ٿي. ڇاڪاڻ جو مونکي واپس ٽيڪسيلا پهچڻي، اُتان بس پڪڙي اسلام آباد وڃڻو آهي.

مان بشارت کان موڪلائي ٿي سئو فوٽ جي اوچائيءَ واري ٽڪريءَ تان هيٺ لهي ساڳئي ٽانگي ۾ ويهان ٿو تہ ڪراڙو ڪوچوان چوي ٿو، ”پٽ، اِهي ڪنڊر ڏسي توکي ڇا مليو؟“

”بابا، اِهي ڪنڊر ڏسي مان اڄ پاڻ کي ارڙهن سئو سالن جي عمر جو ٿو محسوس ڪريان.“

”اِهو ڪيئن؟“

”اِهو هيئن تہ اِهي آثار ارڙهن سؤسال اڳ جا آهن ۽ مان اِهي ڏسي پاڻ کي اُن دور کان جنم ورتل ٿو محسوس ڪريان.“

”چريو تہ ناهين پٽ؟“

”ٿورو ٿورو چريو بہ آهيان بابا.“

”پوءِ توتي ميار ناهي پٽ،“ ائين چئي هُن گهوڙي کي ڳِتِڪرَ ڏيئي ڇهبڪ هنيو ۽ مون اولهہ ۾ ڏٺو تہ سج جو رتورت اڌڙ گم ٿي چڪو هو.

*1999ع*



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪَپيل زبانن جي گفتگو

ناصر، شانتي نگر مان نِڪري اردو يونيورسٽيءَ کان اچي هڪ ڪوچ ۾ چڙهي مزارِ قائد ڀرسان واقع دائود انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ وٽ لٿو. يونيورسٽيءَ ۾ اونهاري جون موڪلون هجن. هيءُ ٻہ ڪلاڪ ڪن اسٽاف روم ۾، هڪ ڪنڊ ۾ پيل صوفي تي خاموش ويٺو رهيو. سندس ساٿي پروفيسر ملڪ جي سياست ۽ حڪومت بابت ڳالهائي رهيا هئا. ڪنهن ڪنهن وقت ڪنهن دوست پاران پڇيل ڳالهہ تي ناصر رڳو ها يا نہ، ڪانسواءِ وڌيڪ جواب نٿي ڏنو.

هيءُ اُتي وڌيڪ وقت تائين ويهي نہ سگهيو. سندس مَن ۾ گذريل عيد واري ڏينهن سمنڊ ۾ چڙهي آيل تيز ڇولين جهڙو شور هو. سامونڊي ڇولين تہ ٽيهن ماڻهن کي پنهنجي سيني سان لائي گهري سمنڊ ڏانهن ڪٽي ويون هيون، پر هِن کي خبر نہ هئي تہ، سندس مَن ۾ اُڀري آيل ڇولين هِن جي باقي زندگيءَ جو ڇا ڇا ٻوڙينديون ۽ ڇا ڇا لوڙهينديون؟ جيتوڻيڪ هيءُ اڳ ۾ ٻہ ڪيترائي ڀيرا ٻُڏو هو، پر هُو ٻُڏي وري تَري ڪناري تي اچي ٿي ويو. هر ڀيري هِن کي، جيتوڻيڪ پڪ هوندي هئي تہ سندس پيرن هيٺان آيل ڪنارو عارضي آهي، تنهن هوندي بہ هيءُ اُن ڪناري جي مِٽيءَ سان پنهنجا پيرَ ڦَٻائي هليو هو. اڄ هيءُ يونيورسٽيءَ مان نڪري مزارِ قائد ڏانهن هلڻ لڳو تہ، سندس پير تيز ڪاهڻ لڳا.

يونيورسٽيءَ ٻاهران چوڪ وٽ ٺهيل دنيا جي گولي تي نظر وڌائين. اِن مان ڪيس رت ٽِمندي نظر آيو: عراق، شام، لبيا، لبنان، فلسطين، الجزائر، افغانستان، يوڪرين، هر جاءِ تي گولي ۾ غصي پنهنجي حاڪميت قائم ڪري ورتي هئي. ناصر ٿڌي آهہ ڀري اڳتي وڌڻ لڳو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِن جو ڪنڌ هيٺ هو. هيءُ آهستي آهستي هلندو رهيو. هيءُ مزارِ قائد ڏانهن ويندي روڊ تي احتياط سان پير رکي هلي رهيو هو. هِن کي ڪنهن بہ جاءِ تي پنهنجي ڪِري پوڻ جو خوف هو. هيءُ مزارِ قائد جي پنئين پاسي کان موجود پيپلز سيڪريٽريٽ تي هڪ نظر وجهي، شهيد پٽي، شهيد بينظير ۽ ٻين اڳواڻن جي تصويرن وارا پينافليڪس ڏسي، هڪ لمحي جي لاءِ اکيون بند ڪري، اکين ۾ ڳڙهي خدا بخش کي آڻي، ڳاڙهيون اکيون پٽي، اکيون اُگهي، وري ڪنڌ هيٺ ڪري مزارِ قائد ڏانهن وڌڻ لڳو. مزارِ قائد جي ساڄي پاسي واري دروازي کان هيءُ مزار ۾ داخل ٿي، هڪ ڪنڊ ۾ پيل بينچ تي وڃي ويهي، قائد اعظم محمد علي جناح جي سفيد سنگ مرمر واري مقبري کي ڏسڻ لڳو.

هِن جون سوچون تيزيءَ سان وڃي 1947ع واري ڏينهن تي بيٺيون، جڏهن ايشيا ۾ هڪ نئون ملڪ ٺهيو هو. سندس ذهن ۾ انگريزن جي دور ۽ اُن کانپوءِ واري دور بابت، سمنڊ جي تيز ڇولين جيان سوچون آيون ويون ٿي ۽ هيءُ اُنهن ۾ ڪنهن اڻ تاروءَ جا ٻڏندو ترندو رهيو.

هِن گذريل ڏهن ڏينهن کان ننڊ نہ ڪئي هئي. گذريل 13 آگسٽ 2014ع کان ملڪ ۾ ”انقلاب“ ۽ ”آزاديءَ“ جي نالي سان لاهور مان ماڻهن جا ٻہ جلوس ملڪ جي گاديءَ واري هنڌ ڏانهن هليا هئا. جن مان هڪ جلوس جي اڳواڻي هڪ مذهبي رهنما ڪري رهيو هو تہ ٻئي جي هڪ نئون سياستدان ڪري رهيو هو. مذهبي اڳواڻ ڪئناڊا جو شهري هو ۽ نئين سياسي اڳواڻ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان تعليم حاصل ڪئي ۽ لنڊن جي ئي هڪ اميرترين ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي هئي، پر بعد ۾ هِنن جي وچ ۾ جيتوڻيڪ طلاق ٿي ويئي، تنهن هوندي بہ هُو اڄ بہ هڪ ٻئي جا مددگار هوندا آهن.

اِهي ٻئي جلوس، جن کي لانگ مارچ چيو ٿي ويو، 14 آگسٽ تي اسلام آباد پهچي ويا، جن ۾ شامل ماڻهن کي آبپاره چوڪ وٽ الڳ الڳ طور ويهاريو ويو.

اڄ 23 آگسٽ هئي. گذريل ڏهن ڏينهن کان اسلام آباد ۾ جاري راند ٽيليويزن چينلز تان ڏسڻ ۽ ملڪ جي سياست بابت سوچڻ سبب ناصر

تمام گهڻ نند ڪئي هئي. هِن کي ڌرٽي وارين پارٽين مان ڪنهن سان بہ ڪا همدردي نہ هئي، هِن کي همدردي رڳو پنهنجي وطن جي ماڻهن سان هئي، جن سان هر بار دوکو ڪيو ويو هو. هينئر وري نئين دوکي جو سامان گڏ ٿيندو ڏسي، هيءُ اُن خلاف ڪا نئين اميد ڳولڻ نِڪتو هو.

..........

ناصر سنڌ جي هڪ اهڙي ڳوٺ ۾ ڄائو هو، جتي جديد دور اڃا پنهنجا قدم نہ رکيا هئا، جتي ڏينهن جو عام ماڻهن جي زندگيءَ جا زخم ڪُرندا ۽ رات جي اوندهہ ۾ اُهي اميد جي لُپريءَ ۾ ويڙهبا هئا. اِن ڳوٺ ۾ اڄ بہ ناصر جا ڀائر، ڀينرون ۽ ٻيا مِٽ مائٽ رهن ٿا. هيءُ مهراڻ يونيورسٽي ڄامشوري مان مڪينيڪل انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشين ڪرڻ ڪانپوءِ ڪراچي شهر ۾ اچي رهيو هو، جتي هينئر هيءُ دائود انجنيئرنگ يونيورسٽيءَ ۾ اسسٽنٽ پروفيسر جي حيثيت ۾ پنهنجون خدمتون انجام ڏيئي رهيو هو. ڄامشوري ۾ پڙهڻ وقت هيءُ کاٻي ڌر جي هڪ شاگرد تنظيم جو سنڌ سطح جو عهديدار رهيو هو. اُن دوران هِن ملڪ ۾ آمريت خلاف هليل تحريڪ ۾ پڻ ڀرپور حصو ورتو ۽ جيل بہ ڪاٽيو هو.

اڄ جيتوڻيڪ ملڪ مان آمريت ختم ٿي چڪي هئي، پر آمريتي ذهن اڃا موجود هئا ـ ۽ هِن جي سوچ پڻ اڃا اڳ واري عوام دوست ئي هئي. اڄ بہ هِن جي اکين ۾ اُهي خواب هئا، جيڪي هِن اڄ کان 30 سال اڳ ڏٺا هئا. هيءُ اڄ بہ چاهي پيو تہ هيءُ سماج تبديل ٿئي، اُن جي جاءِ تي هڪ اهڙو سماج قائم ٿئي، جنهن ۾ جيڪڏهن ڳوڙها وَهن تہ خوشيءَ ۾، هٿيار کڄن تہ خوشيءَ ۾ هوائي فائرنگ جي لاءِ، جي ڪارخانا ۽ ملون لڳن ـ ۽ ٻيا ادارا ٺهن تہ اُنهن ۾ ملازمتون سڀني ماڻهن کي برابر جي حساب سان ملن ـ ۽ اسڪول، اسپتالون ۽ يونيورسٽيون سڀني ٻارن کي هڪجهڙي ۽ مفت تعليم ۽ صحت جون سهولتون ڏين. جيتوڻيڪ هِنن جو اهڙي سوچ وارو قافلو لُٽجي چڪو هو، پر تبديليءَ ۾ هِن جو ويساهہ اڃا بہ پختو هو. هِن اڄ بہ اڳ واري جذبي تحت تبديلي چاهي پئي.

هِن جي روح کي تازو رَسيل گهاءُ اُڪلي پيو: هيءُ جڏهن مهينو کن اڳ عيدالاضحيٰ تي پنهنجي اباڻي ڳوٺ ويو هو تہ عيد نماز پڙهڻ ڪانپوءِ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيءُ جيئن ئي پنهنجي پيڻ جي گهر ساڻس ملڻ ويو تہ اُتي ڳوٺ جي هڪ مائي اچي، ڪيس هٿ ڏيئي، ڪٽ تي سندس پرسان ويٺي. هيءُ اچا پنهنجي پيڻ ڪان حال احوال وٺي ئي رهيو هو تہ پرسان ويٺل اُن مائيءَ اوچتو پنهنجي مٿي تان پوتي لاهي، هِن جي پيرن تي رکندي چيو "ابا، هِن پوتيءَ جو قسم ٿئي، منهنجي ٻچڙي ڪي نوڪري وٺي ڏي. هو بيروزگار آهي. گهر ۾ وينو آهي. انٽر پاس آهي." مائيءَ سڏڪو پريو. هِن ڪي سمجهہ ۾ نہ آيو تہ هيءُ اوچتو ڇا ٿي ويو؟ پر هن اُن ئي لمحي تڪڙ ۾ پنهنجا پيرَ پوئتي ڪِسڪائي، مائيءَ جي پوتي پنهنجن پيرن تان هٽائي، اُن جي مٿي تي رکندي ڪيس چيو"ادي، مان وڏ ۾ وڏ ڪوشش ڪيان ٿو."

جڏهن اُن مائيءَ مٿي تي پوتي رکي، پنهنجا ڳوڙها اگهيا تہ هِن جو اندر چيرجي پيو. هِن جي دل چاهيو تہ هيءُ پنهنجي ۽ هِنن ماڻهن جي لاچاريءَ تي دانهون ڪري روئي. پنهنجو مٿو ڦاڙي يا پنهنجو مٿو وڃي اُنهن ماڻهن سان ٽَڪرائي، جيڪي ههڙي صورتحال پيدا ڪرڻ جا ذميوار آهن. هِن جو ڳوٺ اڳ اهڙو غريب نہ رهيو هو. هر ماڻهو پنهنجي مڃيءَ مانيءَ وارو هوندو هو. پر هاڻي غربت هئي، جنهن سيني ڳوٺاڻن جي گهرن مان سُک کي تَڙي ٻاهر ڪڍي، اُنهن تي قبضو ڪري ورتو هو.

هيءُ ٽن ڏينهن تائين پنهنجي ڳوٺ ۾ رهيو هو پر هِن کي سواءِ ٻُک ۽ بيماريءَ جي اُتي ٻيو ڪجهہ بہ نظر نہ آيو هو. الائي ڪيترن غريب ماڻهن هِن ڪان اچي پئسا گهريا هئا. هِن رڳو ڪراچي پهچڻ لاءِ ڪرائي جيترا پئسا پاڻ وٽ بچائي رکي، باقي سڀ پئسا غريب مائٽن ۽ غريب سڄاڻپ وارن کي ڏيئي ڇڏيا هئا. هِن جي دل چاهيو هو تہ"جيڪڏهن وٽس ڍير پئسن جا هجن تہ هيءُ اُهي هِنن غريبن ۾ ورهائي ڇڏي." پر هيءُ ائين ڪري نٿي سگهيو ڇاڪاڻ جو هڪ تہ هِن وٽ ايترا پئسا هئا ڪونہ ٻيو تہ هِن وٽ پگهار مان جيڪي پئسا آيا ٿي، اُهي تہ پنهنجي امڙ، ٻن ٻارن، گهرواري ۽ سندس پنهنجي خرچ جي لاءِ مَس پورا ٿي ٿيا. تنهن ڪري هِن سوچيو هو تہ سندس پيرن تي پيل ان پوتيءَ جو پلاند هِن سماج کي ڊاهڻ سان ئي وٺي سگهجي ٿو.

........



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِن مزارِ قائد تي آيل ڪجهه ماڻهن تي نظر وڌي، جيڪي پنهنجي پنهنجي انداز سان گهمي رهيا هئا. هِن کي اِهي انسان نه، پر بوتا محسوس ٿيا. هِن کي اِهو به محسوس ٿيو ته، اِنهن جو ڳالهائڻ بند آهي. اِنهن جون زبانون ڪٽيل آهن. هِن کي رڳو پاسي مان گذرندڙ گاڏين جو شور ٻڌڻ ۾ ٿي آيو. بس. "هِن ملڪ ۾ به رڳو شور ئي ته وڃي رهيو آهي، جنهن جي ڪا به معنيٰ ناهي، باقي ڳالهائي ته ڪير به نٿو. جڻ ڪه مشينون هلنديون هجن شور واريون." هِن پاڻ کي چيو.

"جي هِن ملڪ جا ماڻهو ڳالهائين ها ته، اڄ اُنهن کي ڳالهائڻ جو موقعو ئي نه ملي ها، جيڪي چند هزار ماڻهو وٺي اسلام آباد ۾ پارليامينٽ هائوس اڳيان ڌرڻو هڻي ويٺا آهن ۽ ملڪ ۾ انقلاب ۽ آزاديءَ جون ڳالهيون ڪري رهيا آهن." هِن پاڻ سان ڳالهايو.

ناصر جي ذهن ۾ جيئن ئي "انقلاب" ۽ "آزادي" جا لفظ آيا ته، هيءُ ڏڪڻ لڳو، سندس دماغ گرم ٿيڻ لڳو. "هي ماڻهو ٿا انقلاب ۽ آزاديءَ جي ڳالهه ڪن، جيڪي، ڌرڻي ۾ اچي، تقرير ڪري، وري وڃي پنهنجن محلن جي ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرن ۾ ٿا آرام ڪن؟" انقلاب ۽ آزادي ائين ملندي آهي؟" اها ايتري سستي آهي؟

اِها ته سِرَ گهرندي آهي، اِها ته سِر جي بازي گهرندي آهي، اِها ته ذاتي خاندانن جو خون گهرندي آهي، اِها ته محبوبن جا وڇوڙا گهرندي آهي، اِها ته رات جي پهر ۾ بدن تي ايندڙ ايذائن جي لذت گهرندي آهي، اِها ته اوجاڳن جو انعام گهرندي آهي، اِها ته بکون، فاقا ۽ مسلسل ويڙهه گهرندي آهي، اِها عياشي ته ناهي گهرندي؟ اِها ته تقرير ڪندي مُنهن تان ٽِشو پيپر سان پگهر اگهڻ وارو انداز ته ناهي گهرندي. اِها ته جسم تي رت جون پينٽنگس نهڻ، روپوش رهڻ ۽ مري جيئڻ سان ملندي آهي- اِها ائين ٿوروئي ملندي آهي، جيئن هي ماڻهو گهري رهيا آهن؟" هِن جي ذهن ۾ تقرير هلندي رهي ۽ سندس اکين اڳيان دنيا جي انقلابين جون تصويرون ايندڙيون ويون..... لينن، مائوزي تنگ، ڪم اِل سنگ، ڪاسترو، چي گويرا، نذير عباسي، ڀڳت سنگهه، حسن ناصر، سڀاش چندر بوس، آزاد....



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪٿي هي انقلابي؟ ۽ ڪٿي اسلام آباد پهتل هي ڪُوڙا قيصر لُنڊَ؟“ زمين تي زور سان لَت هڻي اُٿيو. سندس اڳيان هندستان تي قبضو ڪري ويٺل انگريز 1857ع واري جنگِ آزادي، هندو مسلم فساد، رتوڇاڻ، باهيون، سرحد جي ٻنهي پاسن کان لڏپلاڻ ڪندڙ قافلا ۽ ان دور جا هندو مسلم ـ سڀ اڳواڻ اچي ويا......

هِن قائد اعظم جي مزار تي هڪ نظر وڌي. هڪ دل چيس ِ ته، هيءُ اِن سنڌ جائي پاڪستان جي باني ءَ کي هڪ ميار ڏي ته، ”ڇا اوهان هيءُ ملڪ هِنن ماڻهن جي لاءِ ٺهرايو هو. جيڪي ملڪ جي عام ماڻهوءَ جي وات مان آخري گرهه به کسڻ لاءِ پاڻ ۾ وڙهي رهيا آهن؟“ پر هيءُ ڪجهه چوڻ بدران وري مزارِ قائدِ جي ساڄئي ساڄي پاسي واري دروازي مان ٻاهر نِڪري، ڪنڌ هيٺ ڪري، آهستي آهستي نمائش چورنگيءَ ڏانهن هلڻ لڳو. ڪيس سامهون هڪ ريلي ايندي نظر اچي ٿي، جيڪا هڪ مذهبي تنظيم غزه جي فلسطينين خلاف اسرائيل جي ٿيندڙ خوني ڪارروايُن خلاف ڪڍي هئي.

”انقلاب ۽ آزاديءَ وارين تحريڪن جا ڪهڙا ڪهڙا نه وارث پيدا ٿي پيا آهن؟“ هِن طنزيه مرڪ مُرڪي چَپن ِ ۾ چيو. پوءِ ريليءَ جي، نمائش چورنگيءَ تائين پهچڻ کان اڳ ۾ هيءُ روڊ ٽَپي، نشتر پارڪ ۾ پهچي، پري کان حيدر منزل تي اداس نظر وجهي، بيهي ٿو رهي. اُتي بيٺي هيءُ سوچي ٿو ته ”هيءُ ڪاڏي وڃي؟“ گهر وڃڻ تي به سندس دل نٿي چوي. ڪنهن دوست ڏانهن به وڃڻ نٿو چاهي. اِنڪري ته اڄ هِن پنهنجي موبائيل فون به بند ڪري ڇڏي هئي. ڪيس ائين ٿو محسوس ٿئي، ڄڻ هيءُ ڪو هارايل سپاهي هجي، جيڪو جنگ ۾ پنهنجن سمورن ساٿين جي مارجي وڃڻ ۽ ملڪ تي ڌارين فوجن جي قبضي ٿيڻ کانپوءِ اڪيلو بچي ويو هجي.

هُو حيدر منزل جي سامهون بيٺو آهي. اکيون بند ڪري ٿو ته، حيدر منزل مان جي ايم سيد، شيخ مجيب الرحمان ۽ حيدر بخش جتوئي کيس ٻاهر نِڪرندي نظر اچن ٿا. هِن جي اداسي ويتر وڌي وڃي ٿي. ڪجهه گهڙيون اُتي بيهي، آس پاس نهاري، واپس نمائش چورنگيءَ ڏانهن اچي ٿو. اِن وقت منجهند جا ٻه ٿيا آهن. آسمان تي ڪڪر ڇانيل آهن. نمائش چورنگي، فلسطينين جي حق ۾ نِڪتل ريليءَ ۾ شريڪ ماڻهن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان پَري پئي آهي، جن ۾ عورتون ۽ ٻار ٻه شامل آهن. هيءُ اُتان پاسو ڏيئي، نِڪري پنڌ ئي پنڌِ، ايم اي جناح روڊ جي پاسي کان ڪراچي پريس ڪلب ڏانهن وڃڻ لڳي ٿو. ايمپريس مارڪيٽ وٽ پهچي، اُن جي ٻاهران پڃرن ۾ بند پکي ڏسي سوچي ٿو، ”اسان به ته هڪ پڃري ۾ بند آهيون... سماجي نابرابري وارو پڃرو، ناانصافيءَ وارو پڃرو..... رنگ ۽ نسل جي متڀيد وارو پڃرو.. قومي مظلوميت وارو پڃرو.....“

ريگل چوڪ وٽ پهچي ٿو ته سندس نظر هڪ عورت تي پوي ٿي.... ميرا ڪپڙا. مٿي ۾ چيڙهه. چيلهه تي ننڍڙو ٻار. هَٿُ خيرات جو ڪِستو. هيءُ سوچي ٿو ”هِن ملڪ کي به ته هِن عورت ۽ اُن جي ٻار جهڙو ئي ته بڻايو ويو آهي!“

پوءِ عبدالله هارون روڊ ڏيئي هيءُ زينب مارڪيٽ واري ڪنڊ وٽ پهچي ٿو ته، ڪيس پريس ڪلب جي ٻاهران ماڻهن جو هڪ وڏو هجوم نظر اچي ٿو، جن ۾ هاري، مزدور، شاگرد، عورتون ۽ ٻار شامل آهن. اِنهن جي هٿن ۾ ڳاڙها ۽ اڇا جهنڊا ڪنيل آهن. هُو نعرا هڻي رهيا آهن: ”جمهوريت.... زندهه باد، آمريت.... مرده باد...، قومي جمهوري انقلاب.... زنده باد.... جمهوري نظام خلاف سازشون.... بند ڪريو، عوام خلاف سازشون.... بند ڪريو... مظلوم قومن کي.... حقِ خوداختياري ڏيو...“

هِن کي اِهو هجوم پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿو. جڻ ته هيءُ ان هجوم جي جسم جو ڪو حصو رهيو هجي، جيڪو اڳ ۾، ان کان، ڪنهن وقت وڇڙجي، الڳ ٿي ويو هو. هاڻي هِن ۾ جڻ ته نئون ساهه پئجي ويو هجي ٿو. هيءُ پاڻ ۾ هڪ وڏي طاقت محسوس ڪري ٿو. هجوم ۾ هِن کي اوچتو سندس پراڻو ساٿي علي حسن ملي ٿو وڃي. هو ڪيس ڀاڪر پائي، ڪانئس اتاولائيءَ مان پڇي ٿو ”اڙي ناصر، ڪٿي هئين؟ ايڏا ڏينهن تي ويا پنهنجي ملڻ کي.... اسان ته يار مشعل کي اڃا ته وسامڻ ناهي ڏنو... حال سارون جي لاٽ اوچي رکي آ...“ علي حسن کي جواب ڏيڻ کان اڳ ۾ هِن جون اکيون مشعل جيان ٻري پون ٿيون.

هيءُ پوتيءَ جو پلاند ڪرڻ جي لاءِ وري اڳ وانگر سرگرم ٿي وڃي ٿو.

*آڪٽوبر 2014ع*



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قيدي

شاهنواز وڏو ٽِڪُ هو. هُو ننڍپڻ کان ئي شرارتن جي هڪ وڏي ٻَنڌِ لڳندو هو. سنڌوءَ جي ڪپ تي، ڪچي جي ڳوٺ پوري خان ۾ رهندي، هِن سنڌوءَ جي لهرن جهڙيون ور وڪڙ ڪائيندڙ ڳالهيون سکي ورتيون هيون. جڏهن سنڌو وَهي ايندو هو تہ، هيءُ پنهنجي پيءُ ماءُ کان لِڪي ڳوٺ جي هڪجيڏن کي اِهو چئي پرسان وهندڙ ڍورن ۾ وهنجڻ جي لاءِ وٺي ويندو هو تہ،"اوهان ترڻ نہ سکندئو تہ جڏهن ٻوڏ ايندي تہ اُن ۾ ٻڏي مري ويندئو. اِنڪري هلو تہ هلي ترڻ سکئون." پوءِ هيءُ ڪيترن ڇوڪرن کي غوطا ڪارائي گهر وٺي ايندو هو، جن کي وري سندن گهر وارا ڪُٽيندا هئا.

ننڍڙو قد، گورو رنگ، گهنڊيدار وار، ٿهڪ ڏيئي کِلندو هو تہ ائين لڳندو هو ڄڻ هيءُ ٻار نہ، پر سندس شرارتون ٽيون ٿهڪن ڏين. هڪ ڀيري تہ سندس ڳوٺ جو هڪ ڇوڪرو رمضان تہ واقعي ٻُڏو پئي. هُو جيئن ئي ڍوري ۾لٿو تہ لهڻ شرط ئي پاٽيءَ ۾گُڙپُ ٿي ويو- ۽ پوءِ جيئن ئي اُڀڙڪو ڏيئي ٻاهر آيو تہ، ڪانئس آواز نٿي نِڪتو. اُن وقت پرسان گذرندڙ هڪ ڳوناٽي ٽَپو ڏيئي کيس ٻاهر ڪڍي ورتو هو. اِهو ڏسي شاهنواز ڀڄي ويو هو.

هڪ دفعي جڏهن سنڌو درياهہ ۾ وڏو چاڙهہ آيو هو تہ هيءُ سنڌوءَ جو بند ٽَپي اُن جي اندر ڇوڪرن جي هڪ لشڪر کي وٺيون پئي ويو تہ، پريان بند تي بيٺل سندس پياءُ سجاول کين ڏسي جڏهن کين هڪل ڏني هئي تہ، هي وٺي ڳوٺ ڏانهن ڀڳا هئا. نہ تہ هِنن جو ارادو پتڻ تي بيٺل ٻيڙيءَ ۾ چڙهڻ جو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ڏينهن هڪ ڇوڪري کي نم جي وڻ جي ڏار تي چاڙهي، وٽي جو اُن ڏار کي ڏُوڙو ڏنو هئائين تہ ڇوڪرو ڦهہ ڪري هيٺ اچي ڪِريو هو. ڪلهي کان اُن جي ٻانهن نِڪري پئي هئي.

هِڪ ڀيري موڪلن جي ڏينهن ۾شاهنواز مِينهون چاري، لڙيءَ شام جو اهي واپس گهر ڪاهيون پئي آيو تہ سندس ڳوٺائي ڇوڪرو نهال بہ پنهنجو مال ڪاهيون پئي آيو. نهال هڪ مينهنِ جي پُٺيءَ تي ويهي مزي سان چنگ وڄائيندو پئي ويو. اِهو ڏسي شاهنواز کي شرارت سُجهي. هِن تڪڙو وڃي، مِينهن جي پُڇ کي مَروڙيو تہ اها ٽَپو ڏيئي تيز هلڻ لڳي. شاهنواز اُن جي پيچ مان هٿ ڪيڻ بدران ان جي سٽرن تي لڪڻ هڻڻ ۽ وڏي آواز سان رڙيون ڪري... ها.... ها... اِها ٿي وڃئي پٽاري.... ها... ها...“ چوڻ شروع ڪيو. نهال مِينهنِ جي سڱن ۾ هٿ وجهي رڙيون ڪري شاهنواز کي چوڻ لڳو. ”اڙي شاهو نہ ...نہ....“ مينهنِ هجي ٽاهڙَ سو اها جيئن ئي وٽي تيز ڀڄي تہ نهال ڌوُ اچي ڌوڙ ۾ ڪيو. رستي جي وڏي ڊُسڙِ ۾ هُو سڄو پيوت ٿي ويو. مِٽي وارن، ڪَنن، اکين ۽ وات ۾ بہ هلي ويس. هُن اُٿي، پاڻ کي ڇنڊڪو ڏيئي، شاهنواز کي ڪاوڙ مان ڏسي، پوءِ ڊوڙي وڃي پرسان موجود کڏ ۾ پاڻ کي اُڇليو... شاهنواز ٺهڪ ڏيندو راڳ ڳائيندو اڳتي هليو هو.

هيءُ ڊڄندو ڪنهن کان بہ نہ هو. ويڙهہ وقت ڇوڪرن کي ايتريون تہ لَتون، مُڪون ۽ چنبا هڻندو ۽ چَڪ پائيندو هو جو ڇوڪرا رڙيون ڪري ڀڄي ويندا هئا. اسڪول ۾بہ هِن جون شرارتون ڪي گهٽ نہ هونديون هيون. شاگردن جي لاءِ هِڪُ ٽِپُ هو. اڪثر ٻن ڇوڪرن کي پاڻ ۾ ويڙهائي، پاڻ ساڻ ٻڌجي انهن جي ويڙهہ بہ پيو ڏسندو هو تہ پنهنجي اندر ئي اندر ۾ کِلندو بہ پيو هو. جيڪي شاگرد ساڻس پُڄي نہ سگهندا هئا، اُهي ڇپن ئي ڇپن ۾ کيس ”ننڍڙو شيطان“ چوندا هئا.

اِن جي باوجود اسڪول جا استاد کيس ڏاڍو پائيندا هئا، ڇاڪاڻ جو هيءُ ٻين شاگردن کان وڌيڪ هوشيار هو. سندس حافظو ايترو تيز هو جو جيڪڏهن ڪو سبق هڪ ڀيرو پڙهي ويندو هو تہ اُهو ڪانئس ڪڏهن بہ نہ وسرندو هو. سندس شرارتن تي گهر ۽ ڳوٺ وارا کيس ڪڏهن

ڪڏهن ڪو هلڪو دڙڪو ڏيندا هئا تہ ٺيڪ، نہ تہ بس. ڇاڪاڻ جو هِن جون ڳالهيون ۽ شرارتون هونديون ئي اهڙيون وڻندڙ هيون، جو ماڻهو اِهي ڏسي يا ٻڌي مٺس ڪاوڙ ڪرڻ يا ڪيس مار ڏيڻ بدران کِلي پوندا هئا.

شاهنواز جو والد پنهنجي پندرهن کن گهرن واري ڳوٺ جو وڏو هو. هِنن کي پَڪي تي 20 جريب ۽ ڪچي ۾ 50 کن جريب ٻني هئي. وٽن مال متاع بہ چڱو خاصو هو. اِنڪري سندن گذر سفر سٺو ٿيندو هو.

........

پوءِ جڏهن هيءُ ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪري پڙ واري شهر لاڙڪاڻي جي ڪاليج ۾ پهتو تہ هن اُتي پنهنجن دوستن جو هڪ اهڙو حلقو ٺاهي ورتو جيڪي پڻ شرارتن ۾ ڪنهن کان گهٽ نہ هئا. اُتي هِن شاگرد سياست ۾ حصو وٺڻ شروع ڪيو ۽ هڪ شاگرد تنظيم جو ضلعي سطح جو عهديدار بہ چونڊجي ويو. پوءِ تہ سندس سرگرمين جو دائرو سڄي ضلعي تائين ڦهلجي ويو. اِن دوران سندس تنظيم جا اڪثر ساٿي گرفتار بہ ٿي ويندا هئا، پر هيءُ ڪڏهن بہ گرفتار نہ ٿيو. پوليس کان ڀڄي ويندو هو.

هِن جي ويجهن دوستن ۾ احمد بہ شامل هو. شاهنواز ۽ احمد پاڻ ۾ ايترا تہ گهاٽا دوست بڻجي ويا هئا، جو هي ڪپڙا بہ هڪجهڙا پائيندا هئا، تہ بوٽ ۽ چپلون بہ هڪجهڙيون پائيندا هئا. هي جيئن تہ پڙهڻ ۾ هوشيار هئا، تنهن ڪري ٻين شاگردن تي سندن رعب هوندو هو. سياسي ڪتاب پڙهڻ ۽ سٺي تقرير ڪرڻ سبب شاهنواز پنهنجي هڪ اهڙي حيثيت ٺاهي ورتي هئي، جو اڪثر شاگرد چاهيندا هئا تہ هُو سندس ويجهو رهن. هيءُ ڪائڻ پيئڻ توڙي لٽي ڪپڙي ۾ سيني کان بهتر هو.

شاهنواز جي ٻين سُٺن ذاتي ۽ تنظيمي دوستن ۾ نذير بہ شامل هو. جيڪو مُهين جي دڙي جي پرسان واقع ڳوٺ گلڻ جا پاڙ ۾رهندو هو. شاهنواز اڪثر وٽس ويندو هو. ايستائين جو سانوڻيءَ جي مُند ۾ هڪ پيري رات جو دير سان جڏهن شاهنواز نذير وٽ سندس ڳوٺ ويو هو تہ، نذير کيس آنا پچرائي ۽ کير سان ماني کارائي هئي- ۽ اُن رات شاهنواز کي مڇرن جيڪو ڪاڏو هو اُهو واقعو هِن کان ڪڏهن بہ نہ وسري سگهيو هو. اهڙي طرح جڏهن نذير پنهنجن ٻن دوستن: امير ۽ امداد سان گڏجي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪچي ۾ شاهنواز جي ڳوٺ ويو هو ته، شاهنواز هِنن کي صبح جو ماڪي ۾ مکڻ سان ماني ۾ پکي کارايا هئا ته، اُهو ڪاڏو ۾ اُتي ٽيل ڪچهريون پڻ نذير ڪان نه وسري سگهيون هيون.

......

شاهنواز لاڙڪاڻي شهر ۾ پنهنجي ڳوٺائي چوڪري امجد سان گڏ مسواڙ جي هڪ جاءِ ۾ رهندو هو. جتي سندس ذاتي ۽ تنظيمي دوستن جو اڪثر ميلو متل هوندو هو. ڪاليج هجي يا سندس گهر، رڳو ڪچهريون، پوڳ ۽ ٺهڪ هوندا هئا. سندن شاگرد تنظيم جون به جڏهن گڏجاڻيون ٿينديون هيون ته، انهن ۾ به هيءُ سيني ڪان وڌيڪ سنو ڳالهائيندو هو انڪري اُتي به سندس راءِ کي سيني ڪان وڌيڪ اهميت ڏني ويندي هئي، پر جڏهن امتحان ويجها ايندا هئا ته، هِن جهڙو سنجيده ڪير به نه هوندو هو. ڏينهن رات پڙهڻ ۾ لڳي ويندو هو. تڏهن ئي ته انٽرميڊيئيٽ جي امتحان ۾ اَي گريڊ کنيو هئائين.

انٽرميڊيئيٽ ڪرڻ ڪانپوءِ هِن ڪراچي شهر ۾ اچي ايل ايل بي ڪئي. ان بعد سنڌ جي هڪ وڏي وڪيل جي رهنمائيءَ هيٺ وڪالت جي پريڪٽس شروع ڪري ڏنائين. هِتي به هيءُ ساڳيو زندهہ دل ئي رهيو. دوستن سان ڪچهريون ۾ اُنهن سان رات جو دير دير تائين محفلون سندس زندگيءَ جو معمول بڻجي ويون هيون. ڪجهه سالن جي اندر ئي وڪالت ۾ هِن پنهنجي هڪ الڳ حيثيت ٺاهي ورتي. هِن شادي به پنهنجي سئوٽ سان ڪئي هئي، جنهن مان ڪيس هڪ نياڻي ڄائي.

.......

هڪ ڏينهن هيءُ ۽ نذير صدر ۾ هڪٻئي سان اوچتو ملي ويا. ٻئي ياڪر پائي مليا. نذير هڪ نجي ٽي وي چينل تي اسڪرپٽ ايڊيٽر جي نوڪري ڪندو هو. هِنن هڪ ئي شهر ۾ رهندي پاڻ ۾ نه ملڻ جون هڪٻئي سان شڪايتون ڪيون. شاهنواز پنهنجي پراڻي انداز تحت پنهنجو سڄو هٿ هيٺ ڪري نذير کي ٻن آڱرين جو ٻُجو ڏيندي چيو "تون نه سڌرندين"....

”تون وري کھڙو سڏريل آهين.....“ نذير چئي ڏنس. ٻئي کِلي پيا. هي ٻئي جڏهن بہ پاڻ ۾ ملندا هئا تہ سڀ ڪان پهريان اِنهن جملن سان هڪٻئي سان مخاطب ٿي پوءِ ٻيون ڳالهيون ڪندا هئا.

پوءِ ٻئي ڄڻا صدر ڪان ڳالهين ئي ڳالهين ۾، پنڌ ئي پنڌ ڪينٽ اسٽيشن تائين وڃي نڪتا هئا. اِنهن ڳالهين دوران هِنن رڳو سنڌ بابت ڳالهايو هو. ڇاڪاڻ جو اڳ ۾ جڏهن هِنن گڏجي سياست ۾ حصو ورتو هو، تڏهن بہ سندن سياست جو محور سنڌ هئي، پر هِن ڀيري سندن ڳالهين ۾ اڳ ڪان وڌيڪ ڳڻتي شامل هئي. هي سنڌ جي وڌيڪ خراب ٿيل سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتن ۽ سنڌ ۾ مختلف علائقن مان وڌي تعداد ۾ اينڊڙ ماڻهن بابت ڳالهائي سخت پريشان ٿي ويا. پوءِ هِنن هڪ هوٽل تي ويهي چانهہ پيتي- ۽ پوءِ هڪٻئي سان وري ملڻ جو وعدو ڪري هڪٻئي ڪان موڪلائي ويا.

........

وڪالت دوران شاهنواز ڪافي غريب ماڻهن جا مفت ۾ ڪيس وڙهيا هئا. باوجود اِن جي، جو سندس مالي حالت ڪا سني نہ هئي، پر هِن ڪان ڪنهن جو ڏک برداشت نہ ٿيندو هو. هيءُ جيترو خوش طبع هو، اوترو سنجيده بہ هو. ڪنهن کي دوست ناهڻ سندس ڪٻي هٿ جو کيل هوندو هو. ماڻهن جو ڄڻ تہ ڏنار هو. تڏهن تہ ڪيس ڪيس بہ گهڻا ملندا هئا.

اِنهن ڪيسن دوران وٽس ڪجهہ اهڙا بہ ڪيس آيا، جيڪي وڏن ماڻهن جي خلاف هئا. هِن غريبن جي فرياد تي اُهي ڪيس بہ لڙيا ۽ کَٽيا بہ هئا. ڪير ڪٿي ڪيڏو بہ تونگر ڇو نہ هجي، هيءُ اُن جي پرواهہ نہ ڪندو هو. پر هر هفتي آچر جي رات جو هيءُ جهوڪ شريف وڃي، شاهہ عنايت شهيد جي درگاهہ تي فقيرن جو راڳ ٻڌي روئي ضرور پوندو هو. هيءُ اندر ۾ صوفي هو.

هڪ ڏينهن سندس نندپڻ جي اُن ڳوٺائي دوست رمضان جي امڙ وٽس هڪ ڪيس کڻي آئي، جنهن کي هِن نندڍي هوندي ڍوري ۾ غوطا بہ کارايا هئا تہ گهروارن ڪان مار بہ کارائي هئي. اُن جي امڙ هِن کي اچي چيو هو ”پٽ، پنهنجي پرواري ڳوٺ ولي محمد جي وڏيري محمد جلال



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي ٻچڙي رمضان جي نياڻيءَ سان ڏاڍائي ڪئي آهي. علائقي جي پوليس اِن وڏيري جو طرفُ آهي. اُتان جي عدالت ٻہ انصاف نہ ٿي ڪري. تنهنجو ڏَسُ پيو تہ تون وڏو وڪيل ٿي ويو آهين. ڳوٺ تہ اچين ڪونہ ٿو. منهنجو ٻچڙو رمضان چار سال اڳ آيل وڏي ٻوڏي ۾ بند تي روڻ ٻڏندي ٻڏي ويو..... پٽ، اسان کي انصاف وٺي ڏي. الله ۽ توکانسواءِ منهنجو ٻيو ڪير ٻہ ڪونهي. “ ڪراڙيءَ پنهنجيون اکيون اُگهيون.

شاهنواز هڪ لمحي جي لاءِ پنهنجون اکيون بند ڪيون. سندس بند اکين اڳيان سندس ننڍڙي لاءِ جي دوست رمضان جي شڪل اچي ويئي. مَٿو ڦري ويس. هِن اُٺي رمضان جي امڙ جي مٿي تي هٿ رکندي چيو”امان، الله سائين چڱائي ڪندو.“

هِن وڏيري محمد جلال خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪيو. اهو بااثر شخص هڪ پوليس عملدار جو سالو هجي. شاهنواز تي زور پيو تہ،”هيءُ اُن مائيءَ جو ڪيس نہ وڙهي.“ پر شاهنواز انهن جي هڪَ ٻہ نہ ٻُڌي. نياڻيءَ سان ٿيل ڏاڍائي جي معاملي تي سنڌ جي سِول سوسائٽي ۽ انساني حقن جون تنظيمون ٻہ اُٺي پيون. نذير ۽ ٻين دوستن جي ڪوشش سان ميڊيا ٻہ اِن معاملي کي ڪٽڻ لڳي. وڏيرو محمد جلال گرفتار ٿي ويو. پر ڪجھ ڏينهن ڪانپوءِ هُو پنهنجي رشتيدار پوليس آفيسر ۽ پنهنجي تڪ جي چونڊيل نمائندي جي اثر رسوخ سبب ضمانت تي آزاد ٿي ويو.

ان بعد وڏيرو جلال، شاهنواز جو دشمن ٻڻجي پيو. هُو تہ اڳ ۾ ئي شاهنواز تي پيا سڙندا هئا، ڇاڪاڻ جو هيءُ سندن علائقي جو ٿي ڪري، ڪانئن وڏيڪ حيثيت ۽ عزت وارو ٿي ويو هو.

وڏيري محمد جلال جن هروقت تاڙ ۾ رهندا هئا تہ، هُو ڪهڙي ٻہ ريت شاهنواز کي ڦاسائي پنهنجو اندر ٺارين. وڏيري محمد جلال وارن جو ساڳئي ئَر ۾ هڪ ٻي ذات وارن سان ٻہ قبائلي جهيڙو هلندڙ هو جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جا ويهن ڪان مٿي ماڻهو مارجي چڪا هئا. اِهو جهيڙو رڳو اڍائي جريبن جي زمين جي مالڪيءَ تان شروع ٿيو هو. وڏيري محمد جلال وارن جي زمين جي پرسان ٻي ذات واري وڏيري ڪريم بخش جي زمين هئي. وڏيري ڪريم بخش اِنهن اڍائي جريبن جي ڪٽت ڪنئي هئي،

جنهن تان اِهي ٻئي ڏريون، پاڻ ۾ ڏندَ چڪ ڏيڻ ڪانپوءِ وچي خوني جهيڙي تائين پهتيون هيون.

هڪ ڏينهن سج لٿي ڪانپوءِ وڏيرو محمد جلال پير واري شهر مان واپس پنهنجي ڳوٺ ٿي آيو ته، رستي ۾ لڪي ويٺل ماڻهن جي حملي ۾ پنهنجن ٽن محافظن سميت مارجي ويو. وڏيري محمد جلال جي پونئيرن اِن قتل ڪيس ۾ مخالف ذات وارن جي پنجن ڄڻن سان گڏ شاهنواز جو به نالو ڏيئي ڇڏيو.

وڏيري محمد جلال جي پوليس آفيسر سالي، بنا دير جي ايف آءِ آر ۾ مخالف ذات وارن جي نامزد ماڻهن سان گڏ شاهنواز کي به گرفتار ڪرائي ورتو. ٻن هفتن تائين پوليس رمانڊ ۾، پوليس پين جوابدارن سان گڏ شاهنواز تي به سخت تشدد ڪري ڪانئس خون باسرائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر پوليس جي اِن مارَ جو هِن ”ننڍڙي شيطان“ تي ڪوبه اثر نه ٿيو. ٻن هفتن بعد پوليس ڪيس سينٽرل جيل موڪلي ڇڏيو. جيل تي به هِن جا ساٿيا ٿهڪ، ساٿي زنده دلي.

شاهنواز جي گرفتاريءَ جي لڳ ڀڳ ٻن مهينن ڪانپوءِ جڏهن نذير جيل تي ساڻس ملاقات ڪرڻ ويو ته، شاهنواز ساڳئي پراڻي انداز ۾ پنهنجو سڄو هٿ هيٺ ڪري، ڪيس ٻن آڱرين جو ٻُجو ڏيندي چيو.”تون نه سڌرندين“....

نذير به کِلي چيس، ”تون وري ڪهڙو سڌريل آهين.....“ ائين چئي جيئن ئي هي ٻئي پراڻا دوست، زور سان ڀاڪر پائي پاڻ ۾ مليا ته ٻنهي جون اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي ويون.

........

ڪجھ مهينن بعد سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي مداخلت تي ٿيل اسپيشل جاچ ڪانپوءِ شاهنواز تي داخل قتل جو ڪيس ڪوڙو ثابت ٿيو. وڏيري محمد جلال کي مخالف ذات وارن ماريو هو. شاهنواز هاڻي وري ساڳئي جذبي سان وڪالت ڪري رهيو آهي.

*سيپٽمبر 2014ع*



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ادا...

”ادا، ڏس، جڏهن تون ۽ مان ننڍڙا هئاسين، تڏهن اسان گڏجي کيڏندا هئاسين. اسان گُڏي گڏيءَ جي راند ڪندا هئاسين. سانجهيءَ جو اسان ٻاهر پنهنجين ٻنين ۾ نڪري هلندا هئاسين، جتي ٻيريون ٻيٺيون هونديون هيون. اسان اُتان جهول ٻيرَنِ جا پري ايندا هئاسين. تون جڏهن سچل جي ميلي تي ويو هئين، ته تون مون لاءِ مٺائي ۽ ڳانا وٺي آيو هئين.... جڏهن تو گهر ۾ گلاس ڀڳا هئا، تڏهن امان توکي ماري پئي، ته مون امان کي چيو هو ته، ’امان، هي گلاس مون ڀڳا آهن....‘ پوءِ امان توکي نه، پر مون کي ماريو هو..جڏهن تو راند ڪندي، ماچيس جي تيلي سان بستري کي باهه ڏني هئي، تڏهن به مون امان کي چيو هو ته، ’امان، اِها باهه به مون ڏني آهي....‘ وري به امان مون کي ماريو هو.

۽ پوءِ جڏهن اسان اسڪول هلندا هئاسين ته، تنهنجون ڪاپيون به مان فيئر ڪندي هئس. ۽ مون کي بابا جيڪي به رپيا خرچي ڏيندو هو اُنهن مان هڪڙو رپيو مان توکي ڏيندي هئس... ۽ تون جڏهن به ڪا شيءِ وٺندو هئين ته مون کان ائين پڇندو هئين، ڇڙ تون رڳو ميار پيو لاهين. تون چوندو هئين، ’راڻي، تون ڇولا ته نه کائيندينءَ نه؟‘ ۽ مون کي چوڙو پوندو هو’نه رحيم.... تون کاءُ...‘

”۽ ياد اٿئي، جڏهن وڏي برسات پئي هئي، تڏهن اسان ٻئي پنهنجي گهر کان ٻاهر نڪري هليا هئاسين، ۽ پوءِ هلي بندَ تان ۽ سڙڪ تان ڪوڏ ۽ ڪوڏيون ميڙيون هيوسين... اڇا اڇا ڪوڏ ۽ ڪوڏيون... ڪيترا ڇِدا به لڌا هئاسين.... مون ته سِڪا به لڌا هئا.... ۽ پوءِ اهي سڀ توکي ڏيئي ڇڏيا هيم....

”ادا، جڏهن اسان ميٽرڪ ڪئي هئي، تڏهن بابا مون کي اڃا وڌيڪ تعليم ڏياري..۽ تون وڌيڪ نه پڙهئين...تو پنهنجي زمين سنڀالي..۽ مون



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گريجوئيشن ڪري ورتي....ان ڪانپوءِ بابا مون کي پنهنجي شهر واري اسڪول ۾ ماستري به وٺي ڏني... پر پوءِ بابا ۽ امان اسان کان وڇڙي ويا...پوءِ مان تنهنجي ملڪيت تي پيس، ته تون منهنجي زندگيءَ جا فيصلا ڪرين.... پوءِ تو مون کي هڪ اڻپڙهيل شخص سان پرڻائڻ جو فيصلو ڪيو.... مون کي اِهو شخص پسند نه هو.... هُو رڳو اڻپڙهيل هجي ها ۽ سٺي اخلاق ۽ ڪردار وارو هجي ها، تڏهن به بهتر هو پر هو ته جواري آهي، هُو ته نڪمو آهي، هُو ته ڪجهه به ناهي ڪندو.... پر اِهو جيئن ته اسانجو سئوٽ آهي ۽ چاچا چوي ٿو ته ’هيءُ راڻيءَ سان شادي ڪندو ته سُڌري ويندو.‘

”ادا، مون اهڙي ماڻهوءَ کي سڌارڻ جي لاءِ جڏهن پنهنجي زندگي تباهه ڪرڻ کان انڪار ڪيو ته اوهان کي خراب لڳو.... اوهان ناراض ٿي پيا. ادا، مون انڪار ڪري ڪوبه خراب ڪم ناهي ڪيو... مان ڪنهن به اهڙي شخص سان پنهنجي زندگي گڏ نٿي گذاري سگهان، جيڪو مون کي پسند ناهي.... مان به انسان آهيان ادا...

”ادا، تو به ته پنهنجي پسند تي شادي ڪئي هئي نه....بابا کي ڌمڪي ڏني هيئي ته ’ياڪيءَ سان مون کي پرڻاءِ..نه ته مان سنڌو درياهه ۾ ٽپو ڏئي پاڻ کي مارينڊُس....‘ ۽ اڄ تون مون کي ماري رهيو آهين!!.... ادا، مون ايڏو وڏو ڏوهه ته ناهي ڪيو....مون اوهان تي ڪو داغ ته ناهي لڳايو....مون ته رڳو اِهو چيو آهي ته ’مون کي ڪنهن اهڙي جاءِ تي نه اُڇليو ڪنهن اهڙي ٻوهَي ۾ نه وجهو جو مان پَل پَل مرندي رهان....‘ پر هاڻي اوهان جيڪڏهن واقعي مون کي ڪهاڙيون هڻي ماريو ٿا ته پلي ماريو.... مان هُن سان شادي ڪري هر هر مرڻ کان چڱو آهي ته هڪ ڀيرو ئي مري وڃان...

”ادا، هيءُ منهنجو ڪنڌ حاضر آهي... پل اِن تي ڪهاڙي هڻ... پر ڪهاڙي اولارڻ کان اڳ ۾ خيال ڪجانءِ، جڏهن مان اڃان پنجن مهينن جي هئس ۽ تون ٽن سالن جو هئين، تڏهن تون منهنجي اِن ڪنڌ تي چمي ڏيندو هئين... ۽ جڏهن امان توکي چوندي هئي ته ’پٽ، چڱ راڻيءَ کي... متان چڪ پائينيسِ...‘ ته تون امان کي چوندو هئين، ’امان پُمي (چُمي)... ٿو ڏيان...‘ ۽ پوءِ امان توکي اجازت ڏيندي هئي...اڄ مان توکي اجازت ٿي ڏيان، ته تون پلي، ڪهاڙيءَ سان منهنجي ڪنڌ تان پُمي وٺ.... “

—



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيتيءَ ۾ بند ٻارُ...

چنچر ڏينهن 8 آگسٽ 2015ع تي بولٽن مارڪيٽ جي پرسان واقع پنهنجي آفيس ۾ ويٺو هئس ته آفيس ۾ ڪم ڪندڙ دوست نظام صاحب ٻڌايو ته "هينئر ڪيس پٽيوالي عابد ٻڌايو آهي ته پنهنجي آفيس واري عمارت جي هڪ ڪنڊ تي، پيتيءَ ۾ بند ٽيل هڪ نئون ڄاول ٻار ماڻهن کي مِليو هو...۽ جيڪو گذاري به ويو...."

منهنجي اکين اڳيان هلڪي اوندهه آئي، ۽ لونڊٽيءَ وٽ، ساڄي اک جي مٿان سُور وڌي ويو. جڻ اِن جاءِ تي ڪو سُيون ٽُنبي رهيو هجي....

اِن واقعي تي فوري طور سوچڻ جي مون ۾ همٿ نه هئي. ڪجهه گهڙين کان پوءِ پاڻ کي سنڀاليندي، جڏهن مون نظام صاحب کي سواليه انداز ۾ چيو ته "پوءِ ته اِن ٻارڙي کي دفنائڻ جي لاءِ ايڌيءَ وارا ڪٺي ويا هوندا؟" ته هِن ها ۾ جواب ڏيندي، ڏک ڀريل ڪاوڙ ۾ چيو "ڏسو ته ڪيڏي نه زيادتي آهي جو ڪراچيءَ جهڙي هيڏي وڏي شهر ۾ ڪو به سرڪاري سرد خانو ناهي. بس رڳو هڪڙو ايڌي صاحب وٽ آهي، ۽ به چار سال اڳ ايم ڪيو ايم وارن کي هڪ ٻن جاين تي ٺهرايا هئا..."

"جناح اسپتال ۽ سول اسپتال ۾ به ناهن؟" منهنجي سوال تي هُن ساڳئي ڏک واري ڪيفيت ۾ چيو "نه ادا، ڪنهن به سرڪاري اسپتال يا ڪنهن ٻئي اداري وٽ ڪو به سرد خانو ناهي."

"گهٽو ڪري ته آغا خان اسپتال ۾ آهي، ڇاڪاڻ جو جڏهن اسان جو هڪ بهترين شاعر واجد، ڪجهه سال اڳ اِن اسپتال ۾ گذاري ويو هو ته رزاق مهر صاحب ۽ مان اُن جو مڙهه وصول ڪرڻ جي لاءِ اسپتال ويا هئاسين، جيڪو هڪ وڏي هال ۾ ديوارن سان ٺهيل طبقن مان هڪ ۾، هڪ ٽين يا اسٽيل جي پيتيءَ ۾ پيو هو..." مون نظام صاحب کي ٻڌايو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تي سگهي ٿو. اِن اسپتال ۾ هجي، پر ڪنهن بہ سرڪاري اسپتال يا ڪنهن بي جاءِ تي ڪو سردخانو ناهي.“ نظام صاحب پنهنجي ڳالهہ ورجائي.

مون سندس ڳالهہ سان اختلاف ڪندي چيو ”ائين ناهي، سرڪار وٽ ڪيئي سردخانا آهن..... اُنهن جي شايد اوهان کي خبر ناهي.“

هُن تڪڙ ۾ مون ڏانهن نهاريو تہ جيئن مان کيس ٻڌايان تہ اهي سرد خانا ڪٿي آهن.

مون هڪ اڌ لمحي تائين ماٺ ڪري کيس ڏنو تہ، سندس اکين ۾ جواب جو شدت سان انتظار نظر آيو... جڏهن مون کيس اِهو نہ ٻڌايو تہ اِهي سرڪاري سردخانا ڪٿي آهن، تہ هِن پاڻ پڇيو ”ادا تڳيا، ٻڌايو تہ، اِهي سرد خانا ڪٿي آهن؟

”اِهي تہ هر سرڪاري اداري ۾ موجود آهن، جتي لاش نہ، پر اسان مسڪين ماڻهن جا مطالبا، حق ۽ ارمان رکيا ويندا آهن.“

نظام صاحب ٿڌو شوڪارو ڀري، مون کي ڏسي، ٽيبل تي پوليٽيڪل سائنس وارو ٽيپي رکيل پنهنجو ڪتاب کڻي، اُن جا ورق ورائڻ لڳو. چوتہ اج اُن سجيڪٽ جو سندس پيپر هو. هيءُ ماسٽرس ڪري رهيو آهي.....۽ اج موڪل تي هوندي بہ پنهنجي ڪنهن ڪم سانگي آفيس آيو هو.

مون کيس ڏسي، اِن بي نام ٻارڙي تي سوچيو. اُن جي بيرحم پيءُ ماءُ تي سوچيو ۽ پوءِ اکيون بند ڪري، اکين جي اندر ڳوڙهن کي روئڻ ۽ پارَ ڪيڏڻ جو موقعو ڏنو. ڇو تہ ڪير تہ اِن ٻالڪ جو بہ هجي، جيڪو اِن کي روئي الوداع ڪري.

*12 آگسٽ 2015ع*



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اسين اڳتي ويندا اسين...

اَمُن ماڻهن سان گهٽ، پاڻ سان وڌيڪ ڳالهائيندو آهي. رات جو آفيس مان گهر ويندي تہ هيءُ پاڻ سان ڪچهري ڪندو ويندو آهي. اِهو ئي تہ اڌ ڪلاڪ ڪيس نويڪلائيءَ وارو ملندو آهي، جنهن ۾ هيءُ پاڻ سان ڳالهيون ڪندو آهي. پوءِ ڪڏهن روئندو آهي تہ ڪڏهن ڪِلندو آهي. هِن کي خبر ناهي پوندي تہ سندس گاڏي ڪيئن ٿي هلي. هِن جا هٿ ۽ پير پاڻهي پيا گاڏيءَ کي اسپيڊ ڏيندا، اُن کي بريڪ هڻندا، هارن ڏيندا آهن ۽ هيءُ پاڻ سان ڪچهري ڪرڻ ۾ پورو هوندو آهي. ائين لڳندو اٿس جڻ ڪيس دِل گُهريو ڪو دوست ملي ويو هجي.

اِها 14 آگسٽ جي رات هئي ۽ هيءُ هميشہ جيان رات جو هڪ وڳي ڌاران گهر وڃي رهيو هو. جشن جهڙو ماحول هجي...ماڻهو گهرن مان ٻارين ٻچين ٻاهر نڪري آيا هئا. سڀ خوش هئا... اڄ جڻ تہ خوشيءَ جو راڄ بحال ٿي ويو هو....هِن اِهو سڀ ڪجهہ ڏسي، شهر ۾ جيئري ٿيل امن تي ڳالهائڻ شروع ڪيو:

”هن ديس منهنجي کي زندگيءَ جون سيئي بهارون ٿيون کپن. هن ۾ ايندڙ هر موسم، خزان جهڙي نہ هجي ۽ ماڻهن جي چهرن تي اهڙيون رونقون اچن، جيڪي نون چاول ٻارن جي چهرن تي هونديون آهن. هي تازيون امن ڀريون هوائون  زندگيءَ جو اعلان آهن ۽ خواب مان ڇرڪ ڀري جاڳي پيل  هي سڀ منظر ٻڌائين ٿا انهن قاتل واٽن جا قصا، جتان اهي سفر ڪري هن جاءِ تي پهتا آهن.

”هيءُ نئون صبح، جيڪو فيض واري ’سحر‘ ڀل نہ هجي، پر اها اميد پيدا ٿئي ٿي تہ، اسين اڳتي ويندا سين، ان جاءِ ڏانهن، جتي ڪبوترن جو آواز هوندو ۽ جنهن جي بازارن ۾ بم رکڻ وارا هٿ موجود نہ هوندا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن بازارن ۾ عورتون ۽ ٻارڙا رانديڪا ۽ ٻيون زندگيءَ کي سهڻو بڻائيندڙ شيون خريد ڪندا ۽ ماڻهو ٽريفڪ جئم ۾ ويهڻ وقت، خوف ۾ هيڏانهن هوڏانهن لئونڙا نہ هڻندا تہ ڪنهن مهل ٺو ڪئان بم جو ڌماڪو ٿئي- ۽ اڪيون اهڙي خوف سبب ان واٽ تي موجود پناهہ گاهن کي نہ تاڙينديون.“

ائين پاڻ سان ڳالهائيندو ڳالهائيندو هيءُ جيئن ئي ڪورنگيءَ وارن شادن هالن وٽ پهتو تہ انهن ٻاهران ماڻهن مردن، ٻارن ۽ ٻڍن کي پنهنجي پنهنجي گهوٽ ڪنوار کي، دهلن شرناين جي گونج ۾ نچندي، وٺي ويندو ڏسي، هِن مسڪرايو. سندس دل چيو تہ هيءُ گاڏي روڪي، ويهي، ڪجهہ دير تائين دهلن شرناين جو آواز ٻڌي، اُنهن تي هيءُ بہ بي اختيار ٿي نچي، ڇاڪاڻ جو هِن هڪ ڊگهي عرصي کان رڳو گولين جو ئي آواز ٻڌو هو.

اُن ئي لمحي هڪ گوليءَ جو آواز آيو. هيءُ وري ڊڄي ويو. پر اُن ئي گهڙيءَ هِن ڏٺو تہ اِها خوشيءَ جي گولي هئي....پوءِ هيءُ پاسي تي گاڏي روڪي بيٺو... ۽ جڏهن سندس پرسان هڪ نئون پرڻيل جوڙو گذريو تہ سندس چپن تي معصوم مرڪ اچي وئي..... ۽ پاڻ کي چيائين،”هيءَ زندگي ۽ خوشي ڪڏهن بہ مرڻا ناهن...“ پوءِ هِن اطمينان سان گاڏي اسٽارٽ ڪئي ۽ گهر روانو ٿي ويو.

*19 آگسٽ 2015*

# بند گلي

هيءُ هاڻي ٽڪجي پيو هو. زندگي هوندئن ته هر ماڻهوءَ جي لاءِ ڏکي آهي، پر جنهن طرح هيءُ پنهنجي زندگي گذاري رهيو هيو، اُن سندس وجود ۾ بيشمار زخم ڪري وڌا هئا. هِن جا اهي زخم ڪنهن ٻئي نه ٿي ڏٺا. ٻين ماڻهن کي هِن جهڙو خوش ۽ صحتمند شخص ڪو ٻيو نظر ئي نه ايندو هو پر هيءُ ته پنهنجا زخم چڱي طرح ڏسي رهيو هو ۽ جِن جو سُور آهستي آهستي ڪيس ٻين سيني معاملن کان لاتعلق ڪرڻ طرف وٺي وڃي رهيو هو. پر اِنهن زخمن جو علاج ڪنهن ٻئي وٽ نه، رڳو هِن وٽ، پاڻ وٽ ئي هو. پر هيءُ اُهو علاج ڪرڻ کان گهٻرائي رهيو هو.

هيءُ جنهن شهر ۾ رهندو آهي، اُن جي نَڪَ ۾ دهشت جي ناڪيلي پيپل آهي، ۽ جنهن جي پيرن ۾ هڪ وڏو پهاڙ ٻڌل آهي. جيڪو اِن کي خوف واري هڪ ئي جاءِ تي بيهاري بيٺو آهي. جنهن ڪري اُن ۾ رهندڙ سڀ ماڻهو پڻ هڪ جاءِ تي بيهي رهيا آهن. رڳو خوف ۽ خون سفر ڪري ٿو. پر هِن جي زندگيءَ جا مسئلا ٻيا به آهن.

هيءُ جنهن جاءِ تي نوڪري ڪري ٿو، اُتي هِن گذريل 25 سالن تائين سچائي ۽ ايمانداريءَ سان مختلف ذميواريون نڀايون آهن. پر هاڻي اِن جاءِ جي ٽَپيل واري سندس ڪچڙي روح جي پيرن کي ساڙڻ لڳي آهي. هِن جا پيرَ ته هوندئن هر سفر دوران سڙيا آهن. پر سندس پيرن کي اگ آيل ٽَوَهر بار سندس پنڌ کي تيز ڪندا رهيا هئا. پر هِن پيري هيءُ اِن سڙت ۽ سورَ کان ويهي رهيو آهي. هِن کي خبر نه ٿي پوي ته ڪيس اِهو ڪهڙي خدمت جو انعام ملي رهيو آهي؟

هيءُ سرڪار جي جنهن کاتي ۾ هڪ اهم عهدي تي ڪم رهيو آهي، اُتي سندس هر عمل اُن کاتي کي وڏو فائدو ئي پهچائيندو رهيو آهي،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باوجود اِن جي، جو هِن ڪڏهن بہ اضافي ۽ ناجائز فائدا ناهن ورتا. هِن ڪي رشوت توڙي اختيارن جو غلط استعمال گار جيان لڳندو آهي- ۽ سندس سچائي ۽ ايمانداري، سندس دلي سُڪون ۽ اطمينان جو سبب هوندي آهي، تڏهن ئي تہ رستي ۾ ايندڙ هر آنڌي توڙي طوفان سندس پيرن کي لوڏي نہ سگهيا هئا. هيءُ وڏهيو هو، ڪِريو هو ۽ وري اُٿي هليو هو ساڳئي رفتار سان، پر هاڻي هيءُ تيز ڪائڻ لڳو هو. هِن پيري ڪيس محسوس ٿيو تہ، سندس جسم ۾ اُها طاقت ناهي رهي، جيڪا اڳ ڪيس مايوس ڪرڻ بدران سچ چوڻ، جوکم کڻڻ ۽ اڳتي وڌي وڃڻ تي همٿائيندي هئي. هاڻي هيءُ همٿ هارڻ واري اُن گهڙيءَ جي ويجهو پهتو هو، جتان نااميدي پنهنجو سفر شروع ڪندي آهي.

هيءُ پنهنجي وطن جو هڪ گمنام سپاهي رهيو هو. سندس هر عمل جي آس پاس سندس ديس جي ”اکين جون التجائون“ هيون. هِن ڪوشش ڪئي هئي تہ سندس وطن جو هر ماڻهو پيٽ پري ماني کائي، ڪنهن بہ نياڻيءَ کي ڪو بُريءَ نظر سان نہ ڏسي، سيئي ٻارڙا آيُوئن جيان وڌن ۽ پچڻ لڳن، هر ڪو سُک جي هيرَ ۾ ساهہ کڻي ۽ هِتان جي ڪيتن جي سونهن ڪنواري ٿي رهي. هِن هر اُن وک سان وک ملائي اڳتي پنڌ ڪيو هو جنهن وک جي اک ۾ سنڌوءَ جو اوج ٽوپيل هو ۽ جنهن جي آس ۾ اُس اچڻ جا ڪي بہ امڪان نہ هئا.

هِن نوڪري رڳو پگهار حاصل ڪرڻ جي لاءِ نہ ڪئي هئي، پر سندس نوڪري، سندس قومي خدمت جو هڪ ذريعو هئي، جنهن وسيلي هيءُ هڪ ڊسپيلن ۾ رهي ڪم ڪري رهيو هو. سماجي ترقيءَ واري کاتي ۾ ڪم ڪرڻ دوران جڏهن هيءُ فيلڊ ۾ وڃي خاص طور ٻهراڙيءَ جي نوجوانن سان ملندو هو تہ، اُنهن جي اکين ۾ ڪجهہ ڪرڻ جي چمڪ ڏسي، هِن جون اکيون چمڪي پونديون هيون. ۽ هيءُ وڏيڪ پُراميد ٿي ويندو هو تہ، سندس قوم جي خوشحال آئيندي جي اڳيان ڪو بہ بند ٻڌي نہ سگهندو. هي نوجوان سڀ بند ٽوڙي ڇڏيندا.

پوءِ جڏهن هِن کي اُنهن عام ماڻهن کان الڳ ڪري هڪ آفيس ۾ ويهاريو ويو تہ، هيءُ مرڻ لڳو. هِن جي لاءِ آفيس جو نئون ڪم اڳ واري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فيلڊ ورڪ ڪان وڏيڪ سَولو هو ـ ۽ آفيس بہ آرامده هئي، پر هِن کي روز اُهي اکيون ڏسڻ جي عادت پئجي ويئي هئي، جن ۾ هِن کي مستقبل جي سُکي سنڌ لاءِ تڙپ نظر ايندي هئي. هيءُ ميدانن ۽ کيتن ۾ وڃي هر موسم جا ٿَهڪ ٻڌي، نئون اتساهہ حاصل ڪندو هو. هِن پهاڙن جي ڳلين مان هلي، اُنهن جي چوٽين تي پهچي ائين ئي سمجهيو هو تہ، هيءُ پنهنجو هر پل سجايو ڪري رهيو آهي. هِن کي بند ڪمرا قيدُ محسوس ٿيندا هئا.

هاڻي جڏهن کاتي جي انتظاميا هِن کي هڪ آفيس ۾ ويهاري ڪانئس مشيني ڪم وٺڻ لڳي تہ، هِن کي پنهنجي مشين بڻجي ويل زندگي زنگجندي محسوس ٿي. هيءُ ايماندار هو، تنهن ڪري هِن کي بي ايمان عملدارن اهڙي جاءِ تي گهڻي وقت تائين برداشت نہ ڪيو جيڪا اُنهن جي لاءِ پئسا ناهڻ واري جاءِ هئي.

هيءُ عام ماڻهن جي خدمت ڪرڻ واري جنهن مقصد سان هِن کاتي ۾ داخل ٿيو هو، ان کان کيس زوريءَ الڳ ڪرڻ تي هيءُ روز پاڻ کان پڇڻ لڳو هو تہ، ”هاڻي مون کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟“ ڇاڪاڻ جو آفيس وارا عام ڪم هِن جي دلچسپيءَ وارا نہ هئا، اُهي ٻين جي دلچسپيءَ وارا هئا، جنهن ڪري ٻين جي پسند هِن جي پسند نہ هئي. اِهو ئي سبب آهي، جو هِن کي لڳو تہ هيءُ ڪنهن بند ڳليءَ ۾ اچي ڦاٿو آهي، جتان کيس هر حال ۾ نِڪرڻ گهرجي، پر اُتان نِڪرڻ جي لاءِ کيس في الحال ڪا واٽ نہ ٿي سُجهي.

سندس همٿ کي آخري ڌڪ اُن ڏينهن لڳو، جڏهن کاتي جي ڊائريڪٽر کيس سڏائي، ڪانئس پنهنجي هڪ ذاتي خصيص ڪم جي باري ۾ انتهائي بدتميزيءَ واري انداز ۾ پڇيو، جنهن ڪم جي؛ هِن جي ملائڪن کي بہ خبر نہ هئي. جڏهن هِن اُن صاحب کي چيو تہ، ”سر، مون کي اِن ڪم جي ڪابہ خبر ناهي ۽ نہ ئي وري مون کي ڪنهن اهو ڪم ڪرڻ جي لاءِ چيو آهي،“ تہ ڊائريڪٽر غصي ۾ اچي کيس چيو هو ”اُٺ.... هَلُ..... ڪم ۾ هلي وڏيڪ دلچسپي وٺ.“

هِن جي ذهن تيز ڪاڏو هو. ساهہ اندر رُڪجي ويو هيس. نرڙ ۾ هڪ وڏو گُهنڊ پئجي ويو هيس. مُٺيون ڀِڪوڙجي ويون هيس. سڄو جسم



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاوڙ جي باهہ ۾ سڙڻ لڳو هئس.... سندس دل ۾ آيو هو تہ اج هيءُ اُهو سيڪجهہ ڳالهائي، جيڪو هِن اج ڏينهن تائين ناهي ڳالهايو.... پر هِن الائي ڇا سوچي، اُن وقت پنهنجي زبان ڪٽي وڌي هئي.

تنهن هوندي بہ هِن ڪاوڙمان، هڪ لمحي جي لاءِ جيئن ئي ڪيس گهوري ڏٺو هو تہ هُو ڏڪي ويو هو. پوءِ سانول زهر جو ڍڪ پِي، ڳورا ڳورا قدم کڻي، سندس آفيس مان ٻاهر نڪري ويو هو. اُنهن لمحن دوران هِن ڪي سمورو ڪاتو اوندهہ ۾ ٻُڏل نظر آيو هو ۽ هِن کي پاڻ تي ڪاوڙ اچڻ لڳي هئي.

پنهنجي آفيس ۾ پهچي، ڪرسيءَ تي ويهندي، هِن تڪڙ ۾ عينڪ پائي ورتي، تہ جيئن آفيس ۾ ويٺل سندس ساٿي، سندس اکين جي اسڪرين تان سندس درد ۽ غصو پڙهي نہ سگهن. هِن سوچيو”ڇا گذريل پنجويهن سالن جي خدمت جو اِهو انعام هو، جيڪو هڪ لمحي جي اندر اچانڪ مون کي مليو؟ منهنجي وهم گمان ۾ بہ نہ هو تہ منهنجي ائين بنا ڪنهن غلطيءَ جي تذليل ٿيندي؟ مون تہ گذريل پنجويهن سالن کان ڪنهن جي چوڻ بنا ئي، پنهنجي ڊيوٽي انتهائي ايمانداريءَ سان انجام ڏني آهي، پر هيءُ رويو ڇا جو انعام هو؟ ڪهڙي ڏوهہ جي سزا هئي؟.... ڇا ذميواري ۽ ايمانداريءَ سان ڪم ڪرڻ عيوض اِها نوڪر لڳي؟“....

سوال هئا، جيڪي سندس ذهن جي شفاف پردي تي مسلسل ڪاريون لَڪيرون ڪڍي رهيا هئا، ۽ هيءُ پنهنجيون اکيون بند ڪري، بند اکين واري روشنيءَ سان اوندهہ ۾ ٻُڏل ڪاتي ۽ اُن ۾ ٿيندڙ سموريون اوٽايون ۽ گناهہ ڏسي رهيو هو. هِن ڪاتي ۾ ڪم ڪندڙ سمورن ملازمن ڪي تصور جي اک سان ڏٺو تہ اُهي ڪيس انسان نہ پر ڪيوِليون ۽ ماڪوڙا نظر آيا، جن مان ڪي آن داٽا پنهنجي ٻرِڙن ڏانهن کڻي وڃي رهيا هئا تہ ڪي مُئل جيتن جا پَرَ ۽ ڄنگهون کڻي وڃي رهيا هئا.

اِن واقعي وقت هِن کي اِهو ڊائريڪٽر وڏي ڪرسيءَ تي ويٺل هڪ ننڍڙو ماٽهو لڳو هو.

.......

اُن ڏينهن ڪان وٺي سانول اِن ذهني ڇڪتاڻ جو شڪار هو ته، هيءُ ڇا ڪري؟ نوڪري ڇڏي ڏئي، يا ڪا ٻي واٽ اختيار ڪري، جتي سندس روح اِن طرح زخمي نه ٿئي؟ هيءُ اِن سوچ جي بند ڳليءَ ۾ ڦاسي پيو هو.

پوءِ هِن پنهنجن ڪيترن دوستن سان ان معاملي تي صلاح ڪئي. ڪيترن دوستن کي چيائين،"مون کي هِن بند ڳليءَ مان ڪڍو. هِتي منهنجو ساهه گُهٽجي رهيو آهي." ڪيترن دوستن کيس اُن ئي وقت چيو ته،"جيئن چوين تيئن ڪريون."

هيءُ پنهنجن مخلص دوستن جي هڪ وڏي هجوم ۾ رهي ٿو. پوءِ هِنن گڏجي ڪيترن ئي طريقن تي سوچيو. ڪِن چيس،"فلاڻي وزير کي چئي، توکي ڪنهن سٺي ڊپارٽمينٽ ۾ بدلي ڪرايون ٿا...." ڪنهن چيس، "فلاڻو سيڪريٽري منهنجو تمام گهڻو ويجهو آهي، چئه ته اُن کي چئي توکي پنهنجي پسند واري ڪنهن اداري ۾ رکرايون..." ڪنهن چيس،"چئين ته اِن ڊائريڪٽر سان اسين پاڻ، تو بدران احتجاج ڪريون..."

اهڙي طرح هِنن ڪيترن ئي طريقن تي سوچيو. سانول کين چيو،"مان سوچي، ڏينهن ٻن ۾ اوهان کي ٻڌايان ٿو ته ڇا ڪجي؟ ان وچ ۾ مان ڪو مناسب ادارو به ڳولي ٿو وٺان، جيڏانهن بدلي ڪرائجي، يا وري موڪل تي هليو وڃجي..."

..........

ٻئي ڏينهن هيءُ پنهنجي آفيس ۾ ويٺو هو ته ساڳئي ڊپارٽمينٽ جي هڪ ٻئي آفيس جو پٽيوالو اصغر وٽس آيو ۽ اچي سندس اڳيان پنهنجي موڪل جي درخواست رکندي چيائين،"سائين، مون هڪ هفتو اڳ هِنن کي موڪل جي درخواست ڏني هئي ته منهنجي امڙ سخت بيمار آهي. مان ڳوٺ وڃڻ ٿو چاهيان، مون کي ڇهن ڏينهن جي موڪل کپي." پر هِنن مون کي موڪل نه ڏني. اڄ صبح منهنجي امڙ گذاري ويئي..... مان هُن سان آخري ڀيرو به نه ڳالهائي سگهيس..." اصغر رُنو ته سانول جون اکيون وَهي هليون. سانول جيتوڻيڪ اصغر وارن جي شعبي جو نه هو پر اِهي ملازم کيس پنهنجو سمجهندا هئا... ۽ جڏهن به کين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو ڪو ڏک سوُرُ اورڻو هوندو هو تہ، هو سانول وٽ هليا ايندا هئا. اصغر جو ڳوٺ ڪشمور جي پرسان هو.

”موڪل جي درخواست کي هَڙُ ڪڏ ۾.“ سانول پنهنجون اکيون اگهندي کيس چيو. ”تون جلدي پنهنجن ٻارڙن کي وٺي ڳوٺ وڃ.“ ائين چئي هِن وري ڪانئس پڇيو، ”چا ۾ ويندئو ڳوٺ؟“

”ريل ۾.“

”تہ پوءِ هينئن ڪر، سٽي اسٽيشن تي منهنجو هڪ دوست رفيق ڪم ڪندو آهي، اُن کي وچي منهنجي نالي چئہ. هُو توکي جلد ٽڪيٽون وٺي ڏيندو. مان بہ فون ڪري چوانس ٿو.“

اُن ئي گهڙيءَ سانول ڪانئس پڇيو، ”تو وٽ پئسا آهن؟“ اصغر نہ ڪُچيو تہ، سانول پنهنجو واليٽ ڪڍي، اُهو کولي، اُن ۾ پئسا ڏسي، هڪ سئو رپيا اُن ۾ رکي، باقي سڀ پئسا، جيڪي يارهن سئو کن هئا، کيس ڏنا. سانول اِهي پئسا اِنڪري ڪٽي آيو هو جو آفيس جي وقت کانپوءِ گهر ويندي کيس پنهنجي ننڍڙي جي لاءِ کير جو ڊٻو وٺڻو هو. جيڪو 400 گرام وارو هوءِ جنهن جي تازي قيمت ڇهہ سئو چاليهہ رپيا هئي.

اصغر هليو ويو تہ آفيس ۾ پاڻ سان گڏ ڪم ڪندڙ دوستن کي سانول اداس لهجي ۾ چيو”يار، هِنن آفيسرن کي ڪنهن مسڪين تي ايترو بہ ڪهڪاءُ نٿو اچي جو هو اُنهن کي موڪل ڏين تہ جيئن هُو وچي پنهنجي مرندڙ ماءُ سان ڪي آخري بہ لفظ ڳالهائي سگهن.” چا هِنن کي پنهنجون مائرون ناهن؟“.... هيءُ جذباتي ٿيڻ لڳو.

اُن ئي لمحي کيس ياد آيو تہ،”ڪجهہ وقت اڳ ساڳئي کاتي ۾ ڪم ڪندڙ وڏي عمر واري هڪ اٽيڙهيل سئيپر راجوءَ هڪ ڏينهن خوشيءَ مان اچي کيس پنهنجي پگهار واري سلپ ڏيندي چيو هو تہ ”سائين، هيءَ پڙهي ڏجانءِ تہ هِن ۾ منهنجي ڪيتري پگهار لکيل آهي؟“ اِهو سئيپر اِن کاتي جو پراڻو ملازم هو، پر هو ڪجهہ مهينن کان دم ۽ سهڪي جي بيماريءَ سبب ڊيوٽيءَ تي نہ آيو هو جنهن ڪري سندس پگهار بند هئي، پر اج کيس پگهار جي سلپ ڏني ويئي هئي، جنهن ڪري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُو ڏاڍو خوش هو. سانول جڏهن اِها سلپ پڙهي ته اُن ۾ ٻُڙي پگهار لکيل ڏسي هِن جون اکيون پرجي آيون هيون.

هِن آهستي، ڪنڌ هيٺ ڪري راجوءَ کي ٻڌايو هو ته، ”هِن ۾ ته پئسا ٻڙي لکيل آهن.“ ڪجھ لمحا اڳ ڪان هُن ڪمزور انسان جي چهري تي جيڪا رونق آيل هئي، سا اڏامي ويئي. سانول سوچيو ته، ”جيڪڏهن اِنهن کي، هِن مسڪين کي پگهار نہ ڏيٺي هئي ته پوءِ هِن کي خالي سلپ ڇو ڏنائون؟.... سلپ وٺڻ ڪان وٺي، مون تائين پهچڻ تائين هُو ڪيڏو نہ خوش هو؟.... هُن اِن وچ واري مختصر وقت دوران ڪيترا نہ ننڍڙا ننڍڙا خواب ڏسي ورتا هوندا؟“

دل ۾ آيس ته، هيءُ وجي پگهار ڻاهيندڙن کي ٻڌائي ته، اوهان هِن معصوم جي جذبن سان ڪيڏي ڪيڏو نہ ڏوھ ڪيو آهي؟ پر هيءُ زهر جو هڪ ٻيو ڍڪ پي، ماٺ ڪري ويهي رهيو.

اِهو واقعو ياد ايندي ئي سانول فيصلو ڪيو ته، ”هُو هِن ڪاتي مان بدلي ڪرائي ڪنهن ٻئي اداري يا ڪاتي ڏانهن نہ ويندو، پر هِتي ئي رهي هُو هِنن مسڪين سان ٿيندڙ هر ناانصافيءَ خلاف آواز اُٿاريندو.“ پوءِ اِن مقصد جي لاءِ هُن اِن ڪاتي ۾ موجود پنهنجا ٻيا هم خيال ساٿي ڳولي ورتا.

ڪجھ ڏينهن بعد هيءُ جيئن ئي معمول مطابق آفيس اچڻ لاءِ صبح جو نائين وڳي ڏاران سيڪريٽريٽ جي مکيہ دروازي وٽ پهتو ته، اُتي موجود اصغر، راجوءِ ٻين ملازمن خوش ٿيندي کيس ٻڌايو ته، ”سانول، رات پاڻ واري ڊائريڪٽر کي هڪ اهم سرڪاري اداري جا ماڻهو ڪرپشن ۽ ٻين الزامن ۾ گرفتار ڪري ويا آهن.“ سانول اطمينان سان سندن ڳالھ ٻڌي، ۽ پوءِ مسڪرائي اڳتي وڌي ويو.

# سِر دا سودا...

ساگر رات جو دير سان گھر پھچي، هٿ مُنهن ڌوئي، ڪپڙا تبديل ڪري جيئن ئي اچي ڊائننگ ٽيبل وٽ ويٺو ته، سندس گھرواري جميله سندس اڳيان ماني اچي رکي.... مانيءَ ۾ ڇا هو؟ دال، ٻه ڊگڙيون ۽ کير جو هڪ گلاس..... هُوءَ ساگر جي پرسان واري ڪُرسيءَ تي ويٺي. هِنن جا ٻه ننڍڙا ٻارَ لطيف ۽ غالب سويل ئي سمهي پيا هئا، ڇو ته هُنن ڏينهن جو ننڊ نه ڪئي هئي.

”اسان هِن علائقي مان نِڪري ڪنهن ٻي جاءِ تي هلي ڪو فليٽ وٺئون.... لطيف هاڻي اسڪول ۾ داخل ٿيڻ جهڙو ٿي ويو آهي... ٽي سال عمر ٿي وئي اٿس... هِتي ويجهو ڪو سٺو اسڪول به ڪونهي ۽ هِن علائقي جو ماحول به صحيح ناهي... هِن کي جيڪڏهن گھٽين ۾ ٻين ٻارن جيان راند ڪرڻ جي عادت پئجي وئي ته خراب ٿي ويندو.... سوچ اِن تي....“ جميله ڳڻتيءَ واري انداز ۾ ڳالهه ڪئي.... ساگر بدستور ماڻِ ڪري ماني کائيندو رهيو.

جميله وري ڳالهايو: ”ماشاءَ الله اسان جو ٻچڙو ڏاڍو ذهين آهي. هيءُ هِن عمر ۾ جيڪي ڳالهيون ڪري ٿو، مان اُهي ٻڌي حيران ٿي ويندي آهيان.... اڄ اوچتو راند ڪندي ڪندي، پنهنجي ڳچيءَ ۾ پيل تعويذ کي هٿ ۾ جهلي چيائين، ’مما، هي نانا بابا ڏنو هو نه؟..... نانا بابا پنهنجي ڳوٺ ويو آهي.“

لطيف جو نانو گذريل سال لاڏاڻو ڪري ويو هو. اُن وقت لطيف جي عمر مشڪل سان سترهن ارڙهن مهينا هئي، تنهن هوندي به هِن کي ياد آهي ته اِهو تعويذ سندس ڳچيءَ ۾ سندس نانا بابا ٻڌو هو ته جيئن ڪيس

ڪا نظر نہ لڳي. ۽ هِن کي اِها خبر آهي تہ ، هو ”ڳوٺ ويو آهي.“ پيو ديس بہ تہ ڳوٺ ئي هوندو.

جميل پنهنجي ڳالھہ جاري رکي: ”اڄ لطيف اِهو بہ پئي چيو تہ ’مما هاڻي مان رڳو ٻُو نہ پيئندس... مان ماني بہ کائيندس تہ جيئن مان جلدي وڏو ٿيان... بابا وانگر...“ هِن ماني کائڻ واري ڳالھہ اِنڪري ڪئي، جو هيءُ ماني ناهي کائيندو. رڳو کير پيئندو آهي، ۽ جنهن کي هُو ”ٻُو“ چوندو آهي.

ساگر کير جي گلاس مان آخري ڍڪ پِري گلاس ٽيبل تي رکي اُٿيو ۽ اچي کٽ تي آهليو... ساگر کان ڪوبہ جواب نہ ملڻ تي جميل کي هاڻي ٿوري ڪاوڙ اچڻ لڳي:

”مان اوهان سان ٿي ڳالهايان.....اوهان ڇو ڪو جواب نٿا ڏيو؟“ جميل هلڪي ڪاوڙمان ڪيس چيو.

”رموٽ ڪنٽرول تہ ڏجو.“ ساگر سندس ڪنهن بہ ڳالھہ جو ڪو جواب ڏيڻ يا ڪو انهن تي تبصرو ڪرڻ کانسواءِ، کٽ جي سيرانديءَ کان رکيل ٻن وهاڻن تي ٽيڪ ڏيندي، ويهندي انتهائي ڏيرج مان ڪيس چيو. اُن وقت ٽيليوزن تي ڪنهن ٻاهرئين ملڪ جي چينل تي هيءَ فلم 12 Years a Slave هلي رهي هئي.

جميل پنهنجي ڪاوڙ پيئندي، پرسان صوفا سيٽ تان رموٽ ڪنٽرول کڻي، اُهو ڪيس ڏيندي، کانئس پڇيو: ”اوهان جي طبيعت تہ ٺيڪ آهي؟“

”ها، طبيعت ٺيڪ آهي....لطيف ۽ غالب ڪھڙي مهل سُتا آهن؟“ هِن ٻيهريون دفعو ڳالهائيندي کانئس پڇيو.

”نائين وڳي ئي سمهي پيا هئا... تنهنجو انتظار ڪيُنِ تہ بابا انب ۽ ٻي شئي آڻيندو، پر اوهان دير ڪئي تہ هُو سمهي پيا.“

”اخبار جي نوڪري ئي اهڙي آهي... ڇا ڪجي؟“

ائين ڳالهائيندي هِن ٽيليويزن جو هلندڙ چينل تبديل ڪري، هڪ نيوز چينل لڳايو تہ، اُن تي صبح جو پشاور جي هڪ اسڪول ۾ ٿيل ٻن خودڪش بم ڌماڪن تي، ملڪ جا ٿي سياسي تجزيي نگار ڳالهائي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيا هئا. اُنهن سان گڏ ٽي وي اسڪرين تان، پاسي ڪان ڌماڪي ۾ تباهه ٿيل اسڪول، زخمي ٻارڙن، استادن ۽ ٻارڙن جي هنجون هاريندڙ والدين جا فُٽيج هلي رهيا هئا... ساگر ڀرسان سُتل پنهنجن ٻارڙن جي وارن ۾ هٿ ڦيري، گهرواريءَ کي ڏٺو. هاڻي هُن جون اکيون آليون هيون.....

هُن ٽي وي اسڪرين تان اکيون هٽائي، پنهنجن ٻارڙن جي ڀرسان اچي ويهندي چيو."ساري، مون کي خبر نه هئي ته ڪو هيڏو وڏو واقعو ٿيو آهي. صبح کان وٺي لائٽ به ڪونه هئي، سو ٽي وي ڏٺي ئي ناهي. لائٽ به بس هاڻي اوهان جي اچڻ کان ڪي پنج منٽ اڳ ۾ آئي آهي."

ساگر وري به خاموش رهيو. هِن جون نظرون ٽي وي ۾ هيون ۽ دماغ ۾ جڻ ڪي ڌماڪا ٿي رهيا هئس.

جميله آهستگيءَ سان وري ڳالهايو "جي اسڪولن جي ههڙي حالت آهي ته پوءِ لطيف کي اسڪول ۾ داخل نٿا ڪرايون. " ائين چئي جميله لطيف جي نرڙ تي چمي ڏني......ساگر جي اندر ۾ اسڪول واري سانحي سبب پيدا ٿيل ڪاوڙ وڌڻ لڳي. هيءُ چينل آف ڪري، پنهنجي ٻارڙن تي هڪ نظر وجهي، ڇت ۾ ٽنگيل ۽ آهستي هلندڙ پکي کي ڏسڻ لڳو.. ڪيس سچو ديس ائين اُبتو ٽنگيل ۽ آهستي آهستي هلندي نظر آيو. هِن بيچينيءَ مان اُٿي به گلاس پاڻيءَ جا پيتا ۽ پوءِ وري ٽي وي آن ڪري، چينل تبديل ڪندي ڪندي، سنڌي موسيقيءَ جي هڪ چينل تي اچي رُڪجي بيٺو. جنهن تان صوفي فقيرن جي آواز ۾ هيءُ ڪلام هلي رهيو: "اسان سِر دا سودا ڪر بيٺي...."

"سياڻي لطيف جي، ڪنهن سٺي اسڪول ۾ داخلا ڪرائڻ هلنداسين." ائين چئي هِن ڪٽ تي اچي آهلجندي، لطيف تي هڪ نظر وڌي ته جميله کيس حيرت مان ڏسڻ لڳي.

*20 سيپٽمبر 2015ع*



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# وَڏيلَ سِرَ جي ڏَانهن

پهرين مارچ جي نِما شام آهي. ڀٽ شاهہ تي ڀٽائي سائينءَ جي آستاني تي، ڀٽائي سائين، شاهہ عنايت شهيد، مخدوم بلاول، دودو سومرو، دولهہ دريا خان، علامہ آءِ آءِ قاضي، امڙ ايلسا قاضي، سائين جي ايم سيد، ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي، شيخ اياز، انور پيرزادو، فقير محمد لاشاري، سهڻي، ٻيجل، راءِ ڏياچ، مارُئي، ماڻڪ، بلاول اوٺو ۽ عرفان مهدي ويٺا آهن.

چوڌاري زمينن ۾ سرءُ جي فصلن جو هُڳاءُ آهي. ٿڌي ٿڌي هوا گُهلي رهي آهي. ڀٽائيءَ جا فقير سُر سهڻيءَ مان بيت پڙهي رهيا آهن. محفل ۾ موجود سڀئي شخصيتون راڳ جي رمز ۾ گم آهن. اُن دوران اوچتو سڀني جي نظر هڪ اڇا ڪپڙا/ڪفن پهريل ڇوڪريءَ تي پوي ٿي، جيڪا ڀٽائي سائينءَ جي آستاني ڏانهن آهستي آهستي وڌي رهي آهي. هُوءَ پنهنجن هٿن ۾ هڪ وڏيل سِرُ کنيون پئي اچي. ڇوڪريءَ کي ڏسندي ئي فقير راڳ بند ڪن ٿا. سڀئي اُٿي بيهن ٿا. ڇوڪري ڪنڌ جهڪائي اچي سڀني جي سامهون بيهي ٿي. سڀني کي وقت بيهجي ويل ٿو محسوس ٿئي. سڀئي سڪتي ۾ اچي وڃن ٿا.

امڙ ايلسا قاضي، سسئي ۽ سهڻي اڳتي وڌي اچي اُن ڇوڪريءَ کان سندس هٿن ۾ پڪڙيل وَڏيل سِرُ وٺڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون، پر هوءَ ڪين اِهو نہ ٿي ڏئي. ڇوڪريءَ جي اکين جي پيرن ۾ ڳوڙهن جي پازيب پيل آهي. سندس چهري تي تمام گهڻي روئڻ سبب لڪيرون نهي پيون آهن. ڀٽائي سائين ڪانئس انتهائي ٻاجهاري انداز ۾ پڇي ٿو "امان، تنهنجن هٿن ۾ هيءُ ڪنهن جو سِرُ آهي؟"

ڇوڪري ٻيو ڪو جواب ڏيڻ بدران سندس ئي هيءُ شعر پڙهي ٿي:



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محبت جي ميدان ۾ اچي پيرَ پيانِ،
سِرُ وَڍَڻُ، ڏَڙُ ڏارَ ڏَرِڻُ، ايءُ سينگار سندانِ،
ڏيندا مون ڏِنانِ، مٺا محبوب لئہ.

اِهو بيت پڙهي، ڇوڪري چُپ ٿي وڃي ٿي تہ، پٺائي سائين وري کانئس پڇي ٿو "ڌيءَ، اسان کي پنهنجي باري ۾ ڪجھ ٻڌايو اوهين ڪير آهيو؟"

هاڻي ڇوڪريءَ بدران وَڏيل سِرُ ڳالهائي ٿو:

"مرشد لطيف سائين، هيءَ ڇوڪري وڏيڪ نہ ڳالهائي سگھندي، مان ٿو عرض ڪريان، مان اوهان کي هِن ڇوڪريءَ جي باري ۾ ٻڌايان ٿو، اُن کانپوءِ اوهين سمجهي ويندا تہ مان ڪير آهيان:

سائين، هيءَ اُها ڇوڪري آهي، جنهن کي گذريل سال، اچوڪي ڏينهن تي، سنڌ جي هڪ ڳوٺ ۾ قتل ڪيو ويو هو. هِن ڇوڪريءَ جي محبت جو ڪنهن بہ خيال نہ ڪيو. هِن جي اکين جا سڏڪا ڪنهن بہ نہ ٻڌا. هِن جي ڇهري جي اداس بن کي ڪنهن بہ نہ ڏٺو. هِن جي اندر جي دٻيل ڇيخن کي ڪنهن بہ نہ سمجهيو. هِن جي وارن ۾ پيل ڇيڙهہ ڪنهن کي بہ نظر نہ آيو. هِن رڙيون ڪري پنهنجي پيءُ کي چيو هو:

'بابا، هڪ ڇوڪرو منهنجي وجود ۾ خون وانگر ٿو ڊوڙي. هُن ۽ منهنجا خواب ساڳيا آهن. هُو ۽ مان عام انسان ناهيون. اسان ٻنهي گڏجي جيئڻ لاءِ هڪ آکيرو ٺاهيو آهي. اُن آکيري ۾ اسان پنهنجا ٻچا ويهاريا آهن. اُن آکيري جي اکين جي تاڪ تي اسان قرآن شريف، شاهہ جو رسالو سچل ۽ ساميءَ جو ڪلام ۽ سنڌوءَ جي مٺي پاڻي جو مَٽُ پيري رکيو آهي. اُن گهر جي اڱڻ ۾ اسان هڪڙو ننڍڙو باغيچو بہ لڳايو آهي- ۽ اُن ۾ نم جي هڪ وڻ ۾ اسان پينگهہ بہ ٻڌي آهي، جنهن ۾ اسان جا ٻچا لُڏندا. خوابن جي اُن گهر ۾ اسان هالن جو هڪ هندورو بہ رکيو آهي، جنهن تي رِلهي ۽ رِلهڪو بہ وڇايل آهن. اُن گهر ۾ اسان شيخ اياز جو اِهو شعر پڙهڻ کانپوءِ تہ،

مون ڇيو ميِنديءَ وڻ کي اُتي ڦُٽي پَہءُ،
مونکي ڪيئي سوءُ رتا گهرجن هٿڙا،
ميِنديءَ جو وڻ بہ پوکيو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هِن ڇوڪريءَ وڏيڪ ڪين چيو هو ته، ’بابا، اسان رڳو هڪبئي کي ئي ڏسندا آهيون. اسان رڳو هڪبئي کي ئي ڏسڻ ٿا چاهيون. اسان جون اکيون ڪنهن ٻئي کي ڏسڻ نٿيون چاهين. اوهان مون کي ڪنهن ٻئي مرد جي حوالي ڪري، جڻ ته ڪو مقدس ڪتاب پيا شهيد ڪريو. اوهان مون کي انسان سمجهو، صرف عورت نه. مون کي اجازت ڏيو ته مان اُن ڇوڪري سان وچي پنهنجي زندگي گذاريان، جيڪو مون کانسواءِ رهي نه سگهندو.‘

سائين، هِن ڇوڪريءَ پنهنجي پيءُ کي ايستائين به چيو هو ته ’بابا، اوهان ترقي پسند آهيو. اوهان پٺتائي سائينءَ کي پڙهيو آهي. مان پٺتائي سائينءَ واري مارئي آهيان. مان ’ڪانڊ‘ نه ڪنديس ڪو ٻيو. مون کي پنهنجي مرضيءَ سان جيئڻ ڏيو. مان پنهنجي لوئي نه ٿي لڄايان، مان اوهان کي به نه ٿي لڄايان. مان رڳو ايترو ٿي چوان ته، هيءُ منهنجي زندگي آهي، اِن تي مون کي اختيار ڏيو. جيڪو مان ڪنهن ٻئي کي ڏيئي چڪي آهيان.‘

سائين، هِن معصوم ڇوڪريءَ اِهو به چيو هو ’بابا، اوهان شاعر به آهيو. اوهان پاڻ کي روشن خيال به سمجهندا آهيو. اوهان جڏهن گهر ۾ پيل ڪتاب مون کي چنڊي صاف ڪري رکڻ لاءِ چيو هو ته مون اُهي سڀئي پڙهي ورتا هئا. اوهان جڏهن پنهنجي شاعري سهيڙي رکڻ لاءِ چيو هو ته مون پنهنجو هيءُ نظم هُن ڇوڪري کي اِي ميل ڪيو هو:

شام جا پکيئڙا جڏهن،
پنهنجي واهيري ڏانهن ورن،
ته تون پنهنجي ڪمري جي دريءَ مان،
(جنهن ڪمري ۾ اسان ڪلاڪن جا ڪلاڪ
ويهي ڳالهائيندا هئاسين)
چنڊ کي ڏسجانءِ،
شايد توکي چنڊ جي ڇهري ۾،
اُها ڇوڪري نظر اچي وچي،
جيڪا هڪ مدت کان،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساٿي هئي تنهنجي ڏينهن رات جي،
اُن کي رات جي انڌيري ۾ نہ ڳولجانءِ،
اُن کي تون پنهنجي دل ۾ ڏسجانءِ،
۽ جڏهن چنڊ لهي وڃي تہ،
اداس نہ ٿجانءِ،
چاڪاڻ جو اِها ڇوڪري،
تنهنجي رت جي گردش ۾ موجود هوندي.
اِها بيوفا چنڊ ۾ نہ سهي،
ڏينهن جي روشن اُجالي کي کڻي،
سچ جي ڪرڻن سان گڏ،
تنهنجي ڇوڏاري رهندي.
اِها،
جنهن سان روشن هيا تنهنجا سيئي صبوح،
اُها ئي ڇوڪري،
جيڪا ساٿي هئي تنهنجي ڏينهن رات جي.“

محفل ۾ ماٺ لڳي پيئي آهي. سيني جي چهرن تي پٿائيءَ جي شاعريءَ جهڙو درد ڇانئجي ويو آهي. سائين جي ايم سيد اجرڪ جي پلئہ سان پنهنجون اکيون صاف ڪري ٿو. علامہ آءِ آءِ قاضيءَ جو ڪنڌ جهڪيل آهي. دودي ۽ دولهہ دريا خان جي چهرن تي غصو وڌندو ٿو وڃي.

وڏيل سِرُ وڏيڪ ٻڌائي ٿو”سائين، هِن ڇوڪريءَ پنهنجي والد کي اِهو بہ چيو هو تہ ’بابا، اوهان مون کي گهر ۾ ادبي ماحول ڇو ڏنو هو؟ ڇو مونکي اعليٰ تعليم ڏياري هئي اوهان؟ ڇو مونکي پاڻ هلي نوڪري وٺي ڏني هئي؟ اوهان مون کي جيڪڏهن اڄين ئي مارڻ چاهيو هو تہ پوءِ منهنجون اکيون بند رکو ها، منهنجو ذهن بند رکو ها، مونکي ٻاهر جي دنيا نہ ڏيکاريو ها.‘

’بابا، مون کي اجازت ڏيو تہ مان اُن ڇوڪري سان هلي وڃان، جنهن جي اکين ۾ مان ئي ٿي رهان، جنهن جي دل ۾ رڳو مان ئي ٿي وَسان.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان هُن جي سوچ آهيان بابا. مون ڪانسواءِ هُو ٻچي پُري پوندو. جُهري پوندو- ذرا پُرزا ٿي ويندو. هُو هِن سماج ۾ هڪ ناڪاره انسان بڻجي ويندو. هُو ڏاڍو ذهين آ. ڏاڍو وڏو تخليقڪار آ. ڏاڍو جاڪوڙي آ. اوهان سنڌ کان اهڙو ماڻهو نہ ڪسيو. اوهان پنهنجن ماڻهن کان اهڙو ماڻهو نہ ڪسيو- ۽ مان بہ جي نہ سگهنديس هُن بِنا. هُو منهنجي حياتي آهي ۽ مان هُن جي ڪُل ڪائنات.'

هِن ڇوڪريءَ جا اِهي ليلهاڻ بہ سندس ضدي پيءُ جي هٿ ۾ پڪڙيل ڪهاڙيءَ کي هيٺ ڪيرائي نہ سگهيا هئا. نيٺ هيءَ ڇوڪري ماري ويئي. اڄ، هيءَ اوهان وٽ فريادي ٿي آئي آهي مرشد سائين."

وَڏيلَ سِرَ جيئن ئي ڳالهہ پوري ڪئي تہ شاهہ عنايت شهيد وَڏيل سِرَ کان پڇيو "پر هيءَ نياڻي پاڻ ڇونہ ٿي ڳالهائي؟"

"سائين، هِن کي مارڻ وقت هِن جي پيءُ اِهو چوندي سندس زبان ڪَپي ڇڏي هئي تہ، 'تون مون کي ٿي سمجهائين؟ تون مون سان ٿي بحث ڪرين؟ تون.... تون.... پنهنجي زبان سان ٿي چوين تہ، تون ڪنهن ڇوڪري سان پيار ٿي ڪرين؟ اهڙي جرائت تو ڪيئن ڪئي؟ اڳ ۾ تہ اسانجي قبيلي ۾ ڪنهن اهڙي جرائت ناهي ڪئي.' پوءِ سندس پيءُ سندس ڏکي ڳچيءَ تي لَت ڏيئي سندس زبان ڪپي ڇڏي هئي. ۽ پوءِ هِن جي ڏکي ڳچيءَ کي ڪپيو ويو هو" وڏيل سِرَ جواب ڏنو.

"پر ٻچا، اسان جي آستاني تي ڪير بہ بي زبانو ناهي هوندو. هتي سڀ ڳالهائيندا آهن. اوهان ڳالهايو. ڏسو تہ اوهان ڳالهائي سگهو ٿا نہ." شاهہ عنايت شهيد ڇوڪريءَ کي چيو.

ڇوڪريءَ جيئن ئي پنهنجا چپ چورڻ شروع ڪيا تہ اُنهن مان آواز نڪرڻ لڳو. اِهو ڏسي سيني جي چپن تي مرڪ ڊوڙي ويئي. "سائين،" هاڻي ڇوڪريءَ ڳالهائڻ شروع ڪيو. "منهنجن هٿن ۾ جيڪو هيءُ وڏيل سِرُ ڏسو ٿا، اِهو اُن ڇوڪري جو آهي، جيڪو منهنجي بابا کان منهنجو سِرُ تہ نہ وٺي سگهيو، پر پنهنجو سِرُ ڏيئي ويهي رهيو." ائين رڳو هڪ جملو ڳالهائي ڇوڪري جيئن ئي پنڌي وڪ مَٽي ٿي تہ پٽائي سائين، علامہ آءِ آءِ قاضي، امڙ ايلسا قاضي، سائين جي ايم سيد،

سهڻي، سسئي، ٻيجل ۽ راءِ ڏياچ سميت سيني جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي پيون ٿا. ڀٽائي سائين اڳتي وڌي اڇي چوڪريءَ جي مٿي تي هٿ رکي، سندس هٿن مان وڃيلُ سِرُ ونئي، اُهو سائين جي ايم سيد کي وڌائي ڏيندي هيءُ بيت پڙهي ٿو:

سِڪڻُ ۽ سُوري، ٻئي اکر هيڪڙي،
وِهَڻُ وانئڙين تي، ڪارڻ ضروري،
ٻَنين جي پُوري، جيءَ ڏني ريءَ نه ٿيي.

امڙ ايلسا قاضي، سهڻي ۽ سسئي اڇي چوڪريءَ کي پنهنجي پاڪر ۾ ڀرين ٿيون. ٻيجل جي چنگ مان رون رون جو درديلو آواز نڪرڻ لڳي ٿو، ڀٽائيءَ جي فقيرن جا آلاپ تيز ٿي وڃن ٿا. شاهه عنايت شهيد ۽ ڪامريڊ حيدربخش جتوئي هڪٻئي ڏانهن ڏُکاري پر سواليه انداز ۾ نهارين ٿا، ڄڻ هڪٻئي کي چوندا هجن،” هي ڇا پيو ٿئي؟“۽ مخدوم بلاول، دودو ۽ دولهه دريا خان غصي مان ڏند ڪرٽڻ لڳن ٿا.

2006ع

# پهرين جنوري

پهرين جنوري جمال جي جنم ۽ موت جو سال آهي. هُو اِن ڏينهن کي پنهنجي نصيب جو ڪلائمڪس سمجهندو آهي. هُن کي نئين سال سان پيار بہ آهي تہ نفرت بہ آهي. هُو پاراتا رڳو پاڻ کي ڏيندو آهي، ڇاڪاڻ جو نئين سال هُن کي جنم ڏيئي هُن کان "زندگي" کسي ورتي. هُو نهالان کي "زندگي" چوندو هو جيڪا هِن جي زندگي تہ نہ بڻي، پر سندس هڪ خواب ضرور بڻجي ويئي!

پهرين جنوريءَ تي جمال جي سالگرهہ جي ڳڻتي جمال کان وڌيڪ زندگيءَ کي هوندي هئي. هُوءَ اُن ڏينهن صبح جو پنهنجي گهران تيار ٿي، ڪيڪ وٺي، ميڻ بتيون کڻي، ڪارڊن سان لفافا ڀري، ڪيئي قسمن جا تحفا کڻي ۽ ڪي خواب کڻي جمال وٽ ايندي هئي. پوءِ هُوءَ قالين تي پلٿ ماري ويهي، ڪيڪ آڏو رکي، اُن ۾ ميڻ بتيون هڻي، ميڻ بتيون ٻاري، اکيون ٻاري، جمال سان گڏجي ڦوڪ ڏيئي ميڻ بتيون وِسائي، ڇُري کڻي، جمال جو هٿ زور سان پڪڙي، ڪيڪ ڪٽي، اُهو پهريان جمال کي کارائيندي جڏهن "هئپي برٿ ڊي ٽو يو" چوندي هئي تہ جمال خوشيءَ جي اُن انتها تي پهچي ويندو هو. جتان هيٺ ڪِرڻ جو تہ هُن ڪڏهن سوچيو بہ نہ هو، پر هُو وري بہ ڪِريو تہ پهرين جنوريءَ جي ڏينهن تي ئي ڪِريو.

"زندگي، جيڪڏهن تون اڄ نہ ٿي اچي سگهين، تہ پوءِ مان سمنڊ تي يا ڪنهن دوست ڏانهن نڪري وڃان؟" جمال هيڻائيءَ وچان هڪ سال اڳ آيل پهرين جنوريءَ جي صبح جو ياراهين وڳي ڏاران انتظار جي اذيت برداشت نہ ڪندي زندگيءَ کي فون ڪري چيو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مان بس اچان ٿي، تون ٿورو انتظار ڪر پليز“ زندگيءَ هِن کي تسلي ڏيندي چيو هو- ۽ پوءِ هُو انتظار ڪرڻ لڳو هو. هِن کي خبر نہ هئي تہ اڄوڪو سندس انتظار ڪنهن طويل انتظار جي ابتدا بڻجي ويندو. جڏهن کان پهرين جنوري هِنن جي پيار ۾ آئي هئي، تڏهن کان زندگي پابنديءَ سان صبح جو وڏ ۾ وڏ ساڍي انين وڳي تائين جمال جي گهر پهچي ويندي هئي، جتي جمال اڪيلو رهندو هو. هِن جا پيءُ ماءُ ڳوٺ ۾ رهندا هئا.

اُن ڏينهن وقت گذرندو ويو. يارهن گذري ويا، ٻارهن گذريا ۽ جڏهن هڪ گذريو تہ جمال کي شديد بيچيني ٿيڻ لڳي. زندگيءَ تي غصو اچڻ لڳس. پنهنجي اندر ۾ پيچ ڊاهہ محسوس ٿيڻ لڳس. اُن لمحي هِن جي ڇهين حِس ڪيس ڪنهن خطري جي باري ۾ ٻڌائڻ لڳي. هِن جي ڇهين حسِ ڏاڍي تيز رهي هئي. هُو اُهي ڳالهيون بہ اڳواٽ سمجهي ويندو هو، جيڪي جڏهن سچ ثابت ٿينديون هيون تہ هيءُ پاڻ کي وَلي سمجهڻ لڳندو هو.

”ڪا ڳالهہ ضرور آهي. نہ تہ زندگيءَ پهرين جنوريءَ تي اچڻ ۾ اڳ ۾ هيئن ڪڏهن بہ دير ناهي ڪئي؟“ جمال پنهنجي گهر ۾ هلندي پاڻ سان ڳالهائڻ لڳو.

اوچتو دروازو کُليو. زندگي تڪڙ ۾ دروازو اندران بند ڪري گهر ۾ اندر هلي آئي. زندگيءَ پاڻ سان آندل سامان صوفي تي رکندي جمال کي ساري (sorry) چئي، تڪڙ ۾ ڪيڪ ڪڍيو، ميڻ بتون ڪڍيون، اُهي ٽيبل تي رکي ٻاريون. تڪڙ ۾ جمال سان گڏجي اُهي وِسايون. ڇُري ڪنئي، ڪنڌ هيٺ ڪري جمال جو هٿ پنهنجي ٻي ساهي هٿ ۾ پڪڙي جڏهن ڪيڪ ڪٽڻ جي ڪوشش ڪئي تہ سندس هٿ ڏڪيو. جنهن تي جمال جي ذهن تي هڪ ڌڪ لڳو. زندگيءَ جي زبان مان ٽُٽل لفظن ۾”هئپي برٿ ڊي ٽو يو“ نڪتو- ۽ پوءِ هُوءَ هڪ وڏي اوڇنگار ڏيئي ٻار وانگر سڏڪا ڀرڻ لڳي. جمال ڀَڄي ڀُري پيو.

اُن ڏينهن هُن جي ترقي پسند پيءُ پنهنجي پڙهيل لکيل ڌيءُ جي مرضيءَ جي خلاف سندس شاديءَ جي تاريخ طئي ڪئي هئي. سالگرهہ

ٻنهي ڪان وِسري ويئي. ٻئي ٻارن وانگر دانهون ڪري رُنا. ڪير بہ ڪين پرچائڻ وارو نہ هو. ڪير بہ ڪين آٿت ڏيڻ وارو نہ هو. ڪير بہ سندن پيار کي بچائڻ وارو نہ هو. هُو لاوارث ٻارن جيان روئي روئي بيحال ٿي پيا.

”اڄ چاچا جن آيا هئا تاريخ وٺڻ. بابا مون کي پنهنجي ڪمري ۾ سڏايو. اُتي اياز (ياءُ) ۽ مهرين (پيڻ) بہ ويٺا هئا. بابا اُنهن جي سامهون مون کي جڏهن پنهنجو فيصلو ٻڌايو تہ. ”اسان پهرين مارچ تي تنهنجي شاديءَ جي تاريخ طئي ڪري ڇڏي آهي.“ تہ اِهو ٻڌي منهنجي زبان تہ بند رهي، پر منهنجون اکيون وَهي هليون هيون. منهنجو روئڻ ڏسي ادا اياز بابا جي سامهون طنزيہ انداز ۾ چيو”مون کي خبر آهي تہ هيءَ ڇو ٿي روئي؟“ زندگي؛ جمال کي ڳالهہ ٻڌائي وري زارو قطار روئڻ لڳي.

اڄ جمال جي سالگرهہ جي موقعي تي سندس”زندگيءَ“ ڪيس وچوڙي جو تحفو ڏنو هو. ڪيڏو نہ عظيم تحفو هيو! ڇا ڪنهن کي اهڙي ڏينهن تي اهڙو ڪو تحفو ملي سگهي ٿو؟

زندگيءَ جي ياءُ اياز کي جمال ۽ زندگيءَ جي عشق جي خبر هئي، تڏهن ئي تہ اياز هڪ ڀيري زندگيءَ کي جمال جي موڪليل اِي ميل پڙهي زندگيءَ سان ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيو هو- ۽ زندگيءَ کي لکيل هڪ چٺيءَ ۾ رڳو اِهو لکيو هئائين، ”تون خوشنصيب آهين جو مان شهر ۾ پيدا ٿي پيو آهيان. جي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيو هجان ها تہ اڄ تون جيئري نہ هجي ها.“

جمال ۽ زندگي، ٻنهي بغاوت نہ ڪئي. هو پريمي جوڙو نہ ٻڌيا. هُنن ڪنهن تي ڪو بہ داغ لڳائڻ نہ چاهيو. جمال، زندگيءَ جي پيءُ جي عزت رکي. زندگيءَ پنهنجي زندگي گروي رکي. هُن پنهنجي پيار جي ٻار کي پنهنجن هٿن سان گهٽو ڏيئي ماري، پنهنجي پيءُ جي غيرت کي اوچو رکيو. سندس پيءُ جي غيرت سلامت رهي- ۽ هُو ٻئي معصوم ٻار چپ چاپ ۾ ماريا ويا.

جمال ۽ زندگيءَ جي عشق جي خبر زندگيءَ جي پيءُ ڪرامت کي بہ هئي، پر هُن پنهنجي قبائلي سوچ جي پاسداريءَ خاطر پنهنجي ڌيءُ جي ٻانهن ڏارين ۾ ڏيڻ مناسب نہ سمجهيو. هُن اِهو تہ مناسب سمجهيو تہ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُو پنهنجي هڪ نڪمي ۽ نااهل پائٽي ڪي پنهنجي ڏيڄ جي ٻانهن ڏئي، پر اُن جي جاءِ تي هُن هڪ پڙهيل لکيل ۽ خوشحال نوجوان جمال ڪي اُن جو رشتو ڏيڻ پسند نہ ڪيو. هُو صحيح بہ هو. ڀلا پيار ڪرڻ وارن کي ڇو پاڻ ۾ ملائجي؟ اِنهن کي رُلائجي ڇونہ؟ اِنهن پيار ڪري جيڪو گناهہ ڪيو آهي، اُن جي سزا کين اهڙي ملڻ گهرجي، جو ماڻهو اُها ڏسي عبرت حاصل ڪن – ۽ ڪو پارتي فلمي شاعر اِهو لکي ويهي تہ، ”عشق ڪمينہ.“

”جنهن ڇوڪريءَ جو جيڪڏهن ڪنهن ڇوڪري سان پيار آهي ۽ اُن ڇوڪريءَ جا والدين پنهنجي ڇوڪريءَ کي اُن پيار ڪندڙ ڇوڪري کي ڏيڻ بدران جڏهن ڪنهن ٻئي مرد کي اِها ڇوڪري ڏين ٿا، تہ اِهو ڄاڻندي بہ تہ سندن ڇوڪري ڪنهن ٻئي سان پيار ٿي ڪري، اُن کي اُن پيار ڪندڙ وٽ رهڻ ڏيڻ بدران اُن کي هڪ ٻئي مرد جي حوالي ڪرڻ سان هُو ڄڻ تہ اُن کي ٻن مردن جي حوالي ڪن ٿا: هڪ قانوني مڙس ۽ ٻيو غير قانوني مڙس،“ جمال پنهنجي هڪ خط ۾ زندگيءَ کي لکيو هو.

”اڄ پهرين جنوري آهي، جيڪا زندگيءَ جي وڇوڙي کان پوءِ آيل پهرين: پهرين جنوري آهي. اڄ هِن جي حياتيءَ ۾ وڏيڪ هڪ نئون سال اڳتي آيو آهي. جمال صوفي تي ويهندي سوچي ٿو. ”پنتي تہ رڳو عمريون ويون آهن. ڪئلينڊر reverse تي وري جنوريءَ کان شروع ٿيو آهي، باقي تہ سڀڪجهہ ساڳيو آهي: درد جي آنڌي، وڇوڙي جي تڙپ، دلين جا ڳوڙها، اکين جا پَارَ ۽ ڇهرن جون آهون، سڀ تہ ساڳيون آهن.“

هُو پاڻ کان پڇڻ لڳو. ”ڇا ڪنهن سال، مهيني ۽ موسم جي تبديلي ئي اصل تبديلي هوندي آهي؟ ڇا سال جي هڪ ليڪ ٽَپڻ سان اکين مان ڳڙندڙ ٽيپا رُڪجي ويندا آهن؟ ڇا نئين سال جي لڪير پراڻي سال ۾ ٿيل وڇوڙن جي لڪير کي مِٽائي ڇڏيندي آهي؟“

”نہ ائين ناهي. سال جو گذرڻ رڳو هڪ احساس آهي. اِهو تہ پاڻ سان هڪ احساساتي دوکو بہ آهي. ڪوبہ سال درد آڏو ڪابہ ديوار ٻڌي نہ ٿو سگهي – ۽ نہ وري ڪو نئون سال اکين جي اجالن جي جوانيءَ جي لاءِ مقرر هوندو آهي. سال جي هڪ لڪير ٽپي اسان هڪ سال وڏا ٿي ويندا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهيون. پر زندگي ننڍي ٿي ويندي آهي،“ هُو اکين ۾ ڳوڙهن جي اُٿل کي روڪيندي پاڻ سان اُلجهڻ لڳو. هُن هاڻي سُلجهڻ ڇڏي ڏنو هو.

جمال کي هاڻي پاڻ سان ڳالهائڻ ۾ مزو ايندو آهي. ڇاڪاڻ جو هُو پاڻ سان اُهي به ڳالهيون ڪري سگهندو آهي، جيڪي هُو ڪنهن ٻئي سان ناهي ڪري سگهندو ـ ۽ اهم ڳالهه اِها آهي ته هُو پنهنجون ڳالهايون رڳو پاڻ ئي برداشت ڪري سگهندو آهي، ٻيو ڪير به هِن جون ڳالهيون برداشت ڪري نه سگهندو. پلا هِن جون ايتريون ڳالهيون ٻُڌندو ڪير؟ ڪنهن وٽ آهي ايترو وقت جو هُو ويهي هِن جون بيڪار ڳالهيون ٻڌي به ۽ پنهنجو وقت به ضايع ڪري. هُن کي اڄ زندگيءَ سان گڏجي ملهايل پنهنجون سالگرهون، هُن جو پيار ۽ پاڇهه سڀ ياد اچي رهيا هئا. هُو ماضيءَ جي گهٽين ۾ زندگيءَ کي ڳوليندو رهيو. رُلندو رهيو ڪنهن يتيم ٻار وانگر. ڀٽڪندو رهيو ڪنهن اجنبيءَ وانگر ۽ روئندو رهيو ڪنهن بدنصيب نوجوان وانگر. هُن جي اکين جي ڍنڍ تي اڄ ڳوڙهن جي پکين جي آمد هئي. هُو شديد بيقراريءَ ۾ ڪنهن هڪ جاءِ تي ويهي نه پئي سگهيو. زندگيءَ کان وڇوڙي ڪانپوءِ هِن جي حصي ۾ آيل هيءَ پهرين، پهريون جنوري سندس لاءِ درد جو درياهه بڻجي آئي هئي. اڄ هن پاڻ سان هڪ وڏي ويڙهه ڪئي هئي. هُن پنهنجي پيار پري ماضيءَ کي ياد ڪري، پاڻ کي خوب اذيت ڏيئي، خوب مزو ورتو هُو. جڏهن هُو پنهنجي اندر جي اِن ويڙهه ۾ ٿڪجي پيو ته سندس اک لڳي ويئي. ننڊ ۾ هُو هڪ خواب ڏسڻ لڳو:

”هيءُ هڪ جبل تي چڙهي رهيو آهي. هلندي هلندي هُو موکيءَ جي قبرستان وٽ پهتو آهي. اُتي بہ اَ ڏَ ٿي پاڻ ۾ مِلي ويل پهاڙيءَ جي وچ ۾ رَئي جو هڪ ڦاٽل پلاند ڪيس نظر اچي ٿو.

”اِهو رَئو ته زندگيءَ جو آهي، جيڪو اسان گڏجي سندس ڪپڙن سان گڏ طارق روڊ تان ورتو هو؟“ جمال ائين چئي اِن رَئي جي پلاند ڏانهن چرين وانگر ڊوڙي ٿو.

”هُو جيئن ئي اُن رَئي جي پلاند واري جاءِ تي پهچي ٿو ته، هڪ جُهور ڪراڙي عورت بہ اُتي اچي پهچي ٿي. هُو اُتي پهچندي ئي گوڏن ڀرَ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڪي رَئي جي پلاند ڪي پڪڙي، اُهو اکين تي رکي، پوءِ اُن کي چُمڻ لڳي ٿو ته سندس اکين مان ڳوڙها ٽِمَ ٽِمَ ڪري وهڻ لڳن ٿا. اِها ٻيڙي عورت هِن جي مٿي تي شفقت وچان هٿ رکندي رڳو ايترو چوي ٿي، ”پٽ.“

جمال هِن ڏانهن ڪوبه ڌيان نه ٿو ڏئي. هُو رَئي جي پلاند کي پنهنجي مُنهن سان ويڙهي روئندو ۽ سُڏڪندو رهي ٿو ته هُوءَ سندس ڪلهي تي پنهنجي سڄي هٿ سان زور ڏيندي چوي ٿي، ”پُٽ اُٿو.“

پوءِ هُو جيئن ئي آهستي آهستي ڪري اٿي ٿو ته اُها ٻيڙي اول ته هِن جي مُنهن ۾ چتائي ڏسي ٿي، پوءِ ڪيس پنهنجي ڇاتيءَ سان لائي سندس مُنهن تي ايتريون ته چُميون ڏئي ٿي، جيتريون چميون سندس امڙ ننڍڙي هوندي ڪيس ڏيندي هئي.

”ٻچا! ڪيئن آهين؟“ هُوءَ جمال کان پڇي ٿي.

هِيءُ رڳو ٿڌو شوڪارو ڀري ٿو ته اِها ڪراڙي ڪيس پنهنجي ڇاتيءَ کان پري هٽائي ڪيس گُهوري ڏسي ٿي. هُوءَ هِن جي ٿڌي شوڪاري جي معنيٰ سمجهي ويئي هئي. نيٺ ته ماءُ هئي نه!

بجاءِ اِن جي جو جمال ڪيس پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي، جمال کانئس پُڇي ٿو”امان! اوهانجي هيءَ حالت؟“

هُوءَ جمال جي پيشانيءَ تي وري به هڪ چُمي ڏئي ٿي. هُن جو جهيرون جهيرون چهرو، سُڪل اکيون، چيڙهه ورتل وارَ ۽ نِٻل جسم ڏسي جمال اُداس ٿي وڃي ٿو. پر هُن ڪراڙيءَ جي چهري تي ڪابه اُداسي ناهي. هُن جي چهري مان ٽندبو ڀهاول جي شهيدن جي ماءُ مائي جندو جهڙو عزم ظاهر ٿيئي ٿو.

”امان، هيءُ ڪنهن جي رَئي جو پلاند آهي؟“ جمال وري به تَسلي ڪرڻ خاطر کانئس پڇي ٿو.

”پٽ،اِهو پيار ڪندڙ هڪ ڇوڪريءَ جي رَئي جو پلاند آهي. اِهو اُن ڇوڪريءَ جي رَئي جو پلاند آهي، جيڪا گذريل سال هڪ ڳوٺ ۾ ماري ويئي هئي، پر اُن کي سندس پيءُ دفنائي هتي موڪيءَ جي قبر جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرسان ويو آهي. اِن بدنصيب ڇوڪريءَ جي موت جي تِٿِ بہ اڄوڪي ڏينهن يعني ڀهرين جنوري تي ئي ٻڌي ويئي هئي.“

”امان، منهنجي زندگي بہ تہ اڄوڪي ڏينهن تي ئي ماري ويئي هئي. ڪٿي اِها تہ ناهي؟“ جمال هڪ اهڙي عجيب ۽ اُبهرائيءَ واري ڪيفيت ۾ ڪانئس پڇي ٿو جڻ زندگي هِن کي ملي ويئي هجي، جنهن جي ڳولا هاڻي هِن جو ايمان بڻجي چڪي هئي.

”ها پٽ، اِها تنهنجي زندگي ئي آهي، جيڪا هِتي دفن ٿيل آهي. هتي ٻيون ڇوڪريون بہ دفن ٿيل آهن. جيڪي پيار ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ ماريون ويون آهن. پر خبر اٿئي، هِن قبرستان ۾ دفن ٿيل ٻين سڀني ڇوڪرين مان مونکي تو واري زندگي ڏاڍي پياري آهي. مون کي اِها پنهنجي سڳي ڌيءُ وانگر لڳندي آهي.“

”امان، منهنجي زندگيءَ جون اُهي اکيون منهنجو پيڇو ٿيون ڪنديون رهن، جن مون کي آخري ڀيري ڏٺو هو. اُن وقت منهنجي زندگي مون سان ڇرين وانگر چنبڙي مون کي چيو هو ’جمال! منهنجو موت ڏاڍو ويجهو آهي. گڏجي جيئي تہ ڏٺو آهي، اڄ اڄ تہ گڏجي مري ڏسئون.‘ پر مون کان اڳ هُوءَ ماري ويئي.

”امان، پٺائي سائين، انور پيرزادو، شمشير الحيدري، تاج بلوچ، بدر ابڙو، محمد علي پٺاڻ، زندگيءَ جي امڙ حفيظان، اِن جون ماسيون، اِن جون ماساتيون، ان جون ڀينر ۽ ڀائر منهنجي زندگيءَ جي قتل جا شاهد آهن.“

”مون کي سڀجي خبر آهي پٽ،“ هُوءَ جمال جي اکين مان لارون ڪري وهندڙ ڳوڙهن کي پنهنجن هٿن جي ترين سان اُگهندي چوي ٿي، ”پُٽ، هيءُ غمن جو ديس آهي، هتي خوشيون ناهن هونديون؟“ جمال ڏسي ٿو تہ هُن جي اکين ۾ بہ ڳوڙها تري آيا آهن.

”امان....“ جمال ڀريل آواز ۾ ڪيس چوي ٿو” اڄ ڀهرين جنوري آهي ۽ اهو منهنجي جنم جو ڏينهن آهي. اڄوڪي ڏينهن تي منهنجي زندگي ۽ مان گڏ ڪيترن سالن کان گڏجي منهنجي سالگرهہ ملهائيندا هئاسين. امان! جيتوڻيڪ هوءَ قتل ٿي چڪي آهي، پر پوءِ بہ مون کي هُن سان گڏجي اڄ پنهنجي سالگرهہ ملهائڻي آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”امان، هُن منهنجي سالگرهه ملهائڻ جي روايت وڌي هئي. مون کي هُن جي وِڇڙڻ اِن روايت کي سندس موت کانپوءِ بہ جيئرو رکڻو آهي.“

هُوءَ پيڙڙ عورت جمال جي اندر جي پيڙا کي سمجهي وجي ٿي. پوءِ هِن کي زمين کان ٻاهر رهجي ويل اُن رَئي جي پلاند واري جاءِ جي بلڪل ئي پرسان بيهاري ٿي. هُوءَ پنهنجي سامان جي ڳنڍ مان ماچيس ڪڍي ٿي، پرسان ٿوهر جي پيل سُڪل ڪاني ڪٽي ٿي ۽ پوءِ اُها ڪاني اُن رَئي جي پلاند جي پرسان زمين ۾ کوڙي، اُن کي ٻاري، رَوئندڙ گاڏڙ کِلندڙ چهري سان جمال کي ڏسي، سندس هٿن کي پنهنجن هٿن ۾ پڪڙي، اُنهن کي تاڙين واري انداز ۾ وڄائيندي چوڻ لڳي ٿي:

”پُٽ چَنُہ ...Happy Birthday To You“۔

جمال پنهنجي ڳلي مان نہ نڪرندڙ آواز ۾، ٽُٽل لفظن ۾ هئہ...پي... بر.. .ٿ... چئي اوچنگار ڏيئي روئي پوي ٿو. هُوءَ پنهنجن ڳوڙهن کي روڪيندي جمال کي پنهنجي سيني سان لائي وٺي ٿي....

”امان، هونئن تہ ماءُ جو ڪو نالو ناهي ٿيندو پر زماني ۾ اُن جي سڃاڻپ خاطر اُن جو هڪڙو نالو ٿيندو آهي. مون کي ٻڌايو تہ اوهانجو نالو ڇا آهي؟“

”پٽ، نالي کي ڇڏ. بس مان اج هتي تنهنجي سالگرهہ ملهائڻ لاءِ آئي هئس. مون کي خبر هئي تہ تون اڪيلو آهين. اجوڪو ڏينهن تولاءِ قيامت کان گهٽ نہ هوندو. مان ماءُ آهيان نہ. تڏهن تو وٽ هلي آيس. مون کي خبر هئي تہ اج تون پنهنجي زندگيءَ کي ڳولڻ لاءِ ضرور نڪرندين. اِنڪري مان تنهنجي پنيان پنيان پئي آيس.“

”پر امان، اوهان آهيو ڪير؟“

”ڇا ضروري آ تہ توکي پنهنجي باري ۾ ٻڌايان پٽ؟“

”ها، امان،“ ڳوڙها جمال جي اکين مان وَهي رهيا آهن.

هُوءَ پنهنجي ميرانجهڙي رَئي سان جمال جا ڳوڙها اگهندي کيس چوي ٿي،”مان تنهنجي سنڌ امڙ آهيان پٽ.“

جمال سندس پيرن تي ڪِري پوي ٿو تہ اُن مهل هِن جي موبائل فون جي رنگ وڄي ٿي. هُو ڇرڪ ڀري خواب مان ٻاهر نڪري اچي ٿو. فون



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٽي اُن کي آن ڪري هيلو چوي ٿو تہ پريان زندگيءَ جو آواز اچي ٿو. هُوءَ روئندي کيس "هيپي برٿ ڏي ٽو يو" چوي ٿي. جمال سڏڪندڙ لهجي ۾ کيس چوي ٿو "مهرباني توهانجي."

فون مان زندگيءَ جي روئڻ جو آواز اچي ٿو ۽ پوءِ فون بند ٿي وڃي ٿي. جمال صوفي تان اُٿي بي ساها قدم کڻي پاڻ کي بستري تي اُڇلائي ڇڏي ٿو.

*جنوري 2008ع*



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مِٽيءَ جي سيجَ

مون جڏهن مٽيءَ  کي هڪ هجوم ۾ ڏٺو هو ته مان اُهي ٻيون سڀ ڇوڪريون وساري ويٺو هيس، جن جي هٿن ۾ مون لئه انتظار، جن جي ٻاڪر ۾ مون لئه تڙپ ۽ جن جي اکين ۾ مون لئه محبت جون امانتون سنڀالي رکيل هيون. مان هِن کي ڏسڻ شرط ٿي ٻي اختياريءَ ۾ ڊوڙندو ڊڪندو ٿڙندو ٿاٻڙندو وٽس وڃي پهتو هوس، اِهو سمجهي ته اِها ٿي ته اُها ڇوڪري آهي، جنهن ۽ مون هڪٻئي سان صديون گڏ گذارڻ جا وچن ڪيا هيا، هر نئين جنم ۾ ملڻ جا قسم کنيا هيا ۽ ملي گڏ مرڻ جا وعدا ڪيا هيا.

مون ته هُن کي چٽيءَ طرح سڃاتو پئي، پر هوءَ مون کي نه سڃاڻي سگهي هئي. هوءَ هِن جنم ۾ مون سان هر پيري اجنبين وانگر ملي هئي. مان ڪيس هر بار ياد ڏيارڻ چاهيندو هوس اُهي واقعا، جيڪي اسان ٻنهي سان پيش آيا هيا، اُهي ملاقاتون، جيڪي اسان ڪراچي شهر جي فائيو اسٽار هوٽلن جي ريسٽورنٽس، ڪي ايف سي، ميڪڊونلڊس، سي ويو ۽ منهنجي  گهر ڪيون هيون. اُهي لمحا، جن ۾ اسانجا وجود هڪٻئي سان ملي هڪ ٿي ويا هئا. اُهي شرارتون، جيڪي اسان هڪٻئي سان ڪيون هيون. اُهي خط ۽ اِي ميلس، جيڪي اسان هڪٻئي ڏانهن موڪليون هيون ۽ اُهي ٿهڪ ۽ لڙڪ، جيڪي اسان هڪٻئي سان شيئر ڪيا هيا، پر هُن کي اُنهن سيني مان ڪا هڪ به ڳالهه ياد نه رهي هئي.

جڏهن هوءَ مون کي سڃاڻڻ کان انڪار ڪندي هئي ته مان پنهنجي گهر وڃي اوڇنگارون ڏيئي روئي پوندو هيس ۽ جڏهن روئندي روئندي ننڊ اچي ويندي هئي ته هوءَ منهنجي خواب ۾ مون وٽ ايندي هئي

۽ پنهنجي لازوال مسڪراهٽ سان منهنجي پيشانيءَ تي چُمي ڏيئي چوندي هئي، ”پريم، هِن جنم ۾ تون ۽ مان هڪٻئي سان ملي نہ سگھنداسين. مان هِن جنم ۾ ڪنهن ٻئي جي آَهيان. تون تلاش ڪر مون کي ڪنهن ٻئي ۾. بابلا! ضد ڇڏ. ٻار نہ ٿيءُ. تون اِهو سمجهي ڇڏ تہ مان تنهنجي هرگز هرگز ناهيان.“ ائين چئي هوءَ آهستي آهستي پنهنجا گلن جي پنکڙين جهڙا چپ منهنجي پيشانيءَ تان هٽائي، منهنجي مٿان اجرڪ ٺاهي ٺيڪ ڪري وجهي پوءِ غائب ٿي ويندي هئي ۽ پوءِ مان ڳوليندو هوس هُن کي هر ڪنهن ۾، پر هوءَ ٻين ۾ ڪيئن پئي ٿي سگھي؟ هوءَ ڪيئن پئي ٻين ۾ سمائجي سگھي؟ ۽ ٻيا ڪيئن پئي هُن جي وجود جو عڪس بڻجي سگھيا؟ پر مان تہ اُهي ٻيا بہ وڃائي چڪو هيس هِن هڪ خاطر. هاڻي نہ هيءَ منهنجي رهي هئي ۽ نہ ٻيون منهنجون رهيون هيون.

ڏوهہ مٺيءَ جو بہ نہ هو. ڏوهہ تہ منهنجو بہ نہ هو. پوءِ هي ڇا ٿيو؟ ۽ ڇو ٿيو جو هوءَ مون کي سڃاڻڻ کان انڪار ڪري ويهي رهي ۽ صدين جو دک منهنجي جهوليءَ ۾ وجهي هلي وئي؟

مون جڏهن ڪيس ڪُلهن کان پڪڙي ڌونڌاڙيندي چيو هو تہ،”منهنجي مٺي، مون کي سڃاڻ. مون کي تون سڃاڻين ڇو نہ ٿي؟ مان تہ تولاءِ ئي جنميو آَهيان. تو سوا مان هِت اوپرو آهيان. توسوا هِت مون کي سڀ پناهون عارضي ٿيون محسوس ٿين. ٻين وٽ منهنجو انتظار منهنجي خوشي ناهي. اِها هُنن جي خوشي آهي، پر مون وٽ تنهنجو انتظار منهنجي خوشي آهي. مون کي اُجاڙ نہ. مان هِت اُجڙڻ جي لاءِ ناهيان آيو ۽ تون بہ پنهنجو مسيحائي ڪردار ڀُلجين ٿي. ائين نہ ڪر. پوئين جنم ۾ تون اهڙي نہ هئينءَ. هِن جنم ۾ بہ ائين نہ ٿيءُ... خدا جي واسطي ائين نہ ڪر. ائين ڪر جو ماڻهو اسانجي محبت جا مثال ڏين.“

تہ چيائين، ”منهنجو بسيرو تہ ڪو ٻيو آهي. تنهنجي دل جو آکيرو جي اُجڙي ٿو تہ منهنجو ڇا؟ آءٌ تہ تنهنجي محبت جي ضمانت نہ هيس. تون تہ اجايو پنهنجي دل مون کي ڏيئي ويٺو آهين. اِها بيڪار شيءِ مون



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توکان گھري تہ ڪانہ هئي. تون جي روئين ٿو، تڙپين ٿو، ڦٿڪين ٿو، بيهوش ٿي ٿو وڃين ۽ هوش ۾ ايندي ئي رڳو منهنجو نانءُ ٿو پڪارين. رڳو مون کي ئي ٿو پڪارين تہ مان ڇا ڪريان؟ تنهنجي اهڙي خوشفهميءَ ۾ منهنجو ڪنهن بہ قسم جو راضپو شامل نہ هو. تو تہ پاڻ سان پاڻ ائين ڪيو آهي. چنڊ جي چاندوڪيءَ ۾ دشت کي درياءُ سمجهي ويهڻ واري غلطي تہ تو پاڻ ڪئي آهي. اِن ۾ منهنجو تہ ڪو ڏوهہ ناهي. مان بي قصور آهيان. ڇڏ مون کي تہ مان وڃان. ڪو منهنجو انتظار ڪري رهيو آهي. هُن جو انتظار تنهنجي انتظار کان وڌيڪ طاقتور آهي ۽ جيڪو مون کي ڏاڍو عزيز بہ آهي، ڇاڪاڻ جو مان توکي اڳين جنمن ۾ تہ سڃاڻان ئي ڪونہ. تنهنجي اهڙي دعويٰ غلط آهي. تنهنجي انتظار جي عمر صرف 6 مهينا آهي ۽ هُن جي انتظار جي عمر 6 سال آهي. هُو تڏهن کان منهنجو انتظار ڪري رهيو آهي، جڏهن بابا منهنجو رشتو پنهنجي ماسات جي پٽ کي ڏيڻ جي ڳالهہ ڪئي هئي. اُن وقت مان 20 سالن جي هُيس ۽ اڄ مان 26 سالن جي آهيان. هُو تہ منهنجي امڙ جو بہ ويجهو مائٽ ٿئي. تون تہ الائي ڪير آهين. مان تہ توکي بس ايترو سڃاڻان تہ تون ڪنهن وقت رستي ويندي مون سان مليو هُئين. پاڻ ۾ٺهي رڳو هيلو هاءِ ڪئي هئي ۽ بس. اِن کي ٿو تون عشق جو نانءُ ڏئين!؟ “

”تہ پوءِ هوءَ ڪير هئي، جيڪا مون سان هر لمحي گڏ هوندي هئي؟ منهنجن خوابن جون تصويرون ٺاهيندي هئي. مون کي ڳلي لڳائيندي هئي. روئڻ تي پرچائيندي هئي. کلڻ تي وڌيڪ کلائيندي هئي؟“

”مان نہ سڃاڻان اُن کي،“ ائين چئي هُن پنهنجي ڳالهہ جاري رکي،”توسان منهنجو ڪهڙو رشتو آهي؟ سچ پڇين تہ تون تہ ڪنهن بہ رشتي رکڻ جي لائق ئي ناهين. تون تہ هڪ بدنصيب، بنهہ ئي بدنصيب شخص آهين۔ ۽ توکي خبر آهي تہ مون کي بدنصيب ماڻهن کان سخت نفرت آهي؟ اِهي بدنصيب شخص هِن ڪائنات ۾ڪنهن بہ قسم جي همدرديءَ جي لائق ناهن. بدنصيبي تہ اِنهن جي سزا آهي، جيڪا کين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خدا ڏني آهي ۽ اِها سزا ئي اِنهن جو نصيب آهي. اِنڪري تو سان ڪير پنهنجو رشتو جوڙي پنهنجا سُک ۽ آسائشون برباد ڪندو؟ ۽ تو وٽ آهي بہ ڇا؟ خالي دل؟ ۽ خالي گهر؟ توسان تہ ملڻ ئي ڏکن کي دعوت ڏيڻ آهي. مون لئہ پيار، محبت، پريم، چاهت ۽ عشق ڪرڀ ڏياريندڙ لفظ آهن. تون تہ پاڳل آهين، جو اجا بہ اِنهن وڏوا ٿيل لفظن ۾ ويساهہ رکين ٿو. پيار ۾ دوکي کائڻ کي درست سمجهين ٿو ۽ پاڻ کي پل پل ماري ڪوڙي عاشقيءَ جو نماءُ ڪرين ٿو؟ تون تہ بلڪل ئي نفرت جي لائق آهين. اڄ جيڪو محبت ۽ عشق جي ڳالهہ ڪري ٿو اُهو نفرت جي لائق آهي. تو ويرانن جي رهواسيءَ کي مان ڪيئن پنهنجي آباد زندگيءَ ۾ ويرانا آڻڻ جي اجازت ڏيان؟ افسوس جو مون کي تہ توسان ايترو بہ ڳالهائڻو نہ هو. خير. هاڻي وڃ واپس پنهنجن ويرانن ڏانهن ۽ ڇڏ مون کي تہ مان پنهنجي اُن انتظار طرف واپس وڃان، جيڪو تڏهن کان منهنجي انتظار ۾ آهي، جڏهن مان 20 سالن جي هُيس.“

هوءَ پنهنجي ڳالهہ پوري ڪري وڃڻ لڳي ٿي. مون کي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي تہ مان ڇا ڪريان؟ ڪجهہ گهڙين ڪانپوءِ سَڪتي مان ٻاهر نڪري بي خياليءَ ۾ هُن جي پٺيان پٺيان. آهستي آهستي رِڙهڻ لڳان ٿو. هُوءَ منهنجن تيز ڪائيندڙ قدمن جي آهٽ ٻڌي هڪ پل جي لاءِ رُڪجي بيهي ٿي. پٺتي مُڙي مونکي گُهوري ڏسي ٿي ۽ پوءِ هڪ وڏو ٽهڪ ڏيئي، ”هون پاڳل!“ چئي اڳتي وڌي وڃي ٿي.

مان پنهنجين اکين مان ٽَپڪيل ڳوڙهن جي آئيني ۾ پنهنجي بدنصيبيءَ جي بدصورت تصوير ڏسي سوچيان ٿو ”هاڻي مان ڪيڏانهن وڃان؟ هاڻ تہ اُنهن ڇوڪرين ڏانهن بہ واپس موٽي نٿو وڃي سگهان، جن جي هٿن ۾ مون لاءِ گجرا ۽ اکين جي اوسيئڙي ۾ مون لاءِ دعائون هونديون هيون. مان اُنهن ڏانهن، جي واپس وڃان بہ سهي، تڏهن بہ کين ڇا وڃي چوندس؟ ڇا کين ائين وڃي چوان تہ منهنجي شڪست اوهان کان وري اوهانجي قبوليت جي خيرات ٿي گُهري. منهنجي اُجاڙ زندگي اوهان جي ٻاجهہ ٿي چاهي ۽ منهنجو وِڪريل وجود اوهان کان نئين ترتيب ٿو گُهري.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاڪاڻ جو مان پنهنجي معصوميت سبب جنهن منٽي چشمي ڏانهن اجايل هرڻيءَ وانگيان ڊوڙي ويو هيس، اُتان تہ مون کي پاڻيءَ جا صرف ٻہ ڍُڪ ئي مليا سگهيا ۽ جيڪو پوءِ مون لئہ سُڪي ويو.“

ائين سوچي مان اِن ويندڙ چوڪريءَ تي پنهنجي اُداس الوداعي نظر وجهي ڪجهہ وِکون کڻڻ لڳان ٿو پر سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ ڪيڏانهن وڃان پيو. اُن گهڙيءَ منهنجي ذهن ۾ اُن جو خيال اوچتو اچي وڃي ٿو، جيڪا مون کي منهنجي جنم کان وٺي سڃاڻي ۽ جيڪا منهنجي جنم کان وٺي منهنجي لاءِ سيج وڇائي منهنجي انتظار ۾ ويٺي آهي. اِن جو خيال ايندي ئي مون کي خوشي محسوس ٿئي ٿي. منٽيءَ جي ياد جو درد ٿورو گهٽجي ٿو. جسم ۾ نئون ساهہ پوندي محسوس ٿئي ٿو. سُڪل چپن جي صحرا تي مسڪراهٽ جا بادل ڇانورو ڪري اچن ٿا ۽ پنهنجي منٽيءَ کان مليل وڇوڙي جي تازي ايذاءَ کي پنهنجي نئين نصيب ۾ تبديل ٿيندو ڏسي پاڻ کي پاڻ آٿت ڏيندي چوان ٿو،”اڙي يار، مان ايترو بہ بدنصيب ناهيان، جو بلڪل ئي مايوس ٿي ويو آهيان. جي منهنجي منٽي هِن جنم ۾ منهنجي نہ ٿي سگهي تہ ڇا ٿي پيو؟ ٻئي جنم ۾ تہ هوءَ منهنجي آهي. ٻئي جنم تائين وارو منهنجو انتظار هُن جي لاءِ ڪنهن ٻئي پاران گذريل ڇهن سالن کان ٿيندڙ انتظار کان وڏيڪ طاقتور هوندو. منهنجي منٽيءَ کي مون ڏانهن ضرور واپس ورڻو پوندو، پوءِ هِن جنم ۾ نہ سهي تہ هُن جنم ۾ ئي سهي. مان اجايو ٿو روئان، پِٽيان ۽ پار ڪيان.“

پوءِ مان تيز تيز وکون کڻندو اُن ڏانهن وڌي وڃان ٿو، جيڪا هڪ ويراني ۾ وڇڙي ويلن جي هڪ آباد وستيءَ ۾ منهنجي سمهڻ جيتري ڪمري ۾ مِٽيءَ جي سيج سجائي منهنجي انتظار ۾ ويٺي هئي.

مون کي پاڻ ڏانهن ايندو ڏسي مُسڪرائي چيائين،”نيٺ اچي وئين نہ؟ مون کي پڪ هئي تہ تون مون وٽ جلد ايندين. تو جهڙا ماڻهو ٻين وٽ گهڻو وقت ٽِڪي ناهن سگهندا.“ ائين چئي مون کي اچي ڀاڪر وِڌائين. چُمين جو مون تي مِينهنُ وسائي ڏنائين. پوءِ اسين پاڻ ۾ ٻَڪجي اُن ڪمري جي مِٽيءَ جي سيج تي سُتاسين تہ اسان کي اهڙي تہ گهري ننڊ وٺي ويئي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو اِها خبر ئي نہ پيئي تہ اِن مختصر ڪمري جون سڀ دريون ۽ دروازا کهڙي وقت تي بند ڪيا ويا ۽ اُن ڪمري جي ٻاهران گُهلندڙ تيز هوا ۽ پيِل گلاب جون پنکڙيون ڪيتري دير تائين اسانجي لاشن لهڻ جا لاڏا ڳائيندڙيون رهيون.

اِها هڪ قبر هئي.

*2006ع*



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اُڪير جو پنڌ

رحمان پنهنجي اسٽڊي روم ۾ ويٺو آهي. ٽيپ رڪارڊر تي عابده پروين جي آواز ۾ وارث شاهه جي ”هيرَ“ هلي رهي آهي. ”هيرَ“ ٻڌي هُو درد تي سوچي ٿو ”درد ڇا آهي؟“ ڇا اِهو ڪو انعام آهي، جنهن کي سنڀالي رکجي؟ جنهن جي ملڻ تي خوش ٿجي ۽ خوشيءَ کي ٻي معنيٰ سمجهجي؟“ انور پيرزادو جڏهن به منهنجين اکين جو درد پڙهندو آهي، منهنجي لهجي جو سُڏڪو ٻڌندو آهي ۽ منهنجي چهري جو ڪوماڻل گيت ٻڌندو آهي ته اڪثر پٺائي سائينءَ جي هيءَ سِٽَ ٻڌائي چو آڻت ڏيندو آهي، ”اندر ايءُ اهنج سانڍج سڪائون ڪري.“

اڄ جمعي جي رات هئي ۽ انور پيرزادو ڪراچيءَ مان ۽ محمد علي پناڻ لاڙڪاڻي مان ڀٽ شاهه تي پهتا هئا. اِهي ٻئي جڻا پنهنجو جيڪو به فارغ ڏينهن ڏسندا آهن، اُن ڏينهن پٺائيءَ جي درگاهه تي اچي، اُتي پنهنجو سيسُ نِوائيندا آهن. محمد عليءَ رحمان کي ڀٽ شاهه تان هيءُ ايس ايم ايس ڪيو”انور هينئر پهتو آهي، سو جيڪڏهن پٺائي سائينءَ جو راڳ ٻڌڻ چاهين ته رات جو ٻارهين وڳي فون ڪجانءِ.“ اڳ ۾ به انور پيرزادو ۽ محمد علي پناڻ هڪُ به دفعو رحمان کي سيليولر فون تي پٺائيءَ جي راڳائين جا ڪجهه آلاپ ٻُڌرايا هئا.

رحمان، محمد عليءَ کي جوابي ايس ايم ايس ۾ لکيو ”سلام سيني کي. ننڊ ٿي اچي يار. ٿڪجي پيو آهيان. باقي پٺائي سائينءَ کي دانهن ڏجانءِ ته سائين، سُورُ اجا تازو آ.“ جواب آيو ”پٺيندي سا ئي، جنهن سُور ٻڌايو سندرو.“ ”تنهنجو پيغام سيني کي پڙهي ٻڌايو. انور اِهو پٺائيءَ وٽ ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ جي لاءِ مورَ فقير وٽ رکيل ”ايف آءِ آر بڪ“ ۾ لکيو آهي. چوي ٿو ته ’اندرِ ايءُ اهنج سانڍج سڪائون ڪري.‘



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رحمان جوابي ايس ايم ايس ۾ لکيو ”انور صاحب کي چئُہ تہ سُور ساندیو نٿو ٿئي. اندر ۾ هاٺي خاڪ ٿي وَسي ۽ اکين وسڻ بند ڪري ڇڏيو آهي. ڳوڙها اندر کي ساڙين پيا ۽ مان زندگيءَ جي اُس ۾ اڪيلو بيٺو آهيان.“

جواب آيو ”انور صاحب ٿو چوي، Enjoyed most beautiful poem of your pain

۽ پوءِ رحمان پنهنجي اهنج کي سانديءَ سمهي پيو.

رحمان ڪجهہ سالن کان اِهو ”اهنج سُڪائون ڪري“ ساندیندو پيو اچي، پر پوءِ بہ سندس بي آرامي پنهنجي عروج تي آهي. اکين جو ٿَڪُ، ذهن جو اوجاڳو ۽ دل جي ڏوڙ ڪيس منظر کان پري رکندا پيا اچن. هاڻي تہ هُو اڪثر ماڻهن کان بہ پري ٿو رهي. غائب ٿو رهي محفلن مان بہ، جيڪي اڳ هُن جي لاءِ ڪاڪ جهڙي حيثيت رکندو هيون.

هو پاڻ سان ڳالهائي ٿو، ”اِهو غائب ٿي وڃڻ، اِهو وڃائجي وڃڻ، اِهو پاڻ کان ۽ ٻين کان پري ٿي وڃڻ ڪٿان نصيب ٿيو؟“ ڪيس ياد ٿو اچي، ”هڪ ڏينهن، جڏهن هُو درد سان ٽمٽار ٿيو هو، تڏهن سندس لاءِ انتهائي معتبر حيثيت رکندڙ بدر ابڙي صاحب ڪيس سندس آفيس مان وٺي پنهنجي گاڏيءَ ۾ ويهاري شهر جي ويران روڊن تي هرويرو هلندي ڪيس سمجهائيندي چيو هو،” درد نصيبن وارن جي نصيب ۾ ايندو آهي. توکي اِهو درد اِنڪري مليو آهي، جو قدرت شايد توکان ڪو وڏو ڪم وٺڻ ٿي چاهي.“

”پر مان تہ ننڍڙو ماڻهو آهيان، قدرت مون کان ڪهڙو وڏو ڪم وٺندي؟“ هِن پاڻ کي چيو. هِن پنهنجي تازي درد تي ماتم تہ نہ پئي ڪرڻ چاهيو پر هُو اُن کي وساري بہ تہ نہ پئي سگهيو. اِهو درد، جيڪو هاڻ هِن جي سوچ بڻجي پيو آهي. هِن جي هر گفتگوءَ جو موضوع بڻجي ويو آهي. هِن کان هاڻي ٻيا سڀ موضوع وسري ويا آهن، سواءِ اِن هڪڙي موضوع جي. هُو پاڻ کي شڪ جي نظر سان ڏسي ٿو ۽ پاڻ کان پڇي ٿو، ”ڪٿي مان چريو تہ ناهيان ٿي پيو، جو رڳو هڪ ئي ڳالهہ ڪندو ٿو وتان. هڪ ئي ڪهاڻي آهي، جنهن کي هر وقت مختلف لفظن ۽ عنوانن سان بيان ڪندو ٿو وتان؟“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ کي جواب ڏئي ٿو ”پر مون جهڙن ماڻهن جي ڪهاڻي ته هڪ ئي هوندي آهي، اُن جا ڪردار به ساڳيا هوندا آهن ته اُن جا واقعا به ساڳيا هوندا آهن. مان شڪست کائي، چريو ٿي، پنهنجي عشق کي اُتم رکي ويس. جي اِهو بار بار بيان ڪيان ٿو ته اِن ۾ منهنجو ته ڏوهه ناهي. مون کان ته ائين ٿي ٿو وڃي.“ اِن الزام تي هُن جون اکيون پرجي اچن ٿيون ۽ هُو پنهنجن گذريل ٽن سالن تي سوچي ٿو:

”اِهي ٽي سال ڪيئن گذريا؟ ڄڻ ته پل پل مري، جي گذريا. درد جي لذت ڀرپور ملي. اکين جو وسڪارو اهڙو ڪڏهن به نه ٿيو. جهڙو اِنهن ڏينهن ۾ ٿيو. زندگيءَ جو اِهو روپ ڏسي، ڄڻ ته زندگيءَ کي مڪمل ڀَسي ورتو پر نصيب ۾ شايد اڃا اُڪير جو پنڌ لکيل هو، جو درد جي پاڪر ۾ ڀرپرو وقت ڪاٽي، قيد ڪاٽي، نئون جنم وٺي واپس اچي ويس. اِرادو ته آرام ڪرڻ جو هو. طويل آرام، پر جاڳي پيس. هاڻي به اڪثر اِهو طويل سفر پاڻ ڏانهن ڪنهن وڇڙيل محبوب جيان پيو چڪيندو آهي ۽ مان اُن ڏانهن وڌي وري واپس موٽي پوندو آهيان. هاڻي به اِهو سفر سڏي پيو. مان دِل مَنُ هٽان ٿو، پاڻ کان پڇان ٿو، لوڪ کي ڏسان ٿو، وري رُڪجي وڃان ٿو. اِها راند اڃا جاري آ.“

پاڻ سان گفتگو ڪرڻ هاڻي هِن جي عادت بڻجي پئي آهي. هُو پاڻ کان پڇي ٿو ”تنهنجو اِهو درد وارو وقت ڪيئن گذريو؟“

”ڪٿي وقت گذريو آ؟“ وقت ته بيهجي ويو آ، رڳو منهنجي عمر گذري ويئي. اِهي سال ته تياڳ جا سال هئا، تپسيا جا سال هئا، ڳوڙهن سان ڳالهائڻ جا سال هئا، درد پيئڻ ۽ نئين سِر جيئڻ جا سال هئا، پاڻ سان گڏ ٻين کي سمجهڻ جا سال هئا. اِنهن سالن ۾ پاڻ کي جلائي ٻين جي روشنيءَ کي سلامت رکڻ جي ڪوشش ڪئي سين. حقيقت ۾ اِهي سال پاڻ سان وڙهڻ جا سال هئا. پاڻ سان ويڙهه ته ڪئي، پر ويڙهه جي اِن رياض ۾ پنهنجي طاقت به سمجهه ۾ آئي.“

هاڻي هُو اڪيلو هوندي به اڪيلائيءَ ۾ ناهي ويهي سگهندو. ڊپ ٿيندو اٿس اڪيلائيءَ کان. ڊپ ٿيندو اٿس پنهنجي ماضيءَ کان. اڪيلائيءَ ۾ سندس ماضي مٿس حملي آور ٿيندو آهي ۽ هُو پنهنجي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگيءَ جا ڪجهه وڏيڪ ڏينهن هارائي ويهندو آهي. هُو هاڻي مشهور انڊين گاني جا هي ٻول ٻه ناهي ٻڌي سگهندو:

کب ملے تھے، کہاں بچھڑے تھے،
ہمیں یاد نہیں،
زندگی تجھ کو تو بس خواب میں،
دیکھا ہم نے۔

هُو اڪثر اِنهن سوالن تي سوچيندو رهندو آهي ته، زندگي ڇا آهي؟ ڇا اِها موت جو ٻيو نانءُ آهي؟ زندگي ڪيڏي نه طويل آهي ۽ ساڳئي وقت اِها ڪيتري نه مختصر آهي.“ هُو سوچي ٿو، ”جيڪي نه ڄنميا، سي ڪڏهن به نه مُئا ـ ۽ جيڪي ڄاوا، تن مان ته اڪثر کي ڏسي ائين لڳندو آهي ڄڻ اُهي ڄاوا ئي ناهن. اِهي ته بيڪاريءَ ۾ آيا آهن. دنيا ۾ هيڏي هوڏي واجهائي، ڪي سطحي اسرار پَسي، خالي هٿين هلندا پيا وڃن، پر ڪي ته ايترو ڪجهه کٽي ٿا وڃن، جو سڀني جهانن ۾ سندن شاهوڪاريءَ جي هاڪ هجي ٿي.“
وڏي عرصي کانپوءِ هُن جي اونداهين اندر ۾ روشني واپس اچي ٿي ۽ هو مسڪرائي پاڻ کي چوي ٿو،”ها، منهنجين اکين ۾ به ڪنهن وقت ٽانڊاٽا لٽا هئا ۽ ڪنهن صبح جو ماڪ ڀنل مِٽيءَ تي پير رکي هلڻ کانپوءِ اِهو احساس ٿيو هو ته شايد مان  به جنميو آهيان ۽ هِن دنيا مان پيار جا جهول ڀري ويندس، پر هاڻي پاڻ کي ڏسان ٿو ته خالي اکيون، خالي جهول ۽ خالي زندگي ڏسڻ ۾ ٿي اچي ـ ۽ ڪائنات رڳو پرپيل ٿي لڳي ٽڪرن ڀترن سان.“ اِن لمحي هُن جي چهري کي وري ساڳئي اداسي پنهنجي ٻُڪ ۾ ڀري ٿي ورتي.
”ها، منهنجي زندگي به ڪنهن وقت هڪ جاءِ تي رُڪي هئي ۽ سمجهيو هيم ته هاڻي سڀڪجهه ملي ويو. سموري خدائي ملي ويئي. زندگيءَ جا صفحا اسانجي خوشي لِکڻ لڳا هئا ۽ اسان دنيا کي فخر سان ڏسڻ لڳا هئاسين. اِن سان گڏ زندگيءَ کي ٿوري ترتيب به ملي هئي ۽ وڏيڪ ترتيب ملڻ جي تمنا هئي. زندگيءَ ۾ ڦيريون ڦيرو زندگيءَ سان


sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملاقات ٿي هئي ۽ چاهتن جا تاج محل جڙي راس ٿيا هئا. پر پوءِ اوچتو آنڌيون آيون، طوفان ۽ مينهن آيا، زلزلا ۽ ٻوڏون آيون، جن ۾ جُڙيل اسانجي ڪائنات تباهه ٿي ويئي، ۽ اسان وري اجنبي ٿي وياسين. هاڻي اِها اجنبيت اسانجي اندر ۾ ٿي رهي ۽ اسان ٻاهرئين دنيا کي حيرت مان ڏسئون پيا!“

هُن جڏهن ته پارڪ کي ڪا ڪهاڻي پئي ٻڌائي. هُو پنهنجي ڪهاڻي پارڪ کي تيستائين ٻڌائيندو رهيو جيستائين سندس امڙ اچي کيس اِهو ٻڌايو ته، ”پٽ، سورٺ کي پٽ ڄائو آهي. سورٺ جي ماءُ فون تي اهڙو اطلاع ڏنو آهي.“ رحمان خاموشيءَ سان ماءُ کي ائين ڏسندو رهيو، ڄڻ منجهس ساهه ئي نه هجي. اِن اطلاع تي هن جي اکين مان ڪو به ڳوڙهو نه ڳڙيو پر سندس امڙ جون اکيون وَهي هليون ۽ هُن وڏي اچي کيس پنهنجي سيني سان لائي ورتو. سورٺ رحمان جي ماءُ جي پاڇَ هئي.

هِن جي اِها ماءُ ئي ته آهي، جنهن سورٺ جي جدائيءَ ڪانپوءِ کيس جيئرو رکيو آهي ۽ سندس ائين خيال رکيو آهي، جيئن ڪا ماءُ پنهنجي نئين ڄاول ٻار جو رکندي آهي- رحمان، سورٺ جي وڇوڙي ڪانپوءِ ٻار ئي ته بڻجي ويو آهي! هاڻي هُو وري ڪڏهن ٿو وڏو ٿئي؟ ڪا خبر ناهي، پر هُن جي امڙ ڏاڍي ٻاجهاري ۽ سليقي واري آهي. هوءَ هِن پيري به پنهنجي ٻچي جي سٺي پرورش ڪندي، پر هوءَ سندس نصيب کي بدلائي نه سگهندي.

*آڪٽوبر 2007ع*



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عشق تمام

امام جي عمر لڳ ڀڳ 52 سال آهي. پورو قد، گول چهرو، اڇي ڏاڙهي، چيرويون اکيون، اکين ۾ اڄاتن سوالن جي بيقراري، چپن تي روشن مُرڪ. گهٽ ڳالهائيندو، پر جي ڳالهائيندو ته انقلابي لڳندو. چُپ ويهندو ته، گوتم ٻڌ لڳندو. مون کيس سدائين يا ته سفر ۾ ڏٺو آهي يا سوچن ۾. مهم جوئيءَ کي هُو عبادت سمجهندو آهيءِ جدوجهد کي عظيم ترين ڪم.

لَتن ڪپڙن ۾ ٻه هُن جي عجيب پسند آهي. ڪڏهن جينز ۽ ٽي شرٽ پاتل هوندس، ته ڪڏهن ڪلهن تي حاجين وارو رومال رکيل هوندس. ڪڏهن شلوار قميص ۾ هوندو ته، ڪڏهن مٿي تي مائو ڪيپ پايو پيو گهمندو. پيرن ۾ ڪڏهن پشاوري چپل پاتل هوندس، ته ڪڏهن لائيٽ هائوس مان ورتل جاگر پاتل هوندس. نوان نوان ٽيلها ونڻ ته هُن جو مشغلو آهي. هُن جو گهر ته ڄڻ ”ورلڊ ميوزيم ۽ ورلڊ لائبرري“ لڳندو آهي، جتي نڪرن پترن کان وٺي لينن، ڪارل مارڪس، گوتم ٻڌ ۽ پتائيءَ جي مجسمن کانسواءِ دنيا جي هر علم تي ڪتاب پيل آهن.

هُن جي اندر ۽ ٻاهر جون ڪيئي ڪائناتون آهن. هُن ڪيترن ئي نڪرن پترن ۾ ساهه وڌو آهي. هُن ڪاغذن جي چولن تي لکين بامعنيٰ لفظن جو پرت پريو آهي. هُو ويرانن ۾ وڃي اصلي سنڌ سان پُٺ جُهڻ ڪندو آهي. هُو سنڌوءَ جي سينڌ سان هليو آهي. هُو جبلن ۽ غارن ۾ وڃي، پنهنجن اڳين جنمن جا نشان ڳولي لهي، ٻارن وانگر خوش ٿيندو آهي. ”پريل ڪي ٿر اٽريڪٽ ڪندو هو ۽ مون کي جبل اٽريڪٽ ڪندا آهن،“ هُن هڪ ملاقات دوران چيو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”جبلن ۾ تہ سسئي رهندي آهي، ڇا انڪري اوهان ڪي جبل اٽريڪٽ ڪندا آهن؟“

”نہ، انڪري نہ، اصل ۾ مان قديم دور ۾ جبلن ۾ ڄائو هيس، ميدانن تي گهڻو پوءِ لهي آيو هيس، تنهن ڪري پنهنجي جنم ڀومي مون کان ناهي وسرندي. هونئن بہ جنم ڀومي ڪنهن اٽاسيءَ کان ئي وسري سگهي ٿي، “ هُن منهنجي سوال جو جواب ڏيئي، جڏهن مون ڏانهن نهاريو هو تہ، مون کي سندس اکين ۾ ڪيئي راڪ ڪارونگس نظر آيون هيون.

هُن جي عاشقيءَ جا نقش سنڌ جي نقشي جهڙا آهن. هُو محفلن ۾ گهٽ، ميدانن ۾ وڌيڪ ويندو آهي. هُن وٽ قديم ۽ جديد سنڌ جي ڳولا عشق جو رُتبو رکي ٿي. تڏهن ئي تہ هُن ڪڏهن بہ ڪنهن ٽَڪ جي شڪايت ناهي ڪئي. ها، البت هن اِها شڪايت بار بار ڪئي آهي تہ، ”مون جيڪا سنڌ پنهنجي گهر ۾ گڏ ڪري رکي آهي، اُها مان ماڻهن تائين پهچائڻ چاهيان ٿو، اُن لاءِ مونکي ماڻهن جي مدد کپي. مان پنهنجن نيڻن جا تاڪ بند ڪرڻ کان اڳ ۾، ٻين کي، سنڌ ڏيکارڻ جي لاءِ، ڪتابن جون ڪيئي ڳڙکيون کولي وڃڻ چاهيان ٿو.“

اهڙي عشق ۾ هُن پنهنجي سونهن بہ وڃائي آهي تہ، پنهنجي صحت بہ وڃائي آهي. هاڻي دل جي تڪليف، شگر ۽ ٻين جسماني مرضن هُن جي جسم سان ايتري تہ گهري ياري رکي ورتي آهي، جو هُو روزانو انسولين استعمال ڪندو آهي ۽ دل جي ٻاءِ پاس ڪرائڻ کانپوءِ بہ دل سندس هٿن مان نڪرندي پئي وڃي. هِن جي دل تہ هٿن مان ڪيئي بار نڪتي آهي، پر هُو اُن کي اجا تہ سنڀاليندو پيو اچي. ايترن عارضن جي باوجود جيڪڏهن ڪير کيس چوندو تہ، ”جبل تي هلندين؟ اسان تہ وڃون پيا،“ تہ جولاءِ جي مهيني ۾ بہ اوڏانهن ائين وڃڻ چاهيندو جيئن ڪو پنهنجي پرينءَ ڏانهن ويندو آهي. گذريل اونهاري ۾ جڏهن پريل سان کيرٿر جي پهاڙي سلسلي جي سروي ڪرڻ ويو هو تہ اُتي هُو ايترو تہ بيمار ٿي پيو هو جو پريل کيس اُٺ تان لاهي، هڪ پهاڙيءَ تي کيس سمهاري، سندس زندگي مان آسرو لاهي ڇڏيو هو پر هُو اُن حملي مان بہ بچي ويو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ڏسندو آهيان تہ هِن ماڻهوءَ کي ڏاڍي تڪڙ آهي. هُو جلدي جلدي پنهنجا رهيل ڪم پورا ڪرڻ چاهي ٿو. هُو هاڻي پنهنجي زندگي کي سميٽڻ واري مرحلي ۾ داخل ٿي چڪو آهي. هُن جي اهڙي تڪڙ اسانجي گڏيل دوستن کي ڪڏهن ڪڏهن چڱي ناهي لڳندي. هُنن کي ڪهڙي خبر تہ هيءُ ماڻهو ڪيترو نہ ڦهلجي چڪو آهي ۽ پنهنجي اُن ڦهلاءَ کي سميٽڻ لاءِ هِن کي هڪ وڏي مدد ڪپي، هڪ نئين عمر ڪپي، جڏهن تہ هِن وقت هُو اڪيلو آهي ۽ هِن وٽ رڳو هڪ عمر آهي، جيڪا بہ هُو لڳ ڀڳ گذاري چڪو آهي.

هِن جي گهريلو زندگي بہ ڏاڍي ڊسٽرب رهي آهي. هُن جو جيتوڻيڪ هڪ خوشحال گهر ۾ جنم ٿيو هو. سندس والد هڪ مشهور جج هو، سندس ڏاڏو هڪ مشهور تعليمي ماهر هو، سندس ڀائر وڏن وڏن عهدن تي فائز آهن. پر هِن بنواس ورتو. جيڪو رام چندر وارو چوڏهن سالن وارو بنواس نہ هو. پر اِهو تہ سڄي عمر جو بنواس هو. هِن سان سندس هڪ جيون ساٿياڻي نباهہ نہ ڪري سگهي. چياٸينسِ،”تنهنجا اِهي نڪر پتر منهنجوءِ منهنجن ٻچن جو پيٽ ڀري نہ سهگندا. تون ڄاڻ، تنهنجا ڪم ڄاڻن، مان هيءَ ٿي وڃانءِ“ پوءِ هُوءَ هِن جا بہ ٻچا وٺي آمريڪا هلي ويئي. هِن کي اُن درد جهوري وڌو.

هِن جُهريل ماڻهوءَ انيتاليهہ سالن جي عمر ۾ ٻي شادي پنهنجي سئوتِ سان ڪئي، جنهن مان ڪيس بہ ٻيارا ٻارڙا آهن. هُو شادي ڪري جيئن ئي واپس ڪراچيءَ آيو هو تہ اسانجي هڪ گڏيل دوست چندر سندس اڇي ڏاڙهي ءَ کي لڳل ڪارو خضاب ڏسي کِلندي کيس چيو هو، ”سائين، اڄ تہ اوهان جوان ٿا لڳو“ تہ اُن وقت سندس چهري تي جيڪو تجلو ٿيو هو، اُن ۾ مونکي خوشي کان وڌيڪ اُداسي نظر آئي هئي.

اُن وقت مان هِن جي اداسيءَ جي معنيٰ نہ سمجهي سگهيو هيس، پر اڄ کان ڪجهہ سال اڳ جڏهن مان سندن هڪ پبلشنگ اداري ۾ ساڻن گڏ ڪم ڪندو هيس تہ هڪ ڏينهن مون ڏي اُم ڪلثوم جي فون آئي. مون کي سڏي، انتهائي همدرديءَ وچان فون جو رسيور مون کي ڏيئي پاڻ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آفيس مان ٻاهر نڪري ويو هو. هُو عمر ۾ مون کان لڳ ڀڳ پندرهن سال وڏو آهي، پر اُن وقت مان پنهنجي پيار جي لاءِ وٽس اهڙو احترام ڏسي حيران رهجي ويو هيس. منهنجي اِن حيرانيءَ جا ڪيئي سبب هئا. ڪجهه دير ڪانپوءِ واپس اچي، ڪرسيءَ تي ويهندي، کِلندي چيو هئائين، ”ادا، اسان به پيار ڪيو آهي، متان سمجهين ته اسان پيار نه ڪيو هوندو.“

مون اُن وقت سمجهيو هو ته هِن منهنجي دل رکڻ جي لاءِ ائين چيو آهي. متان مان ائين سمجهان ته امام صاحب کي، مون ڏي آيل فون، خراب لڳي هوندي، پر حقيقت ۾ ائين نه هو. هِن واقعي به پيار ڪيو هو ۽ سندس اُن پيار ئي کيس اها تعظيم سيکاري هئي ته هُو هر ڪنهن جي پيار جو احترام ڪري. تڏهن ئي ته اڄ کان لڳ ڀڳ چوڏهن سال اڳ جڏهن سنڌ جي اُن جي وقت جي وڏي وزير عبدالله شاهه چيف منسٽر هائوس ڪراچيءَ ۾ سنڌ جي مختلف اديبن ۽ صحافين سان هڪ گڏجاڻي ڪئي هئي، جنهن ۾ شيخ اياز به شريڪ ٿيو هو ته اُن گڏجاڻيءَ جي پُڄاڻيءَ تي ٿيل ريفريشمنٽ ڪانپوءِ، جڏهن اديب ۽ صحافي ٻاهر لان ۾ نڪري آيا هئا ته امام صاحب، پريل کي پاسي تي وٺي وڃي، کيس دانهن ڏني هئي ته، ”سپاٽي اسان کي رسالو مڪمل ڪري پريس ۾ هر حال ۾ موڪلڻو آهي ۽ ناصر وري سپاٽي موڪل ڪري رهيو آهي.“

اُن وقت مان ٿورو پرڀرو ڪجهه دوستن سان گڏ بيٺو هيس. پريل مون کي سڏ ڪيو هو. پريل اسان سڀني جو هڪ معتبر دوست هيو. جڏهن مان سندن ويجهو ويو هيس ته، پريل پنهنجي شاهاڻي ٺهڪ ۾ امام صاحب جي سفارش کي غائب ڪندي چيو هو ”ادا، ناصر کي سپاٽي نه گهراءِ، ڇڏ نوجوانن کي ته وڃي عشق ٻشق ڪن.“ تنهن تي امام صاحب به کِلندي چيو هو ”تو اِها ناصر کي منهنجي سفارش ڪئي؟“ ۽ پوءِ گڏيل ٺهڪن جو هڪ ولر نهي پيو هو جيڪو ڪنپڙاٽيون هڻندو فضا ۾ غائب ٿي ويو هو.

ڪجهه سال اڳ جڏهن هڪ درد منهنجي دل کي ڳولي اچي لڌو هو ۽ مون کي چيو هئائين ته، ”مون کي اَمرُ ٿيو آهي ته، مان تنهنجي دل کي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏوئي پاڪ ۽ صاف ڪيان“_ ۽ مون ڪيس اِهو چوندي اجازت ڏني هئي ته، ”هاڻي هيءَ دل تو حوالي آهي. اِها تنهنجو بسيرو آهي، تنهنجو آکيرو آهي، تنهنجو گهر آهي. تون اِن ۾ تيستائين رهي سگهين ٿو جيستائين منهنجون اکيون هِن ديس کان رُسِنِ نٿيون ۽ اِهو چڱو ٿيو جو تون آئين. هاڻي به جٽا ته ٿياسين، اڳ ۾ ته مان اڪيلو هيس. هاڻي گڏجي ويهي پاڻ ۾ ڏُک سُور ته ونڊينداسين. رهاڻيون ڪنداسين. ڪو ته مونکي همراز مليو.“ تڏهن اُنهن ڏينهن مان ڪنهن هڪ ڏينهن امام صاحب. بلوچ ڪالونيءَ پرسان واقع هڪ ٽي وي چينل ۾ منهنجي آفيس وٽ آيو هو. مان چوٿين فلور تان هيٺ لهي اچي سندس گاڏيءَ ۾ ويٺو هوس ۽ پوءِ هُو گاڏي اسٽارٽ ڪري ڪراچي شهر جي ويڪرن روڊن تي هرو ڀرو هلڻ لڳو هو.”توهان مون کي ته ٻڌايو ها. شايد مان اُم ڪلثوم جي پيءُ سان ڳالهائي هُن کي توهان ٻنهي جي پاڻ ۾ شادي ڪرائڻ تي راضي ڪري وٺان ها. هُو منهنجو به ته دوست رهيو آهي،“ امام صاحب مون کي چيو هو.

مون کي ته اُن وقت هوش ئي نه رهيو هو ته. ڪنهن کي چئجي، ڪنهن کي نه چئجي،“ مون وضاحت ڪئي هئي.

”چڱو ٿيو ڪو وڏو قدم نه کَنيُئي. زندگي بچي ويئي. قدرت توکي درد جو اِهو هڪ وڏو انعام ڏنو آهي،“ امام صاحب جي اِن جملي تي مان خاموش رهيو هيس. اُنهن ڏينهن ۾ خاموشي مون کي سڪون ڏيندي هئي، جيڪا مون اجا تائين سنڀالي رکي اٿم.

”مون جنهن ڇوڪريءَ سان پيار ڪيو هو، جڏهن اُن جو رشتو مون کي نه مليو. ته مون ۾ ايتري همت هئي، جو اُن جي شاديءَ جا ڪيترا ڪارڊ مون پاڻ دوستن ۾ ورهايا هئا. “ امام صاحب مون کي آٿت ڏيڻ جي لاءِ پنهنجو درد بيان ڪيو هو.

”اِهو ڪيئن سائين؟“مان ڪانئن پڇي ويٺو هيس.

”اُن ڇوڪريءَ جو پاءُ منهنجو گهرو دوست هو. سو اُن ڪجهه ڪارڊ ورهائڻ جي لاءِ مون کي ڏنا هئا _ ۽ بابا سائينءَ جن به چيو هو ته، ’مان اُن ڇوڪريءَ جي شادي جي ڪم ۾ سندس گهر وارن جو هٿ ونڊايان،‘ ڇاڪاڻ جو اسان ساڳئي محلي ۾ رهندا هئاسين. جنهن ڪري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان جا هڪٻئي سان پائيپءَ وارا لاڳاپا هئا،“ امام صاحب پنهنجي باوقار برداشت جو ذڪر ڪيو ته مان ڪيس حيرت مان ڏسندو ئي رهجي ويو هيس.

”اسان جي رشتي جي منهنجي بابا مخالفت ڪئي هئي، نه ته ڇوڪريءَ جا والدين راضي هئا،“ هاڻي هُن جي لهجي ۾ گهرو افسوس لهي آيو هو پر اُن ذاتي درد کي ڏنل پنهنجي قبوليت تي هُن کي ڪوبه پڇتاءُ نه هو.

به ڏينهن اڳ جڏهن مان امام صاحب جن جي آفيس ۾ ويو هيس ته اُتي ڪم ڪندڙ منهنجو ڳوٺائيءِ منهنجي گهري دوست دادن جو پٽ فريد به اچي مون سان مليو هو. اُتي ڳالهين ئي ڳالهين ۾ امام صاحب کي الائي ڪيئن فريد جو ڏک ياد اچي ويو هو ”ناصر، فريد جنهن ڇوڪريءَ سان پيار ٿو ڪري، اُن جي پاءُ کي توهان راضي ڪيو ته هُو هِن کي پنهنجي ڇوڪري ڏين، ڇوڪريءَ وارا توهان جي ڳوٺ جا آهن.“

”ها، سائين، مان ڪوشش ڪندس. هُو نه صرف منهنجي ڳوٺ جا آهن، پر ڇوڪريءَ جو مامو ته مون سان گڏ پڙهيو آهي. پر منهنجي لاءِ اهم ڳالهه اِها آهي ته ڪنهن جو ته پيار بچڻ گهرجي،“ مان بي اختياريءَ وچان چئي ويٺس. ٻئي ڄڻا منهنجي پيار جي حادثي کان واقف هئا، ٻنهي منهنجي درد جي شدت کي سمجهي ورتو ته امام صاحب چيو،

”توکي خبر آهي، ٻه مهينا ڪن اڳ مان هڪ شاديءَ جي تقريب ۾ ويو هيس. اُتي اُها ڇوڪري به آئي هئي، جنهن سان اڄ کان ٽيهه سال اڳ مون پيار ڪيو هو هوءَ هاڻي ڇوڪري ته نه رهي آهي، ناني ڏاڏي ٿي ويئي آهي، پر ٽيهن سالن کانپوءِ اُن کي ڪنهن تقريب ۾ موجود ڏٺم. اُن جون پيئر ۽ ٻيون مائٽياڻيون اچي مون سان مليون، پر هُوءَ نه ملي ۽ هُن مون کي ڏٺو به نه هو. مان به هُن جو چهرو نه ڏسي سگهيو هيس، هُوءَ پنيري ٻيٺي هئي ۽ اِن کان اڳ ۾ جو اسان هڪٻئي کي ڏسئون، مان اُن دعوت مان نڪري هليو ويس،“

امام صاحب جڏهن پنهنجي پراڻي پيار جو نئون درد ٻڌايو ته مون ڏٺو ته سندس اکين ۾ درد جو سمنڊ اوتجي آيو هو. سندس لهجي ۾ لهرون



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڇي ويون هيون ۽ سندس ڇهري تي ٻاڙهاڻ جي اهڙي اُس اچي ويئي هئي، جو ماڻهو اُن کي ڏسڻ جي همٿ نہ ڪري سگهي۔ اڳ، هُو جنهن رواني ۽ زنده دليءَ سان ڳالهائي رهيو هو هاڻي اُها منجهس نہ رهي هئي، سندس آواز جي گهن گرج ماڻي ٿي ويئي هئي. ”سائين، اِن محفل ۾ توهان ٻنهي جو موجود هئڻ ائين هو، جيئن ڀٽائي سائينءَ چيو آهي:

سوڙهي گهٽي سپرين گونگا ٿي گڏيامِ،
ملاحظي ماڻهن جي، ڪُڇي ڪين سگهيامِ،
واجهائيندا ويامِ، نماڻا نيڻ ڪٽي.

يا جيئن سچل سائينءَ چيو آهي،”سچو عشق ٻڍڙا نہ ٿيوي، توڻي چنڙي هوويس ڏاڙهي،“ امام صاحب مسڪرايو تہ مون کي ائين محسوس ٿيو جڻ هُن جهٽڪو ڏيئي پنهنجي درد کي پري اڇلائڻ جي ڪوشش ڪئي هجي، پر درد سندس مسڪراهٽ ۾ پوءِ بہ لِڪي نہ سگهيو هو.

مان اٿيس تہ مون کي چيائين،”توکي خبر آهي، مان ادب، سياست ۽ صحافت ڏانهن اُن حادثي ڪانپوءِ آيو هيس.“

”توهان پيار جي چوٽ کائي، پنهنجي اڪيلائي ختم ڪرڻ جي لاءِ، هڪ هجوم سان اچي گڏيا ۽ مان چوٽ کائي، هجوم کان الڳ ٿي، اڪيلو ٿي ويس،“ مون ائين چيو تہ منهنجي اکين ۾ ڳوڙهن جي ٽَري آيل تارن کي هُو ڏسي نہ سگهيو. هُن کي منهنجن ڳوڙهن جي يتيمي جو شديد احساس هو. هُن جي اکين ۾ بہ ڪڪر پرجي آيا. هُن ڪنڌ هيٺ ڪري ڪاغذ تي ڪجهہ لکڻ شروع ڪيو تہ مان ڪانئس موڪلائڻ کان سواءِ ئي سندس آفيس مان ٻاهر نڪري هليو آيس.

*جون 2008ع*



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اکيون ٻُوٽڻ کان اڳ ۾

بادل هُن کي نهالان چوندو هيو ۽ هُوءَ سندس نالو نہ ونندي هئي. هُوءَ جڏهن بہ کيس سڏيندي هئي تہ، رڳو ايترو چوندي هئي: ”هيڏي...... ٻُڌ تہ....“ هُوءَ کيس ”هيڏي“ چوندي هئي. هُن جي اهڙي سڏ ۾ جيڪو پيار هوندو هو، اُن جو اظهار هيءُ نہ ڪري سگهندو هو. پوءِ هيءُ جيڪو هُن جو ”هيڏي“ هيو، سو ”هَوڏي“ ٿي ويو ۽ هُوءَ هلي ويئي.

هِن کيس گهڻو ئي روڪيو. هِن سندس اکيان پنهنجي زندگيءَ جا پهريان پاڪ ڳوڙها ڳاڙيا. هِن پنهنجن نيڻن جي دامن کي ڀَري هُن اڳيان رکيو. هِن جي ديوانگيءَ جا پريل جهول هُن اڳيان خالي ٿيا. هِن جي بي وسيءَ جون سڀ صورتون هُن اڳيان ظاهر ٿيون. لمحن ۾ هِن جي زندگي، هُن اڳيان، جدائيءَ جي ڪاوَن مٿان نيڻ وڇائي، صدين جو سفر ڪري آئي. هِن کيس ڏونڌاڙيندي چيو: نهالان!”سوچ.... اسان جدا ٿيڻ جي لاءِ نہ مليا هئاسين. جي وڇڙياسين تہ وڃائجي ويندا سين.“ پر بادل جي زندگيءَ جي شڪستن جي شروعات ٿي چڪي هئي.

هُوءَ جنهن سڏ جي وراڻي ٻڌي هئي، اُهو اُن ڪُک مان اُڀريو هو. جنهن مان هُن جنم ورتو هو. هُن ڳوڙها پيتا. پنهنجي پيءُ ماءُ اڳيان ڪنڌ جهڪايو ”ها“ ڪئي ۽ بادل سندس انڪار جي باهه ۾ پَچري ويو.

شاديءَ کانپوءِ بہ هُوءَ بادل کي ”هيڏي“ چوندي هئي. هُن بادل کي نہ وِساريو هو پر هيءُ سندس شاديءَ کي وِساري نہ سگهيو هو. هي رابطي ۾ رهيا، پر سندن وچ ۾ هڪ تلوار رکجي چڪي هئي. هُوءَ هميشہ هِن کي پنهنجي محبت جو يقين ڏيارڻ لڳندي هئي– ۽ هيءُ هميشہ کيس وِسارڻ جي لاءِ چوندو هيو. چاڪاڻ جو هُن جي شاديءَ جي ٻئي ڏينهن تي بادل جي هڪ گُروءَ کانئس پڇيو هو:



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”بادل، توکي نھالان سان پيار آھي؟“

”پيار ڪان بہ وڌيڪ.... مونکي تہ ھُن سان عشق آھي، جنھن ۾ سڀ جُنون سمائجي ويندا آھن. جنھن جي ڪائنات ڏاڍي ڪُشادي ٿي ويندي آھي ۽ جنھن جي وجود ۾ سڀڪجھہ اچي ويندو آھي، “بادل وراڻيو ھو.

”تہ پوءِ منھنجي ھڪڙي ڳالھہ مڃ.“

”چئو.“

”ٻچا، ھاڻ ھُن کي وسار. ھاڻي ھُوءَ ڪنھن ٻئي جي امانت آھي. ھُن جو گھر سلامت رھي. متان تنھنجي ڪري ھُن جو گھرُ ڦِٽي نہ پوي۔ ۽ عشق اھڙي ڏوھہ جي اجازت ناھي ڏيندو.“

”سائين، سمجھو تہ مون وِساري ڇڏي،“ بادل جي اِن جُملي تي ھُو سندس اکين ۾ ڏسي نہ سگھيو ھو. ھُو سمجھي ويو ھو تہ اھڙن رشتن جي وھڪري کي ھَٿَ ترين سان روڪي ناھي سگھبو.

پوءِ بادل واقعي ڪوشش ڪئي تہ ھو نھالان کي وساري. ڪنھن کي وِسارڻ، پاڻ کي مارڻ ھوندو آھي. سو بادل پاڻ کي ماري ھُن کي وساري ڇڏيو. بادل سچ ٿو چوي.. ھاڻي ھُوءَ ڪيس ياد ناھي ايندي. بس رڳو ايترو ٿيندو آھي تہ گھر ۾ موجود ھُن جون ڏنل شيون ڏسي ھيءُ روئي پوندو آھي. ھُن جون تصويرون ڏسي سُڏڪن کي روڪي ناھي سگھندو. جن جن جاين تان ھي گڏ گذريا ھئا، اُھي ڏسي اکيون ٻي ڇيون ٿي ويندڀون اٿس. جتي جتي وينا ھئا، اُھي ھنڌَ اکين ۾ ٽُٽل شيشن جيان چُڀڻ لڳندا اٿس. ٿڪ توڙي وجھندا اٿس. گڏيل پسند وارا گانا ماتمي ترانا لڳندا اٿس. بازارون بي رونق لڳنديون اٿس. ماڻھن سان گڏ ھوندي بہ اُنھن کان جدا ھوندو آھي. رات جو ڪيس ننڊ ناھي ايندي. ڏينھن جو سندس زندگي ٿيڙ ڪائيندي آھي. بس، رڳو ايترو ٿيندو آھي.... باقي ھيءُ ڪيس ياد ناھي ڪندو!

پنھنجي گُروءَ جي صلاح ڪانپوءِ بادل ھُن کي ھڪ اِي ميل ڪئي، جنھن ۾ لِکياٿين:

”مون اوھان سان محبت ڪئي آھي. منھنجي محبت ۾ اُھو ڪجھہ شامل ناھي، جيڪو ڪجھہ اوھانجي اجوڪي زندگيءَ ۾ شامل آھي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونکي اوهان ڇو اذيت ٿا ڏيو بار بار اِهو چئي ته: ’اوهان کي هاڻي مون سان محبت ناهي رهي. اوهان مونکي وساري ڇڏيو آهي.‘ جي ساهه کڻڻ وسري سگهي ها ته پوءِ تون به وسري سگهين ها. پر تون هينئر شادي شده آهين. هينئر تنهنجي هڪ ٻي زندگي آهي. هينئر تنهنجي زندگيءَ ۾ ڪو ٻيو مرد آهي. تنهنڪري مان پنهنجي محبت جي احترام خاطر توکان پري ٿو ٿيان ته جيئن مان تنهنجي نئين زندگيءَ کان بي خبر رهي، پنهنجي زندگيءَ جي رهجي ويل لپ ڀر عمر کي وڌيڪ اذيتن کان بچائي سگهان.

”مان نه چاهيندس ته تون ڪنهن وقت پنهنجين گهريلو مجبورين جي ڪري منهنجي فون جي رِنگ بند ڪري ڇڏين ۽ نه ڳالهائين. جنهن جي مون کي عادت ناهي. مان نه چاهيندس ته تون ائين چوين ته: ’مان هاڻي نٿي ڳالهائي سگهان. پوءِ ڳالهائيندس. ’هُو وينو آهي.‘ مان اِهو به نه چاهيندس ته تون اِهو چوين ته: ’اسان‘ بازار ٿا وڃون. پوءِ ڳالهائينداسين.“

”اِهو سڀ ڪجهه برداشت ڪرڻ منهنجي وَس ۾ ناهي. پر منهنجي وَس ۾ اِهو ته آهي نه، ته مان توسان هاڻي ڪوبه تعلق نه رکان. توسان نه ڳالهايان ۽ پوءِ جڏهن تنهنجي زندگيءَ جي ’سرگرمين‘ جي باري ۾ مون کي ڪابه خبر نه پوندي ته، مون کي نوان درد نه ملندا. پوءِ رڳو تنهنجي وڇوڙي واري اڪيلي درد کي سنڀالي رکڻ منهنجي لاءِ سَولو هوندو.

”تون چوين ٿي ته: ’محبت، ٻئي ڪنهن سان شادي ٿي وڃڻ کانپوءِ به ٿي سگهندي آهي.‘ تون صحيح چوندي هوندينءَ. پر محبت ۾ ته جسم ۽ روح الڳ الڳ ناهن هوندا. جسم هڪ وٽ ڇڏي، روح ڪنهن ٻئي وٽ کڻي اچڻ واري تقسيم عشق کي قبول ناهي هوندي. اهڙي محبت ته بس پري رهي ئي ڪري سگهبي آهي. اُن جي ويجهو وڃڻ ماضيءَ جي قبر مٿان گل چاڙهڻ برابر هوندو آهي.“

”تون بار بار اِهو به چوين ٿي ته: ’مان به هاڻي شادي ڪري ڇڏيان.‘ تون اِهو به صحيح چوندي هوندينءَ. پر هِن وقت منهنجي عمر چاليهه سال آهي. هِن عمر تائين سنڌي خاندانن ۾ شادي ٿيل مردن جا ٻار ويهن پنجويهن سالن جا ٿي ويندا آهن ۽ پوءِ پيئر بي فڪرا ٿي پنهنجي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زندگي جي رهيل ڪمن کي پورو ڪرڻ ۽ پنهنجي زندگيءَ جي وائنڊ اپ جي تياري ڪرڻ لڳندا آهن. پر جڏهن مون چاليهه سالن تائين شادي نه ڪئي ته، اِن جي اِها معنيٰ ٿي ته، شاديءَ جو وقت گذري ويو. هن عمر ۾ شادي ڪرڻ ڪانپوءِ پيدا ٿيل ٻارن کي مان وقت ڏيئي نه سگهندس، جيئن مان اڳ ۾ ڏيئي سگهان ها. هاڻي مونکي پاڻ کي ۽ پنهنجي قوم کي باقي بچيل وقت ڏيڻو آهي. اُنهن جي لاءِ جيڪو ڪجهه ڪري سگهان ٿو اُهو ڪرڻو آهي. جيڪو ڪجهه ڪيو اٿم، اُهو سهيڙڻو آهي. جيڪو اڌورو ڪم آهي، اُن کي مڪمل ڪرڻو آهي، ته جيئن ”اڪيون ٻوٽڻ کان اڳ ۾ منهنجن لکيل ڪتابن جا ورق کُلي پون. ماڻهو اسانجي عشق کي اُنهن ۾ ڏسن. مان اُنهن سمورن لفظن ۾ جيئان، جيڪي مون هينئر تائين لکيا آهن ۽ جيڪي اڃا لکڻا آهن، ته جيئن ڪو موت، مون کان منهنجي دائمي حياتي کسي نه سگهي.“

بادل هُن کي اڄ ڏينهن تائين ناهي سمجهي سگهيو. هُن جي شاديءَ کي چار سال ٿي ويا آهن. پر پوءِ به هُوءَ ضد ڪري اِهو چوندي پئي اچي ته، ”هُن کي ساڻس اڃان به محبت آهي. محبت مرندي ناهي. اُها واپس ورندي آهي.“

هُوءَ بادل جي اِها ڳالهه سمجهڻ جي لاءِ تيار ئي ناهي ته: ”هِن کان سندس نئين زندگي ڇو قبول نٿي ٿئي؟“

بادل هُن کي ڪيئي ڀيرا چيو آهي ته: ”منهنجي دل اِهو مڃي ئي نٿي ته تون، جيڪا اڳ ۾ مڪمل طور منهنجي هئينءَ. سا هاڻ ڪنهن ٻئي جي آهين. ڪنهن ٻئي جي ٿي، اُن جي گهر ۾ ٿي رهين ۽ چوويهه ڪلاڪ اُن جو خيال ٿي رکين، پوءِ به چوين ٿي ته: ’مان تنهنجي آهيان؟‘ “

بادل کيس چيو هو ته: ”تون منهنجو زندگيءَ ڀر جو ساٿ نه ڏيئي سگهينءَ. هاڻي مان جڏهن بيمار ٿيندس، ته تون منهنجي گرم پيشانيءَ تي پنهنجن ٿڌن هٿن جون پٽيون نه رکي سگهندينءَ. مون کي شام جي رومانٽڪ پهرَ ۾ جڏهن چانهه جي ضرورت پوندي، تنهنجي هٿن جي پڪل ماني کائڻ تي دل ڪندي، توسان گڏ گهمڻ تي دل چوندي، ته تون

اِهو سيکجهہ نہ ڪري سگھنديون. چاڪاڻ جو تون اِهو سيکجهہ نہ ڪرڻ جي لاءِ مجبور هونديون، تہ پوءِ مان ڪيئن سمجهان تہ تون منهنجي ويجهو آهين؟

”تون گمناميءَ ۾ منهنجي هونديون، توکي منهنجو احساس بہ هوندو، پر ڇا اِهو تنهنجو احساس منهنجي اڪيلائيءَ جو علاج ٿي سگھندو؟ عجيب فلسفو آهي تنهنجو! هاڻي تون ئي ٻڌاءِ تہ تنهنجو اِهو ضد نهي ٿو تہ مان توسان اُئين ئي پيار ڪريان، جيئن مان توسان تنهنجي شاديءَ کان اڳ ڪندو هيس؟“

جڏهن فون تي هِنن جي ڳالهه ٻولهہ ٿي هئي تہ بادل ڪيس اِهو بہ چيو هو تہ: ”تون جيڪڏهن پرٽجڻ ڪانپوءِ ڪنهن ٻئي شهر هلي وڃي ها تہ شايد اُهو فاصلو اسانجي تڙپ ڪي گھٽائي وجهي ها، پر هاڻي تون تہ هر وقت منهنجين اکين اڳيان رهندي پئي اچين. توکي روز پنهنجي سامهون ڏسندي بہ توکي ٻَرايو سمجهڻ وارو احساس مون کي مارڻ جي لاءِ ڪافي ناهي؟ اهڙين حالتن ۾ تہ ماڻهو يا تہ پاڻ کي ماري وجهندو آهي يا وري پنهنجي محبوب کي ماري وجهندو آهي.

”مان پنهنجي طبيعت ۾ ڏاڍو هٺيلو آهيان. ڏاڍو ضدي آهيان. ڏاڍو انتها پسند آهيان. مون ڪافي پيرا انتهاپسند قدم کڻڻ جو سوچيو بہ هوندو، پر مون اِهو سوچي ڪڏهن بہ توکي ڪو نقصان نہ پهچايو تہ: ’جي تون منهنجي نہ ٿي سگھين، تہ پوءِ ڪنهن ٻئي جي بہ نہ ٿيءُ.‘

”الائي ڇو مان توکي ڪو نقصان پهچائڻ جو سوچي بہ ڇرڪي ويندو هيس. مون کان پَگھَر وَهي پوندا هئا ۽ منهنجي دل ٻيهڻ لڳندي هئي. شايد منهنجو عشق معصوم هو! منهنجي محبت خودغرض نہ هئي. منهنجو پيار پاڪ هو. شايد اِنڪري مون توکي تہ معاف ڪيو پر پاڻ کي معاف ناهيان ڪري سگھيو. ڇا منهنجو جيئڻ منهنجي مرڻ کان وڏي سزا ناهي؟

”تون هاڻي خوش آهين پنهنجي گھر ۾، پنهنجن پيڪن ۾، پنهنجن ساهرن ۾. هاڻي تون پنهنجن سيني مائٽن سان کِلي ملين ٿي. شاديون اٽينڊ ڪرين ٿي. شاپنگ ڪرين ٿي. زندگي، جيئن عام طرح



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان گذاربي آهي، تيئن گذارين ٿي. اجا مون کي ٿي چئين تہ: ’مون توکي وساري ڇڏيو آهي؟‘

اِنهن ڳالهين تي هُوءَ خاموش رهي هئي، جيڪا اڳ ۾ هِن کي ڳالهائڻ نہ ڏيندي هئي، تنهن وٽ هاڻي ڳالهائڻ جي لاءِ ڪجهہ بہ نہ رهيو هو!

هِن ڪيس چيو هو: ”جن کان سندن محبوب جدا ڪيا ويندا آهن، سي ايترو جلدي ٺيڪ ناهن ٿيندا، جيئن تون ٺيڪ ٿي وئينءَ. اُنهن کي تہ صدين جي عمر بہ ٺِيڪ ناهي ڪري سگهندي. اِنڪري تون پِلي چئہ تہ: ’اِها تنهنجي زماني گيري آهي_ ۽ ماڻهن جي سامهون روئڻ سان ماڻهو ضروري ناهي تہ خوش هجي. ماڻهو اندر ۾ ٽُٽل هجي ٿو ۽ ٽُٽل اندر ڪنهن کي ڏيکارڻ ضروري تہ ناهي هوندو.‘ ها، پر اِهو بہ ضروري آهي تہ جنهن جو سيڪجهہ لُٽجي ويندو آهي، اُن جي چهري جي ٻولي ٻُڌڻ ۾ نہ ايندي آهي، رڳو اُن جي اکين جا رانياٽ ٻُڌڻ ۾ ايندا آهن. اُن جي ڳالهين مان اُن جي اندر جي اداسيءَ جي خبر پوندي آهي. اُهو ماڻهو جڏهن ڳالهائيندو آهي تہ اُهو هَٻڪندو آهي. لفظ اُن جو ساٿ ناهن ڏيندا. اِن جو لهجو پري کان ئي ٻڌائيندو آهي تہ اِن ماڻهوءَ کان سندس زندگي ڦُرجي ويئي آهي، پر تو ۾ تہ اهڙي ڪابہ ڳالهہ نظر نہ ٿي اچي. پوءِ ڪيئن مان مڃان تہ مون کانسواءِ تون خوش ناهين. تنهنجا ڳوڙها رڳو مون لئہ ئي ٿا ڳڙن ۽ تون پنهنجي ننڊ ۾ رڳو مون لئہ ٿي جاڳين؟“

هُن وري بہ ڪيس ڪو جواب نہ ڏنو هو.

........

پوءِ هڪ ڊگهي وقت تائين هِنن جي وچ ۾ ڪا بہ ڳالهہ ٻولهہ نہ ٿي. هُوءَ فون ڪندي هئي، پر بادل اُها اٽينڊ نہ ڪندو هو. هاڻي هِنن هڪٻئي کي ميسيج ڪرڻ بہ ڇڏي ڏنا هئا. هُن جي امڙ بہ فون ڪندي هئي، تہ اُها بہ بادل اٽينڊ نہ ڪندو هو. بادل هُن جي زندگيءَ مان نڪرڻ جي لاءِ پنهنجي گُروءَ جي صلاح تي عمل ڪري رهيو هو. سچ پڇو تہ، بادل جي عشق کان مٿانهون ڪير بہ نہ هو، سندس گُرو بہ نہ، پر هِن اِهو سيڪجهہ اِنڪري

پئي ڪيو ته جيئن سندس پرينءَ تي ڪي ڏکيا ڏينهن نه اچن. هُن پوريءَ ڪي ڪو ڪاري نه چوي. هُوءَ الزامن کان پاڪ رهي. اِهو ئي ته هِن جو پيار هيو.

هڪ ڏينهن هُن بادل کي ويهه پنجويهه ڀيرا فون ڪئي. هِن کي شڪ ٿيو. هيءُ ڊِنُو. 'يار رب! خير ڪجانءِ' هِن جي ڪاوڙ گهٽي. هِن کيس فون ڪيو: هُن چيو: "مان شديد بيمار آهيان. مان هڪ اهڙي بيماريءَ ۾ ورتجي ويئي آهيان، جنهن مان بچي نه سگهنديس. شايد مونکي تنهنجي بددعا لڳي آهي. منهنجي بس هڪڙي آخري خواهش آهي، اُها پُوري ڪندين؟"

بادل جا سڏڪا آزاد ٿيا. هِن سُڏڪا روڪيندي کيس چيو: "ٻُڌاءِ"

مان"اکيون بوٽڻ کان اڳ ۾" توکي هڪ ڀيرو ڏسڻ ٿي چاهيان. مان توسان مِلي سُڪون سان مرڻ ٿي چاهيان. "

"هه...ا....ن " ٿُتلَ لفظ بادل جي زبان تي ٽيڙ ڪاڏو. هِن جي دِل ٽُٽي. هُن جو هجڻ ئي بادل جي جيئڻ جو هڪ بهانو لڳندو هو.

........

هُوءَ اسپتال جي بيڊ تي سُتل هئي. سُڪي ڪنڊا ٿي وئي هئي. بادل کيس جيئن ئي دروازي مان اندر ڪمري ۾ داخل ٿيندي ڏٺو ته هُن بي خياليءَ ۾ اُمالڪ اُٿڻ جي ڪوشش ڪئي. ڀُنن ۽ هٿ ترين کي زور ڏنائين. اُٿي نه سگهي. هُوءَ سهڪي بيڊ تي آهلجي پئي. بادل کيس پاڪر وڌو. هِنن جون اوڇنگارون بي قابو ٿي ويون..... عشق تازو ٿي ويو. "هيڏي.. ٻُڌ ته" چئي سُڏڪن ۾ هُن مسڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. بادل روئندو ئي رهيو. پرسان بيٺل هُن جي امڙ جو به ضبط ٽُٽو. هُوءَ صوفا تي ڪِري پنهنجو مَٿو پٽڻ لڳي.

"هُن پاڪر ڊِلو ڪندي چيو:"مان هاڻ نه مرنديس. "

"مان توکي مرڻ نه ڏيندس." بادل جي اِن جملي تي هُوءَ اُٿي ويهي رهي. هي ٻئي ائين ٿهڪ ڏيئي کِلي پيا، جيئن اڳ ۾ کِلندا هئا. هُن جي ماءُ به مسڪرائي ڏٺو.

(ماهوار سوجهرو ۾ڇپيل)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نئين جنم جو سڏ

هُو اڄ جو اُهو انسان آهي، جيڪو اُداس سنڌ ۾ ڪا پِياس بڻجي پِٽڪي ٿو ۽ جڏهن رات جو اڪيلائيءَ ۾ پنهنجي گهر ۾ ويهي ٿو تہ وقت مٿس ماضيءَ جون ڳڙڪيون کولي ٿو ۽ هُو خالي اکيون کڻي خالي گهر ۾ ڪنهن کي ڳولي ٿو. اُهو گهر جيڪو ڪنهن وقت، ڪنهن جي شفاف دل هو، اڄ اُن جي هر ڊيڪوريشن پيس تي دَز چڙهي ويئي آهي ۽ هُن جو ڏنل پيالو بہ گدلو ٿي ويو آهي.

تنهائي تہ هن جي تاڙ ۾ هوندي آهي ۽ هُجوم ۾ هُو زمين بڻجي پوندو آهي، جتي سوين پيرن جي لتاڙ ۾ ڏرتيءَ جي ڇاتيءَ سان ڇُهتي جيئرو ٿي پوندو آهي. تنهائي هِن جي لاءِ خيالن جا عجيب عجيب تحفا آڻيندي آهي ۽ درد جا تمغا تہ هِن جي روح جو سوجهرو هوندا آهن ۽ هُو خواهش ڪرڻ لڳندو آهي تہ، ڪاش! هو تاريخ جو ڪو اهڙو ڪردار بڻجي وڃي، جو مائرون پنهنجن پُٽن تي سندس نانءُ رکن.

ماضيءَ جون يادون اڄ هِن جون مهمان بڻيون آهن. هُو سوچي ٿو. هُو پنهنجي زندگيءَ جي ناڪامين تي سوچي ٿو، هُو پنهنجين ڪاميابين تي سوچي ٿو. زندگيءَ هِن سان جيڪي وير پاڙيا آهن، هُو اُنهن کي پڙهي ٿو ۽ پنهنجي مُئل وجود ۾ نئين جنم جو سَڏُ ڳنائي ٿو. سندس اندر ۾ سندس ماضيءَ جي دانهن جا پڙاڏا پاڻ ۾ ٽڪرائين ٿا ۽ هُو اميد جي ڇٽيل پنن کي ميڙي زندگيءَ جي رک تي ويل وڻ کي سائو ڪرڻ بابت سوچي ٿو.

جڏهن کان هِن جي زندگيءَ کي شڪستن ڇُمڻ شروع ڪيو آهي، تڏهن کان صحرا هِن جي لاءِ سهرا ڳائيندي پئي اچي، پر هاڻ هِن کي شڪستن ٿڪائي وڌو آهي. هاڻ هُو برسات ۾ دير تائين پِڄي پنهنجي روح جو طويل ٿَڪُ لاهڻ ٿو چاهي، هُو ڪارونجهر تي مور جي ناچ ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ماضيءَ کي وسارڻ ٿو چاهي. هُو اُگهاڙين پيرين آلي مِٽيءَ تي هلي پنهنجي مِٽيءَ جي جسم کي جيئرو ڪرڻ ٿو چاهي ۽ جلندڙ اکين ۾ سڙندڙ خوابن کي ٿڌي پاڻيءَ جا ڇنڊا هڻي اُنهن کي بچائڻ ٿو چاهي. هُو هاڻ روئڻ نٿو چاهي.

هُو سوچيندو ئي رهي ٿو ايستائين، جيستائين سندس مٽي جو سُور وڌي نٿو وڃي ۽ پوءِ ليگزوٽينل گوري کائي هُو ننڊ جي نيٽڻ ۾ لهي ٿو وڃي.

ٻئي ڏينهن تي وري ڪم جو گهاٽو سندس انتظار ۾ آهي. هُو مخدوم بلاول ته ناهي، پر پوءِ به سندس هَڏَ گهاٽي ۾ آرام ڪن ٿا. هر شام جيان هُو پنهنجي گهر جي اُداس بَنَ ۾ رات جا چار پهر ڪاٽڻ جي لاءِ پهچي ٿو ۽ اڪيلي گهر جو سُڪون سندس تنهائيءَ جو ساٿي بڻجي ٿو. صوفا سيٽ تي ليٽي هو سوچي ٿو هڪ وڏي واقعي تي، جيڪو کيس تازو ئي انعام طور مليو آهي. هِن کي پنهنجي مختصر زندگيءَ ۾ ڏاڍا گهڻا انعام مليا آهن. هِن جو گهر اهڙن انعامن سان ڀريو پيو آهي. ڳوڙهن جا سرٽيفڪيٽ، درد جون ٽرافيون، اڪيلائيءَ جا سونا ٻلا، ناڪاميءَ جون شيلڊون ۽ وڇوڙي جو ڪيش پرائيز سندس گهر ۽ مَن جو سينگار آهن. هِن کي هاڻي زندگيءَ کان بس هڪ انعام وٺڻ جو انتظار آهي. هُو سمجهي ٿو ته اِهو انعام به کيس جلد ئي ملي ويندو. هُو اِهو انعام حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڏاڍو بي چين آهي، پر ڪي رشتا آهن، جيڪي کيس اِهو انعام وٺڻ کان روڪين پيا.

ڇنڇر جي ڏينهن يونيورسٽيءَ جي دور جو سندس دوست ليلا جڏهن سندس آفيس ۾ ساڻس ملڻ جي لاءِ آيو ته هي ٻئي جڻا آفيس مان نڪري ڀر واري محمدي هائوس جي ريسٽورنٽ ۾ وڃي ويٺا. ليلا جڏهن هِن جي زندگيءَ سان پيش آيل حادثي جي پوري ڪهاڻي ٻڌي ته هُن پنهنجين اکين تان چشمو لاهي پنهنجيون اکيون اُگهيون ۽ آهستي ڳالهائيندي هِن کي صلاح ڏني ته، ”عنايت، تون هاڻي نئين سِر زندگيءَ جا خواب ڏسڻ شروع ڪر.“

گهر پهچي اِي ميل ڪري، اُن ۾ به هُن ڪيس پهريون جملو ئي اِهو لکيو ته، ”تون پنهنجي ماضيءَ واري جمال کي جيئرو ڪر.“

ليلا جي دل ۾ سندس لاءِ ايتري ڳڻتي ڪيس سُٺي لڳي. ليلا هيو به ته سندس پيارو دوست. جيتوڻيڪ هُو ملندا دير دير سان هئا، پر جڏهن به ملندا هئا ته، ڏاڍي پيار ۽ پاڀوهه سان هڪٻئي سان ملندا هئا. دير تائين گڏ ويهندا هئا. هڪٻئي جو اندر پڙهندا هئا. خوشيءَ وارين ڳالهين تي خوش ٿيندا هئا ۽ درد جي ڳالهين تي هڪٻئي کي آٿت ڏيئي اُٿيا هليا ويندا هيا. عنايت وٽ سچائيءَ جو ٻيو نالو ليلا هو.

هُو ليلا جي موڪليل اِي ميل پڙهي اداس ٿي ويو. ليلا مٿس زور پريو هو ته، ”هُو نئين سِرِ جيئي. وقت رُڪجندو ناهي. اِن کي هرحال ۾ گذرڻو هوندو آهي. اِهو پنتي ناهي موٽندو، اِهو اڳتي ئي وڌندو ويندو آهي پنهنجي رفتار سان.“ هُن ڪيس اِهو به لکيو هو ته، ”مون پهريون ڀيرو تنهنجين چمڪندڙ اکين ۾ شديد اُداسي ڏٺي ۽ تنهنجو پَورا پَورا ٿيل وجود. هاڻي نئون جنم وٺ دوست!“

عنايت سوچيو، ”جنهن ماڻهوءَ جو اندر صحرا بڻجي ويو هجي ۽ جتي پيار جي پيدا ٿيل سونهن ڦولار سڙي خاڪ ٿي ويئي هجي، اُتي ڪو نئون ٻوٽو ڪيئن ٿو نِسري سگهي؟“

ليلا ڪيس اِها به صلاح ڏني هئي ته، ”يار، نوان خواب ڏس هاڻي.“

”نوان خواب!“ هُو طنزيه مُرڪيو. هِن پاڻ کي ڏٺو ۽ پاڻ کان پڇيو، ”ڇا هاڻي تون وري نوان خواب ڏسندين؟“ پاڻ کي پاڻ جواب ڏنائين، ”پُراڻن خوابن جا لاش اڃا جيئرا آهن. دل ۾ رڳو هڪ ڪٽ پيل آهي، جنهن تي اِهي لاش پيل آهن. اِها ڪٽ جڏهن خالي ٿيندي، اُن ڪانپوءِ ئي اِن تي ڪي نوان خواب اچي ويهي سگهندا. ائين ڪٿي اچي ويهندا؟“

”پوءِ پنهنجن مُئل خوابن کي پُورين ڇو نٿو؟“ پاڻ کي چيائين.

”مان پنهنجي دل ۾ ڪابه قبر ناهيان ٺاهي سگهيو ۽ منهنجا اِهي مُئل هنيلا خواب اِن جاءِ تي ئي دفن ٿيڻ چاهين ٿا.“

”پوءِ پيلا اِنهن کي جيئرو ڪر،“ پاڻ کي صلاح ڏنائين.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مان مسيحا ناهيان. مان تہ خود صليب تي ٽنگيل آهيان. مُئل آهيان مان. مونکي اهڙي صلاح ڪيئن ٿو ڏئين؟“

”خواب ڪنهن جي چوڻ تي ناهن ڏسي سگهبا. نہ وري اِهي ڪنهن جي فرمائش تي جنم وٺندا آهن. اِهي تہ ٻار ٻڌجي پيار جي مِٽيءَ مان گُهگِهڙن وانگر نابا آهن. اِنهن کي جڏهن پرينءَ جي چَپن جي آڳ ڇُهندي آهي تہ اِهي پَڪا ٿيندا آهن. اِنهن کي جڏهن پرينءَ جون اکيون گُهوري ڏسنديون آهن تہ اِنهن ۾ سونهن پيدا ٿيندي آهي. اِنهن کي جڏهن پرين پنهنجي ڇاتيءَ سان لائيندو آهي تہ اِنهن ۾ روشني پيدا ٿيندي آهي ۽ جڏهن پرين اِنهن سان مُرڪي ڳالهائيندو آهي تہ اِهي آسمان ۾ اُڏامڻ لڳندا آهن. پيار اهڙن خوابن جي ماءُ هوندو آهي ۽ اِهي پنهنجي ماءُ ڪانسواءِ جنم نٿا وٺي سگهن. مان پيار کان خالي دل جي آويءَ ۾ ڪيئن ٿو خواب پچائي سگهان؟“ پارڻ کي طويل جواب ڏنائين.

”تو وٽ تہ رڳو مايوسي آهي. هينئر تائين ڇا ڏنو آهي اِن مايوسيءَ توکي، جو اِها اڳتي توکي ڪجهہ ڏيئي سگهندي؟“ پارڻ کي ٽوڪيائين.

”مايوسيءَ جي بہ پنهنجي اهميت هوندي آهي. اِن جي بہ پنهنجي عمر ٿيندي آهي. اِها پنهنجي وقت تي ڪِن خاص حالتن ۾ جنم وٺندي آهي، پنهنجي وقت تي جوان ٿيندي آهي ۽ پنهنجي وقت تي مري يا ماري ويندي آهي. بلڪل ائين، جيئن هُن مونکي هڪ ڀيري چيو هو، ’مون جنهن وقت توسان پيار ڪيو، اُن وقت مون جنم ورتو. اُن دوران ئي جوان ٿيس ۽ توکان وڇڙي مري ويس.‘ تنهن ڪري مايوسيءَ کي ڪنهن جي چوڻ تي وقت کان اڳ ۾ ماري نٿو سگهجي.“

هُن پارڻ کي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪندي وڏيڪ چيو، ”مايوسي ماڻهوءَ کي اڪثر مرڻ کان بچائي ٿي. زندگيءَ ۾ ڪنهن وڏي حادثي پيش اچڻ ڪانپوءِ مايوسي وچ تي اچي ماڻهوءَ موت جي وچ ۾ هڪ ديوار ٻڌجي بيهي ٿي رهي ۽ پوءِ ماڻهو تڪڙ ۾ ڪوبہ انتهائي قدم کڻڻ کان بچي ٿو وڃي. ڪيس سوچڻ جو وقت ملي ٿو وڃي.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڇڱو اِهو ٻڌاءِ، ڏکن جو ڪم تہ سيکارڻ هوندو آهي، تو پنهنجن ڏکن مان ڇا سکيو آهي؟“

”اِنهن معاف ڪرڻ سيکاريو آهي. منهنجا ڏک چون ٿا تہ، ڪنهن سان بہ نفرت نہ ڪر. ’هُو چَوني ٽُون مَر چڻُہ.‘ پل زماني جي وچ ۾ نہ رهہ. گُم ٿي وڃ، پر جڏهن بہ ظاهر ٿئين تہ اهڙي طريقي سان ظاهر ٿيءُ، جو زمانو تنهنجي آجيان ڪري، تنهنجي اکين جو درد پڙهي، توکي پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳائي ۽ ها، ڪنهن کي بہ نہ ڏُکاءِ. ماڻهو توکي لتاڙين تہ مِٽيءَ ۾ ڇَڪُ هَڻُ. مِٽي ماءُ ٿيندي آهي. اِها توکي پنهنجي گود آڇيندي. تون مرندين، پوءِ بہ اِها توکي جيئاريندي.“

مِٽي ۽ ماءُ جو ٻڌي هو روئي پيو. اوچنگار ڏنائين..... ۽ پوءِ هٿَ تَريءَ سان ڳوڙها اُگهي، مسڪرائي، نئين سِر، همٿ سان جيئڻ جو فيصلو ڪري، ٻانهن ڪنڌ هينان ڏيئي سمهي پيو. هِن هڪ وڏي عرصي کانپوءِ پهريون ڀيرو سُڪون جي ننڊ ڪئي.

*2008ع*

# روئڻو

هُن جهڙو روئڻو نہ ڏٺو نہ ٻڌو. وينو پاڻ سان رڳو ڳالهائي ۽ روئي. ڪو واندو پَهر مليو نہ اٿس. روئڻ ۾ چُٽڪيو ناهي. عجيب ماڻهو آهي! ڏُکن سان پريل هوندي بہ اهڙي ڏِکَ ڏيندو. جڻ زندگيءَ ۾ هِن ڪڏهن ڪو ڳوڙهو بہ نہ ڳاڙيو هوندو. اندران تہ اصل ڳريو پيو آهي. هڪڙا زخم پَرجنسِ مَس ٿا تہ وري ٻيا ملي ٿا پونسِ. ڪلهہ شام جو اميتاڀ جي نئين آيل فلم ”محبتين“ ڏسي اچي جو روئڻ ۾ شروع ٿيو تہ بس ئي نہ ڪري. اوچنگارن جو آواز سندس سڄي گهر ۾ گونجي ويو ـ ۽ جڏهن روئڻ کان بس ڪيائين تہ وري پاڻ سان ڳالهائڻ شروع ڪيائين:

”مونکي جيڪڏهن ڪنهن جو وري پيار ملي ٿو تہ، مان اُن کان آخر ڀڄان ڇو ٿو؟ هڪ نئين محبت پنهنجون ريشمي ٻانهون کولي منهنجي آڏرياءَ جي انتظار ۾ آهي ۽ مان اُن کي پنهنجي آجيان جي اجازت نٿو ڏيان. مان اهڙو ڇو ٿي ويو آهيان، جو محبت جي احساس کان هڪ پل بہ پري نہ ٿيڻ جي باوجود. جڏهن ڪا اُداس اک منهنجي دل جي ڳليءَ ۾ اچي، پنهنجي ڳڇيءَ ۾ ڪو ڳارائو وجهي، ڪا صدا ڏئي ٿي تہ، مان پنهنجيءَ دل جي ڪَنن ۾ آڱريون وجهي، ڇو اُن جي اداسي وڌائي ڇڏيان ٿو؟ مان آخر ڇا چاهيان ٿو؟ ڇا مونکي ڪو خوف ٿو ٿئي؟ جي ها تہ ڪنهن کان؟ ڇا مان اِن ڳالهہ کان ڊڄان ٿو تہ هاڻي مان هڪ نئين محبت کي پنهنجي سيني جي پناهگاهہ ۾ آڻڻ کانپوءِ اُن کي اُهڙو احترام نہ ڏيئي سگهندس، جهڙو مون پنهنجي پهرئين محبت کي ڏنو هيو؟ ٽُٽي ويل شخص ڪيئن ٿو ڪنهن ٻئي کي جوڙي سگهي؟

”۽ هُوءَ آهي جيڪا پنهنجي زندگيءَ ۾ بار بار شڪستون کائڻ کانپوءِ بہ هڪ شڪستہ دل شخص ڏانهن ڊوڙندي پئي اچي- ۽ حيرت



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي تہ باوجود چُورُ چُورُ ٿي، ٽڪجي پوڻ جي، مون ڏانهن هُن جي پيش رفت رُڪجي نہ ٿي. ڪِري وري اُٿي ٿي، وري اُٿي وري ڪِري ٿي، پر پوءِ بہ مون مان اک نہ ٿي ڪڍي، تہ ڪٿي مان سندس اکين کان اوجهل نہ ٿي وڃان- ۽ مان آهيان، جيڪو هُن جي بيچينيءَ جا آواز ۽ اُداسيءَ جون پُڪارون ٻڌڻ جي باوجود اُهي سمجهان نٿو - ۽ جيئن پوءِ تيئن پنهنجي ۽ هُن جي وچ ۾ قائم فاصلي کي برقرار رکندو پيو اچان.

”ڪلهہ جڏهن فون ڪري چيائين تہ، ’مان هاڻي ٿڪجي پيئي آهيان،‘ تڏهن بہ مون کيس هڪ بي معنيٰ جملو ئي چيو هيو. ’ٿَڪُ تہ تنهنجي لهجي مان ئي ظاهر آهي،‘ پر مان کيس ٻڌائي واڻي اَئين نہ چئي سگهيو هوس تہ، ’تنهنجو ٿَڪُ منهنجين ٻانهُنِ جي تو وٽ امانت آهي.‘

”هُوءَ هڪ ڏگهو سفر طي ڪري مون تائين پهتي آهي ۽ مونکي پنهنجي منزل سمجهي ويهي رهي آهي، پر هُن کي اِهو ڪير سمجهائي تہ، ’تون جنهن کي پنهنجي منزل ٿي سمجهين، اُن کي تہ ڪنهن ٻي منزل جي تلاش آ - هُو تہ اڃا ٿَڪو ناهي. هُن جي پيرن ۾ اڃا ڪيترين شڪستن جي پنڌ جي طاقت آهي. هُن جي نيڻن جي ڏيئي ۾ سندس خون سان پريل وٽِ اڃا لاٽ ڪري جلي پئي ۽ جلڻ جي باوجود هُن جي دل اڃا اتاولو احساس پالي ٿي، تنهن ڪري اِهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي تہ هُو پنهنجي منزل وساري تنهنجي منزل بڻجي وڃي؟ اوهان ٻنهي جون رڳو اکيون ئي تہ مليون آهن. ڇا اکين جو ملڻ دلين جي ملڻ واري منزل ٿي سگهي ٿو؟‘“

هُو پاڻ سان ايترو ڳالهائي پوءِ اُٿي ڪمري ۾ هلڻ لڳي ٿو. ڪمري ۾ ڪنڌ هيٺ ڪري بہ ٽي چڪر ڏيڻ کانپوءِ جيئن ئي ڪنڌ مٿي کڻي ٿو تہ سندس نظر ديوار تي ٽنگيل اُن گروپ فوٽو تي وڃي پيئي، جنهن ۾ هُو پنهنجي اداري جي سربراهہ ۽ ٻين ملازمن سان گڏ وينو هيو. تصوير ڏسڻ کانپوءِ ڪجهہ سوچي، واپس قالين تي، پٺ کي ٽيڪ ڏيئي ويهي، رموٽ ڪنٽرول سان ٽي ويءَ جي ميوٽنگ ختم ڪيائين تہ، ڪنهن لوڪ فنڪارا جي آواز ۾ هي پنجابي گيت هلي رهيو هيو:

اسان اُڏ جاڻان،
ساڏا چڙيان دا چنبا وي بابلا!

اِهو جيئن ئي سندس روح سان ٽڪرايو تہ سندس ڪونئريون اکيون وري آليون ٿي ويون ۽ اِن نئين ڇوڪريءَ سان منسوب هڪ تازو واقعو ڪيس ياد اچي ويو ۽ پاڻ سان ڳالهائڻ وارو سندس ٽُٽَل سلسلو وري جڙي پيو:

”ڪلهہ جڏهن اداري جي سربراهہ منهنجي آفيس ۾ اچي، مونکي ٻانهن کان وٺي سِڌو مارئيءَ جي سيڪشن ۾ وٺي هلي، جڏهن هُن جي آفيس جي در تي اچي بيٺو تہ هُوءَ اول تہ وائڙي ٿي ويئي، پوءِ اکين ئي اکين سان سلام ڪيائين. ويهڻ جي صلاح ڪيائين، پر مان صرف مُسڪرائي ئي سگهيو هيس. اُن ڪانپوءِ هُن جي ڇهري جو عڪس منهنجو پاڇو بڻجي ويو آهي.

”عجيب ڇوڪري آهي!! ۽ وري سوال بہ عجيب ٿي پُڇي:
’مان تنهنجي رڳو بهترين دوستِ آهيان يا ٻيو ڪجهہ بہ ٿيان؟‘
’تون مونکي ڪيترو چاهين ٿو؟‘

”پر مون وٽ تہ سندس انهن سوالن جا ڪي بہ جواب ناهن، پر جيڪڏهن آهن بہ سهي، تڏهن بہ مان هُن کي اُهي ٻڌائڻ نٿو چاهيان. هُن کي جيڪڏهن سندس ڪا غلطفهمي مطمئن بڻائي ويٺي آهي تہ پوءِ مان ڇو سندس عارضي سُڪون تي پنهنجي سچ جي، وقت کان اڳ ڪهاڙي ڪيرايان؟ پر سچ اِهو آهي تہ مان تہ هُن کي صرف ڏسندو آهيان – ۽ جڏهن منهنجيون اکيون هِن ڏانهن ويندڙيون آهن، تڏهن خيال منهنجا ڪنهن ٻئي جي تلاش ۾ هوندا آهن. هُوءَ سمجهي ٿي تہ، جڏهن مان ڪيس ڏسان ٿو تہ، چڻ مان رڳو ڪيس ئي ڏسان ٿو. چڻ مان سندس جو ئي لڳان ٿو، پر ائين ناهي هوندو. مون تہ هُن کي هر بار ٻي خياليءَ ۾ ئي ڏٺو آهي. منهنجيون اکيون تہ هِن کان اڳتي ڪنهن ٻئي کي ڏسنديون آهن. منهنجن خيالن ۾ تہ ڪو ٻيو هوندو آهي، جيڪو ڪو وقت ٿيو جو اُڏامي هليو ويو، ڪنهن ڪونج جيان – ۽ پُٺتي منهنجين سوچن ۾ پنهنجي اُڏام جي رڳو سَرسَراهٽ ڇڏي ويو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”مون تہ اِهو ڪڏهن بہ نتي چاتو تہ. بي خياليءَ ۾ هُن کي منهنجو ڏسڻ، هُن جي اندر ۾ ڪنهن باهہ جي تخليق ڪندو ۽ منهنجين اکين جي اڻ ڄاڻ نِهار هُن جي اکين سان ملي، سندس دل ۾ لهي، ڪنهن وساميل محبت کي وري دُکائي وجهندي.

”ماڻهن جي اِها ڳالهہ صحيح هوندي تہ. زندگيءَ ۾ لاپرواهہ ۽ مدهوشيءَ واري محبت صرف ڪنهن هڪ سان ئي ٿيندي آهي. پر مونتي هِن ٻي ڇوڪريءَ جي مسلسل چڙهائي. ڪٿي مونکي آهستي آهستي فتح تہ نہ پئي ڪري؟ ملڻ جي لاءِ بهانا، ملڻ جي لاءِ حجتون، نہ ملڻ جي صورت ۾ رُساما ۽ صفا نہ ملڻ جي صورت ۾ خودڪشيءَ جون ڌمڪيون. ڪٿي منهنجي انڪار تي سوچ تہ نہ پيون حاصل ڪنديون وڃن؟ پر دل ڪو ٽي وي چينل تہ ناهي، جو جڏهن ڪو چاهي تہ اُهو رموٽ ڪنٽرول جي ڪنهن بہ ٻٽڻ کي دٻائي اُن کي تبديل ڪري ڇڏي. منهنجي دل تہ اڃا پنهنجي ماضيءَ جي ڪنهن چلولي چُميءَ جي ڇُهاءَ کي سنڀاليندي پئي اچي ۽ اُن جي ڇپن جي شعاع ۾ پنهنجو ڏنڏلو مستقبل ڳولڻ جي آس رکي ٿي.

”منهنجي دل پل هِن ڇوڪريءَ جي انڪساري ۽ اعتماد اڳيان هارائي ويهي رهي، پر اِها ڪيئن وساري سگهندي ماضيءَ جا اُهي قصا، جيڪي اڃا بي اثر ناهن ٿيا. جيڪي اڃا دل جي ٻار جي هنج ۾ ڪنهن رانديڪي وانگر سنڀالي رکيل آهن ـ ۽ جن جي جنگ اڃا دل ۾ اُن جا ڪي حامي جذبا وڙهن پيا.

”مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ مان هِن جي ضد کي سمجهڻ بدران ڇو پنهنجي ضد تي قائم آهيان؟ جڏهن هُوءَ بيحد پيار جو اظهار ڪري ٿي، تڏهن مان بہ روئي ويهي ٿو رهان ـ ۽ جڏهن منهنجي سرد موٽ ڏسي، سخت غصي ۾ اچي مون سان سخت نفرت جو اظهار ڪري ٿي، تڏهن بہ مان روئي ويهي ٿو رهان. منهنجيون اکيون رڳو روئڻ پالين ٿيون ۽ دل ڪنهن بہ وقت بيهجي وڃڻ جي منتظر رهي ٿي.

”ماڻهو صحيح چوندا هوندا تہ. گهٽي روئڻ سان نيڻن جون نديون سُڪي وڃن ٿيون ۽ ڳوڙها رڳو دل تي محسوس ٿيندا آهن. پر منهنجين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڪين ۾ هيءُ پاڻي ڪٿان ٿو اچي، جيڪو مسلسل ٿو وَسي، پوءِ بہ نٿو ڪُٽي؟“ ائين چئي هُن پنهنجيون اکيون بوتي ڇڏيون.

.......

ٻئي ڏينهن تي هُو پنهنجي آفيس ۾ ويٺو هيو تہ، مارئيءَ کيس فون ڪري چيو:

”مان موڪل تي ٿي وڃان.“

”ڪيترن ڏينهن جي لاءِ؟“

”في الحال ٽن مهينن جي لاءِ.“

”ڪيڏانهن ٿي وڃين؟“

”پنهنجي ڳوٺ.“

”پر تو تہ ٻڌايو هيو تہ، ڳوٺ ۾ تنهنجو ڪير بہ ناهي؟“

”ڪير ناهي تہ، ڪير ٿي ويندو.“

”توهان جي مرضي.“

هِن جي ايتري مختصر ۽ سادي جواب ڏيڻ ڪانپوءِ هي ٻئي خاموش ٿي ويا. مارئيءَ هڪ منٽ جي خاموشيءَ ڪانپوءِ لرزندڙ آواز ۾ صرف ايترو چيو:

”خدا حافظ، پنهنجو خيال رکجانءِ.“ ائين چئي هُن فون رکي ڇڏي. هِن جي اکين مان وري ڳوڙها ڳڙي پيا!

—

# پاس ورڊس

اورنگزيب جڏهن پنجاهه سالن جي عمر ٽَپي هليو ته کيس پنهنجي عمر ٿوري محسوس ٿيڻ لڳي. هِن کي پنهنجي گهٽ عمر هئڻ جو ايترو شديد احساس شايد نه ٿئي ها، پر جڏهن به سال اڳ سندس يارِويهُس وڏو ڀاءُ برين هيمريج سبب ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ کان لاچار ٿي بستري تي ويهي رهيو. جيڪو اڳ ۾ ڪڏهن به پنهنجي زندگيءَ ۾ لاچار نه رهيو هو ۽ اُن جي ٻئي سال تي سندس والد صاحب پنهنجي وڏي پٽ جي اِن لاچاريءَ وارو صدمو برداشت نه ڪري سگهيو ۽ هليو ويو. گهٽو گهٽو پري.... اُن بعد اورنگزيب پاڻ کي اڪيلو محسوس ڪرڻ لڳو هو. هِن کي پنهنجي حياتي اجائي ته محسوس نه ٿيندي هئي، پر هاڻي کيس اهو يقين ٿي ويو هو ته، ”زندگيءَ تي ڪوبه اعتبار ناهي. اِها مهمان آهي. ڪنهن وقت به موڪلائي وڃي سگهي ٿي.“ تنهن ڪري هِن چاهيو هو ته، هيءُ پنهنجيون سموريون شيون پنهنجي اولاد جي حوالي ڪري وڃي. هِن جي ڪُل ملڪيت سندس گهرُ ۽ ٻنيءَ جا ٻه ٻارا هئا، جيڪي سندس وَئي ڪانپوءِ سندس اولاد کي ملي ٿي سگهيا. اهڙي طرح بئنڪ اڪائونٽ جي، هِن جي چيڪ بڪ مان به گهر وارن کي خبر پئجي سگهي ٿي، پر جيئن ته اورنگزيب جو لکڻ پڙهڻ سان به واسطو هو، تنهن ڪري هِن پنهنجي اي ميل اڪائونٽس ۾ ڪيترائي ڪتاب، تصويرون ۽ ٻيون يادگار شيون رکيون هيون.

تنهن ڪري هاڻي هيءُ هروقت سوچڻ لڳو هو ته، ’جيڪڏهن هيءُ اوچتو هليو ٿو وڃي ته پوءِ ته سندس پونيئر سندس اِن سموري خزاني کان محروم ٿي ويندا،‘ ائين سوچيندي سوچيندي سندس ذهن ۾ آيو ته، هيءُ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُنهن اڪائونٽس جا پاس ورڊس پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکي پنهنجي گهر واريءَ کي ڏئي ته، ’جڏهن هيءُ نه رهي ته هُوءَ اُهي سندس پٽن کي امانت طور ڏئي.‘

پوءِ رات جو آفيس مان گهر پهچي هِن ڊائريءَ ۾ پنهنجن ٽن اِي ميل اڪائونٽس جا پاس ورڊ، بئنڪ اڪائونٽس جا نمبر ۽ ڪجهه ٻيا تفصيل لکيا. ۽ ڊائري پنهنجي وِهاڻي هيٺان رکي اِهو سوچي سمهي پيو ته، ’هيءُ صبح جو پنهنجي گهرواريءَ کي اِها ڏيندو.‘ پر رات جو اوچتو کيس دل جو دورو پيو. کيس ويجهي اسپتال پهچايو ويو. جتي سندس باءِ پاس ٿيو. هُو بچي ويو.

......

جڏهن هُو اسپتال مان واپس گهر آيو ته، سندس گهر ۾ ڪم ڪندڙ ڇوڪرين بستري مان مليل اُها ڊائري سندس گهرواريءَ کي اِهو چئي ڏني ته هِنن کي اِها سارنگ صاحب جي بستري مان مِلي هئي.

اورنگزيب جي گهر واريءَ جيئن ئي اُها کڻي کولي ته اُن ۾ اورنگزيب جي لکيل هِن ڳالهه تي ئي وچي نظر پئي، جيڪا هِن پڙهڻ شروع ڪئي: ”منهنجي زندگي، جڏهن مون سان منهنجي زندگي وفا نه ڪري ته، تون هي پاس ورڊس پاڻ وٽ رکجانءِ ۽ اُهي اسانجن پٽن کي به ڏجانءِ. ته جيئن اُهي منهنجن اِنهن اڪائونٽس ۾، جيڪي ڪجهه پيو آهي، اُهو کڻي پاڻ وٽ محفوظ ڪري سگهن. پاس ورڊس آهن: ”آيِ اَيِ منهنجا پٽ.“ اِهي منهنجي ملڪيت جي اڪائونٽس جا به پاس ورڊس آهن، جيڪي منهنجي سموري ميڙي چونڊي کڻي سگهن ٿا.“

سندس گهرواءِ جيئن ئي اِهي اکر پڙهيا ته سندس اکين مان ڳوڙها وهي پيا. اُن لمحي سارنگ اسٽڊي روم مان ٻاهر نڪتو ۽ جنهن پنهنجي گهرواريءَ جي هٿ ۾ ساڳي ڊائري ڏسي، معاملي کي سمجهي، مسڪرائي ڏنو ته، سندس گهر واريءَ جي چپن تي ميار واري مرڪ تَري آئي.

—



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيوئر ليڊر

هُو جناح اسپتال جي موڙ وٽ ميٽرو بس مان لهي ٻه چار قدم اڳتي اچا مس وڌيو تہ هِڪَ هَٽَ اڳيان وڌي اچي سندس رستو روڪيو. هِن جي اڳيان وڏي آيل هٽَ جي تَريءَ تي هڪ پرس پيل هو. هِن پرس تي مٿاچري نظر وجهي جيئن ئي پنهنجون نظرون مٿي کنيون تہ اُهي هڪ جوان عورت جي ٿُتَلَ آئيني جهڙين اکين سان ملي ماٺ ٿي ويون. اُن ئي لمحي اُن عورت پنهنجي ماٺ کي ٽوڙيندي ڳالهايو:

”هيءُ توهان خريد ڪريو.“

هُن جي سوال جي ادا ۾ سندس خوبصورت چهري جي اُداسيءَ هِن کي بيهڻ تي مجبور ڪري وڌو. هِن کَن پَل ۾ ڪيس ڏسي ورتو: پريل بدن، گول چهرو، چِٽو رنگ. چهري تي ڪجھ چانيون. اکين ۾ سوال، لهجو اُداس.

”اِن جي ڪيتري قيمت آهي؟“

”صرف هڪ سوءُ پنجانوي روپيا.“

”پئسا تہ گهٽا آهن.“

”پر پيوئر ليڏر آهي.“

”تڏهن ٻہ پئسا گهٽا آهن.“

”ڀلا هي وٺو“ هُن پنهنجي پرسان بيٺل پنهنجي ننڍڙي پٽ کان هڪ پئڪيٽ وٺي اُن مان هڪ بيلٽ ٻاهر ڪڍي هِن ڏانهن وڌائيندي چيو.

”ساري، مان هھڙا ٻَڪل وارا بيلٽ استعمال ناهيان ڪندو.“

”پيوئر ليڏر آهي.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جليل هِن جي لهجي جي اُداسيءَ مان هِن جي سخت ضرورتمند هئڻ جو اندازو لڳائي کيس چيو:

”پلا هِنن شين کانسواءِ ٻي ڪا پيوئر ليڊر جي شيءِ اوهان وٽ آهي؟

هِن اِهو سوال ڪري جيئن ئي سندس اکين ۾ ڏٺو ته هُن مُشڪي پنهنجيون اکيون جهڪائي ڇڏيون. جليل پرسان گذرندڙ هڪ ٽيڪسيءَ کي هٿ ڏنو ته، اِها جوان اجنبي عورت به اُن ٽيڪسيءَ ڏانهن مُڙي. ٽيڪسي جيئن ئي هِنن جي پرسان اچي بيٺي ته جليل پنهنجي واليٽ مان هڪ سئو روپئي جو نوٽ ڪڍي اُن نوجوان عورت جي معصوم پٽ جي مٿي تي شفقت وچان هٿ ڦيري، اُن جي کيسي ۾ وڌو ۽ پوءِ هُو ٽڪسيءَ ۾ چڙهي هليو ويو.

*2007ع*



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏُکي

هُن ہرڻ پئي چاهيو پر ائين ڏُکي نہ پئي سگهي. هوءَ ڏُکي ضرور هُئي، پر اجا ڏُکي نہ هئي. پنهونءَ سوچيو”جي هوءَ هِن پيري بہ هِن تيليءَ سان نہ ڏُکي تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟“ هِن کي ڳڻتي ورائي ويئي. هِن کي هڪ وڏي آڳ لڳائڻي هئي. اهڙي آڳ، جيڪا لڳي تہ پوءِ ڪڏهن بہ وسامي نہ سگهي.

۽ جيئن ئي هوءَ پنهنجي گهر جي دروازي مان ٻاهر نڪتي تہ هِن اُها تيلي سندس اڳيان اُڇلائي ۽ تجسس وچان ڏسڻ لڳو تہ هوءَ ڏُکي ٿي، ٻري ٿي، ينيٽ ٻڻجي ٿي يا نہ؟ هُو پريشان هو. بيچيني هُن کي کائي رهي هئي ۽ هُو جلي رهيو هو پنهنجي فليٽ جي بالڪوني ۾ هيڏي هوڏي گهمندي، هُو پاڻ سان پُڻ جُهڻ ڪرڻ لڳو ڳالهائڻ لڳو ”الائي ڇا ٿيندو؟ الائي ڇا ٿيندو؟ ... الائي ڇا....“ اندر ۾ ڊپ ۽ اميد جا گڏيل احساس اُڀري آيس.

جڏهن سسئي پنهنجي اڳيان ڪِريل ماچيس تڪڙ ۾ کڻي هيڏي هوڏي ڏسي، ڪنهن جي نہ ڏسڻ جي خاطري ڪري، اُهو کولي، اُن ۾ پيل هڪ چِنيءَ جي تيلي ڪڍي، اُها پڙهي تہ هوءَ ينيٽ ٻڻجي ٻري پيئي.

پنهون سندس جلندڙ وجود جي آڳ جي ٻولي سندس اکين مان پڙهي جيئن ئي سندس ويجهو آيو تہ ٻنهي جي ٻانهن جي آڳ ٻن جسمن جي ٻيلي کي وڪوڙي ويئي.

سسئيءَ جي ٻرندڙ سِرَ تڙڪات ڪري پنهونءَ جي سيني تي ڪرندي نيم بيهوشيءَ واري لهجي ۾ ڳالهايو ”مان تہ ڪيترن ئي سالن کان ڏکڻ پئي چاهيو. مون جلڻ پئي چاهيو سڙڻ پئي چاهيو تنهنجي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجود جي مٽيءَ ۾ خاڪ بڻجي مِلڻ پئي چاهيو. پوءِ تو ايتري دير سان مونکي ڇو ڏُکايو؟"

"مون سوچيو پئي تہ تون پاڻ ڏُکي پَئُہ."

"مان ڪيئن پاڻ ڏُکي پوان هان؟ تيلي تہ ماچيس سان ئي ڏُکندي اَهي."

"مون معجزو ڏسڻ پئي چاهيو. بنا ماچيس جي ڏُکڻ جو."

"جي ويجهو هُجين هان تہ شايد ائين بہ ٿي پوي هان."

"مونکي تنهنجي اندر جي آڳ جي شدت جو اندازو هيو."

پنهونءَ ايترو مَس ڳالهايو تہ سسئيءَ سندس سيني تي چڪ هڻي ڪڍيو. پنهونءَ سندس پيشاني تي چُمي ڏيندي چيو. "تو وٽ تنهنجي آڳ منهنجي امانت هئي. هاڻ تون نہ جلنديءَ ۽ وسنديءَ مونتي مينهنَ وانگر اوڙڪون ڏيئي."

سسئي مُرڪي پئي. پنهونءَ جون اکيون روشن ٿيون ۽ هڪ نئين زندگيءَ خوش ٿي، مُسڪرائي، سندن چِڪني جي رَئي ۾ اجرڪ جي پَلوَن کي هڪ سوگهي ڳنڍِ ڏيئي ڇڏي.

آڪٽوبر 2007ع

# ضمير وِڪري جي لاءِ حاضر آهي!

”خدا جي واسطي مون کان منهنجو هيءُ ضمير وٺو نه ته مان مري ويندس، منهنجا ٻچا بک مري ويندا، اسپتال ۾ داخل منهنجو پيءُ جهڙو ڀاءُ بچي نه سگهندو. اسان جيئي نه سگهنداسين. مون کي منهنجو هيءُ ضمير جيئڻ نٿو ڏي... هيءُ منهنجيءَ دل تي پهاڙ بڻجي ڪِري پيو آهي، وٺو مون کان منهنجو هيءُ ضمير، مان بي ضمير و جيئرو رهڻ ٿو چاهيان.... مون کي نٿو کپي هيءُ... ايمانداريءَ جو پُتلو...“ روشن رات جو اسپتال مان، ٻن منٽن جي لاءِ پنهنجن ٻارڙن سان ملڻ ۽ پئسن جو ڪو بندوبست ڪرڻ جي لاءِ گهر ويندي، رستي ۾، اندر ئي اندر ۾ چڙ ته دانهون ڪري دنيا وارن کي چئي رهيو هو.

”هيءُ منهنجو ضمير، مون کي هر اُهو ڪم ڪرڻ نٿو ڏئي، جيڪو اڄ جي دور ۾ نه ڪرڻ سان ماڻهو جيئرو رهي نٿو سگهي- ۽ جي جيئرو رهي به ويو، تڏهن به عزت سان جيئرو رهي نه سگهندو.“ هِن اندر ۾ وري دانهن ڪئي.

روشن ڪيترن ئي سالن کان ائين پريشان آهي. هيءُ جڏهن ملڪي حالتن تي نظر وجهي ٿو ته کيس زندگي ڪُتي جي وات ۾ نظر اچي ٿي، هر اک ڪڪرن سان ڀريل نظر اچي ٿي، هر اسپتال، ٿاڻي ۽ عدالت ۾ انسانيت گهلجندي ۽ لڇندي نظر اچي ٿي، هر جاءِ تي تباهي ۽ ويرانا نظر اچن ٿا، گوليون پاڳل بڻيل نظر اچن ٿيون، غريبن جون عزتون چيڙهون ٿيل نظر اچن ٿيون، هر شخص اوپرو اوپرو لڳي ٿو هر وستيءَ مان دانهون ۽ دونهون نِڪرندي نظر اچي ٿو هر دل کي زور سان هٿُ ڏنل نظر اچي ٿو هر مسافرُ: بس ۽ ريل گاڏيءَ ۾ بيعزتو ٿيندي نظر اچي ٿو، لاوارث لاشن جو تعداد وڌندي نظر اچي ٿو قبرستان ڀرجندي ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهر خالي ٿيندي نظر اچن ٿا. خودڪشيون ماڻهن کي هرڪائينديءَ نظر اچن ٿيون. هر جاءِ تي ”ڏاڍو سو گابو“ بدران ”ڏاڍو سو شينهن بگهڙ“ نظر اچي ٿو ۽ ڪيس اهڙو ڪوبہ چانورو نظر نٿو اچي، جتي هيءُ ڪي بہ گهڙيون سُڪون سان ويهي، جنمن جو ٿَڪُ ڀَڃي سگهي. اِنهن سيني معاملن تي سوچيندي اڪثر سندس نرڙ تي پگهر اچي ويندو آهي، مٿو گرم ٿي ويندو آهي ۽ غصي ۾ سندس جسم ڏڪڻ لڳندو آهي، پر اِهي ٻاهريان لقاءَ هِن جي لاءِ اجا بہ برداشت جوڳا آهن. چاڪاڻ جو اِهي سندس روح کي زخمي تہ ڪن ٿا، پر سندس ذاتي زندگيءَ کي ڪو گهڻو متاثر نٿا ڪن.

پر ضمير اِن ڪري هاڻي مٿس بار بڻجي پيو آهي جو، اِهو سندس نڙي ۽ پيٽ تي لت ڏيئي ويهي رهيو آهي، ۽ ڪيس چوي ٿو تہ، ”تو سان يا تہ مان (ضمير) گڏ هلي سگهندس، يا تنهنجو ۽ تنهنجي گهر ڀاتين جو پيٽ ۽ انهن جي صحت توسان گڏ هلي سگهندا.“

ائين محسوس ٿيندو آهي جڻ روشن هِن دور جو ماڻهو ئي نہ هجي. هيءُ يا تہ ڪي پنج اٺ صديون اڳ جو ماڻهو هو، جيڪو هينئر ٻيهر جمي پيو آهي، يا وري پنج اٺ صديون پوءِ جو ماڻهو آهي، جڏهن هِن ڪائنات ۾ هر ڪم مشين تي رڳو زبان مان لفظ ڪيڏڻ يا آڱر جي اشاري (touch) سان ٿي ويندو ۽ اهڙي مخلوق پيدا ٿيندي، جيڪا ڪرپٽ نہ هوندي، جتي ذاتي ملڪيت نہ هوندي، جتي گڏيل نظام ۽ گڏيل دسترخوان هوندو.

هيءُ جتي بہ نوڪري ڪندو آهي، اُتي رڳو اعليٰ عملدارن سان وڙهيو وينو هوندو آهي. هِن کان هر اُها ڳالهہ برداشت ناهي ٿيندي، جيڪا غلط هوندي آهي. هيءُ جڏهن ڏسي ٿو تہ، ماڻهو ڪرپشن ٿا ڪن، ادارن جي وسيلن جو غلط استعمال ٿا ڪن ۽ پنهنجي ماتحت عملي ۾ شامل مردن توڙي عورتن کي هروڀرو پريشان ٿا ڪن، تڏهن هِن کان اِهو سڀڪجهہ برداشت ناهي ٿيندو - ۽ پوءِ هيءُ کُلي عام ڳالهائڻ لڳندوآهي اِنهن جي خلاف.

هاڻي رڳو ”يتين کي ڳَن ناهن،“ پر هاڻي تہ هر ماڻهوءَ کي ڪيترا ئي ڳَن آهن، آفيسن ۾ رکيل هر شيءِ کي ڳَن آهن، ڪمپيوٽرن کي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳن آهن، ٽيليفونِ ڪي ڳنَ آهن ۽ جيڪو بہ هِن سان مِلي ٿو اُن جا ڳن تہ مٿي، آفيسرن سان بہ مِليل آهن، تنهن ڪري هِن جي هر گفتگو ”مٿي“ پهچي ويندي آهي، جنهن ڪانپوءِ ڪڏهن ڪيس پيا شوڪاز نوٽيس ملندا آهن، تہ ڪڏهن سندس پگهارون پيون ڳٽبيون آهن. ڪڏهن ڪيس ڏڙڪا ڏنا ويندا آهن تہ، ڪڏهن ڪيس معطل ڪيو ويندو آهي.

اهڙين حالتن ۾ رهندي بہ هيءُ پنهنجي اِن ڪِني عادت کان باز نٿو اچي. هر وقت وتي ٿو، ٻين جي لفظن ۾، ”بڪواس“ ڪندو تہ، ”فلاڻو آفيسر هيترا پئسا ڪائي ويو، هُن هيءَ پيننگ ڪري ڇڏي، هِن ملازمن سان ڏاڍائي ڪئي ۽ هُو آفيسر وتي ٿو اداري جي وسيلن جو غلط استعمال ڪندو.....“ پر سندس اِها ”بڪواس“ تہ ڪانئس سندس ”ضمير“ ٿو ڪرائي. سندس اندرُ ٿو ڪرائي. سندس نام نهاد اصول ٿا ڪرائين. هيءُ پاڻ تہ ڪجهہ بہ نہ نٿو ڪري. هِن جا هٿ خاموش آهن، هِن جا پيرَ خاموش آهن.

هيءُ پنهنجي اهڙي کُليل وات سبب اداري ۾ ڪا ترقي ناهي ڪري سگهيو. هر وقت اِهو امڪان هوندو آهي تہ، ”ڪڏهن ٿي سندس ملازمت ختم ٿئي.“ هِن سان گڏ ۽ هِن ڪانپوءِ جيڪي ماڻهو هِن واري ئي گريڊ ۾ ڀرتي ٿيا، سي سڀ وڏا گريڊ وٺي ويا، گاڏيون وٺي ويا، گهر وٺي ويا، ٻيون سهولتون حاصل ڪري ويا، سڀ ڪجهہ کين مليو پر هن جي حالت اِها آهي جو اڪثر مهيني جي آخري ڏينهنِ ۾ ڪيس دوستن کان اڌارا پئسا وٺڻا پوندا آهن، اڪثر سندس گهر ۾ جهيڙو هوندو آهي، اڪثر سندس زال مٿس ناراض هوندي آهي، ۽ اڪثر سندس ننڍڙن ٻارڙن جي ضرورت جون شيون کُٽل هونديون آهن.

هيڏانهن پنهنجي ملازمت واري جڳهہ تي هيءُ جهڙوڪر ڇُهڙو هجي. اڪثر آفيسر مٿس چِڙيل هوندا آهن. ڪي تہ هِن سان مورڳو ڳالهائيندا ئي ناهن. گهڻا تہ ڪيس چريو چوندا آهن.

اهڙي صورتحال کي ڏسندي هِن وڏي ڪوشش ڪئي آهي تہ، هيءُ پنهنجو اِهو رويو تبديل ڪري، هر هڪ جي ڪم جي تعريف ڪري، جيڪي بہ ماڻهو جيترا وڏيڪ پئسا ڪائين، اُنهن کي ايماندار چوي،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي بہ ادارن جا وسيلا غلط طريقي سان استعمال ڪن، اُنھن جي اھڙي ڪم کي قومي خدمت قرار ڏئي، جيڪي بہ ناجائز طريقي سان وڏن عھدن تي پھچن، اُنھن کي سندن صلاحيت ۽ قابليت قرار ڏئي ۽ جيڪي بہ پنھنجي نوڪري ۽ عھدا بچائڻ جي لاءِ اعليٰ ترين عملدارن کي پنھنجن کاتن جي بجيٽ مان حصو پتي ڏين، سندن اھڙي عمل کي ھيءُ اڄ جي دور جي ڪامياب حڪمت عملي سمجھي..... پر سندس ضمير اِھو سيڪجھ سمجھڻ جي لاءِ تيار ناھي. اِھو سيڪجھ ڪرڻ جي لاءِ تيار ناھي. ھيءُ ھر اھڙي ڳالھ ٻڌڻ تي، ھر اھڙو واقعو ڏسڻ تي، ڪاوڙ ۾ ڳاڙھو ٿي ٿو وڃي، سندس بلڊ پريشر وڌي ٿو وڃي، ۽ دل چويس ٿي تہ 'جيڪر بندوق کڻي سڌو اھڙن ماڻھن جي آفيسن ۾ ھليو وڃان......'

ھيءُ جڏھن پنھنجي چوڌاري ڏسي ٿو تہ، کيس ھڪجھڙو ماحول نظر اچي ٿو... ھر ڪو غلط ۽ غيرقانوني ڪم ڪرڻ ۾ مصروف آھي، ھرڪو اھڙو ڪم ڪندي خوش آھي، ھر ڪو ڪوشش ۾ آھي تہ غلط طريقي سان وڌ کان وڌ پئسا ڪمائي، وڌ کان وڌ زمينون وٺي، وڌ کان وڌ پلاٽ وٺي، وڌ کان وڌ گھر ٺھرائي ۽ وڌ کان وڌ ڪاروبار ۾ پئسا لڳائي....۽ ھيءُ اِھو سيڪجھ ڏسي پاڻ کي جڻ تہ ڌاري مخلوق محسوس ڪري ٿو. پاڻ کي اجنبي محسوس ڪري ٿو.

جڏھن بہ سال اڳ سندس والد صاحب دوا نہ ھئڻ سبب لاڏاڻو ڪيو ھو تہ، ھِن پاڻ سان وچن ڪيو ھو تہ ھاڻي ھيءُ پنھنجي ضمير کي ماريندو. اُن کي جيئرو نہ ڇڏيندو. تڏھن ئي سندس گھر جا باقي ڀاتي جيئرا رھي سگھندا. پر جڏھن ھِن ھڪ ڪاموري کي ھڪ غريب کان رشوت وٺندي ڏٺو تہ، وري سندس مٿو ڦري ويو. وري ساڳي ڳالھ..... سيني کي جوزف اسٽالن جيان ھڪ ئي قطار ۾ بيھاري، رڳو ھڪڙو ڪارتوس ضايع ڪرڻ واري ڳالھ..... انارڪسٽ بڻجي وڃڻ واري ڳالھ..... وري آفيسرن خلاف ساڳي گفتگو..... وري ڪاوڙ جو اظھار، وري اُنھن جي ڪرپشن ۽ غلط ڪمن جا قصا بيان ڪرڻ.....

ھِن کي سمجھ ۾ نٿي آيو تہ، رڳو ھيءُ ئي شريف ڇو آھي؟ رڳو ھيءُ ئي ڪنھن جي درد تي ڇو ٿو تڙپي. ٻين جي ڳوڙھن کي ڏسي رڳو ھِن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون ئي اڪيون ڇو ٽيون ڇُلن، ۽ رڳو هيءُ ئي هِن سماج کي تبديل ڪرڻ جي لاءِ ڇو ٿو سوچي؟ هيءُ به ٻين جهڙو ڇو نه ٿو ٿي وڃي؟ هيءُ به ڇو نه ٿو ترقي ڪري، گهر ۾ گاڏيون رکي، آفيس ۾ عياشيون ڪري، ڏيهه پرڏيهه جا سفر ڪري، يارن دوستن ۽ مِٽن مائٽن جون دعوتون ڪري، بيمار ٿئي ته، ٻاهرين ملڪن مان علاج ڪرائي ۽ پنهنجن ٻارن کي سڪيو رکي.....پر هِن جي لاءِ مسئلو اِهو آهي ته هِن جو اِهو ضمير ڪير به خريد ڪرڻ جي لاءِ تيار ناهي... ڇاڪاڻ جو ڪير به ههڙي سماج ۾ اهڙو ضمير ڪٽي جيئرو رهڻ نٿو چاهي، تنهن ڪري هِن جي لاءِ اڪيلو رستو اِهو ٿو بچي ته هيءُ يا پاڻ کي ماري ڇڏي يا پنهنجي ضمير کي گهُٽو ڏيئي ماري ڇڏي... پر هِن جو ضمير ننڍپڻ کان ئي ايترو طاقتور بڻجندو آيو آهي، جو اهو هاڻي هِن جي هٿان مرڻ کان زور آهي.....

پر اڄ جڏهن سندس انتهائي پيارو پاءُ گذريل ٽن ڏينهن کان برين هيمريج سبب آءِ سي يو ۾ داخل آهي.....۽ هُن جي وڏيڪ علاج لاءِ وٽس پئسا ناهن بچيا، تڏهن هيءُ رستي سان چوندو پيو وڃي، ڪاش! ڪير مون کان منهنجو هيءُ ضمير وٺي..... مان ۽ منهنجو ضمير گڏ نٿا هلي سگهون.... مان هِن مان قاسي ويو آهيان.....هيءُ منهنجي سموري خاندان کي تڙپائي تڙپائي مارائيندو....

هيءُ اکين ۾ ڳوڙها سجائي گهر وڃي رهيو آهي...هيءُ سوچي ٿو ته ”ادا منهنجي امڙ جو به پيارو پٽ آهي. هُن کي هر حال ۾ جيئرو رهڻ گهرجي....جي ائين نه ٿيو ته امڙ اِهو صدمو برداشت نه ڪري سگهندي....سو جيڪڏهن ڪو چريو خريدار مون کان منهنجو هيءُ ضمير خريد ڪرڻ چاهيندو ته مان اُن کي اِهو تمام سستي اگهه تي ڏيندس.“

# مُنهنجو چَندُ مارجي ويو

نجيب 27 ڊسمبر جي شام جو پوڻين پنجين وڳي ڌاران معمول مطابق آفيس مان جيئن ئي پنهنجي گهر پهتو ته، تَڙِ تَڪڙِ ۾ هٿ مُنهن ڌوئي هلندڙ ٽي وي ءَ جي اڳيان وچي ويهي رهيو. اڄ سندس دل تي هڪ اڻاتي خوف جو قبضو هو. سندس ذهن ۾ خدشن جون ڪيئي شڪليون ٺهي ۽ ڊهي رهيون هيون. ڪيس سمجهه ۾ نه پئي آيو ته، هُن تي اڄ ايترو خوف ڇو طاري آهي؟ بي بي  ته اڳ ۾ به ملڪ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ جلسا ڪري چڪي هئي. وڏن هجومن جو حصو رهي هئي. هُوءَ ته تازو پشاور ۾ به جلسو ڪري آئي هئي، پر اڄ هُن جو راولپنڊيءَ ۾ جلسو هو ۽ نجيب جي خيالن ۾ لياقت باغ هڪ خُوني باغ جي روپ ۾ ڦِري رهيو هو.

مختلف ٽي وي چينلز بي بيءَ جي جلسي جي ڪارروائي سڌي سنئين ڏيکاري رهيا آهن. نجيب جي دل ڌڙڪي رهي آهي. هُو دل ئي دل ۾ دُعا گهري رهيو آهي، ”يا خدا، بي بيءَ جو جلسو جلد کان جلد ختم ٿئي ۽ هُوءَ خيريت سان پنهنجي گهر پهچي.“

نجيب جي ڇهين حِس درويشيءَ وارو ڪم ڪندي آهي. هِن کي جڏهن به اهڙي قسم جو خوف ٿيندو آهي، تڏهن ڪو نه ڪو حادثو ضرور جنم وٺندو آهي. هڪ ڏينهن اڳ راولپنڊيءَ ۾ بي بيءَ جي رٿيل جلسي جي خبر پڙهي نجيب جي ذهن ۾اِهو منحوس خيال آيو هو ته، ”ڪجهه نه ڪجهه ٿي سگهي ٿو.“ ڇاڪاڻ ته بي بي، مختلف جڳهن تي، بگهڙن جي وچ ۾ ويهي، اُنهن کي جڏهن للڪارڻ لڳي هئي، تڏهن نجيب پاڻ سان پُڇڻ جُهڻ ڪندي چيو هو”هوءَ ائين نه ڪري. هُوءَ ائين سرعام ماڻهن جي وچ ۾ نه وڃي. هُوءَ احتياط ڪري، نه ته اِهي بگهڙ، اِهي رات جا بگهڙ، اِهي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مِڊنائٽ جيڪالس ڪيس ماري ڇڏيندا. هُو وڏا ظالم آهن. هُو وڏا بي رحم آهن. هُو وڏا وحشي آهن.“

ڪجھ ڏينهن اڳ بي بيءَ کي جڏهن نجيب لياريءَ ۾ هڪ ڏکويل ماءُ کي ڳلي لڳائيندي ڏٺو هو تہ، سندس اکين ۾ پاڻي اچي ويو هو. پر بي بي تہ ”موڪلاڻيءَ واري مهم“ تي نڪتل هئي. هُن کي تہ هر جاءِ تي، هرحال ۾ وڃڻو هو. هر ياءُ سان ملڻو هو. هر پيڙ سان ملڻو هو. اُنهن کي وصيتون ڪرڻيون هيون. اُنهن کي هدايتون ڏيڻيون هيون. اُنهن کي پنهنجي پڇاڙان ايندڙ حالتن کي مُنهن ڏيڻ بابت تيار ڪرڻو هو. اُنهن کي شهادت جي رومانس جي سونهن سمجهائڻي هئي. تڏهن ئي تہ سندس هر تقرير ۾ للڪار هوندي هئي ۽ شهادت واري روايت جي پيروي ڪرڻ جو عزم.

هُن کي تہ واپس موٽي وڃڻو هو پنهنجي عظيم بابا وٽ. جنهن سان گڏ هُن کي ڪيترن سالن کانپوءِ پنج جنوريءَ تي هُن جي ايندڙ سالگرهہ گڏجي ملهائڻي هئي. جتي سندس سيئي پائر اچڻا هئا_ مرتضيٰ، شاهنواز، اياز سمون، ناصر بلوچ _ سڀ _ ۽ هُن کي ڳڙهي خدابخش کي بہ وري آباد ڪرڻو هو. 20 سيپٽمبر 1996 کانپوءِ ڳڙهي خدابخش جون ڳليون ويران هيون. اُتي وري ڪو وڏو ميلو نہ متو هو. اِن کي وري هڪ نئين مهمان جو اوسيئڙو هيو. تڏهن ئي تہ هوءَ ڊسمبر جي پهرين هفتي ۾ جڏهن ڳڙهي خدابخش ويئي هئي، تڏهن اُتي پنهنجي لاءِ هڪ جاءِ بہ ليڪي آئي هئي. هُوءَ هڪ قبر نہ، پر هڪ نئين ڪائنات ليڪي آئي هئي.

نجيب جو سمورو ڌيان تي ويءَ تان ڏيڪارجندڙ لياقت باغ واري جلسي تي ڪُتل آهي. بي بي، بي انتها پُرجوش انداز ۾ چئي رهي آهي،”اِس ملڪ کو تم بچائو گي، مين بچائونگي، تم سنڀالو گي، مين سنڀالون گي.“ اِهي جملا ٻڌي نجيب جي اندر ۾ جوش پيرجي وڃي ٿو. سندس اکيون چمڪي پون ٿيون. سندس ارڏائي جاڳڻ لڳي ٿي. هِن جي گهرواري چانهہ آڻي سندس اڳيان رکي، اُها بہ بي بيءَ جي تقرير ٻڌڻ ويهي رهي ٿي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نجيب بي بيءَ جي پارٽيءَ جو ڪارڪن ناهي. هُو سنڌ جو ڪارڪن آهي، پوءِ بہ بي بي هُن کي پنهنجي لڳندي آهي. هُو بي بي سان ائين پيار ڪندو آهي، جيئن ڪو ڀاءُ پنهنجي سڳي ڀيڻ سان پيار ڪندو آهي. هُو چوندو هو”بي بيءَ جي نظريي، سياست ۽ حڪمت عمليءَ سان هُو اتفاق نٿو ڪري، پر هُن سان سندس رشتو قدرتي آهي، جيئن ڀيڻ ڀاءُ جو رشتو قدرتي هوندو آهي، تيئن هُو اُن رشتي جي ناتي بي بي جو بيحد احترام ڪري ٿو. هُوءَ جدوجهد جو حُسن آهي. هُوءَ جمهوري تحريڪ جي روشني آهي. هُوءَ سنڌ جي اريبلي ڌيءُ آهي.“

...........

لياقت باغ ۾ هاڻي جلسو ختم ٿيو آهي. بي بي عوام جي نعرن جو جواب هٿ لوڏي ڏيئي، اسٽيج تان هيٺ لهي رهي آهي. ڄڻ ڪين چوندي هجي،”منهنجا ڀائرو ۽ ڀينرو، هاڻي پنهنجي موڪلاڻي آ. هاڻي پنهنجي موڪلاڻي آ.“

”اي سنڌ توکي الوداع ، اي هند توکي الوداع.“

هُن پنڪيءَ جي گلابي ڳچيءَ ۾ هڪ مالها پيل آهي، جيڪا هُن اڄ سڄي جلسي دوران پائي رکي هئي. اڳ هُن ڪڏهن بہ ڪنهن جلسي يا ڪنهن جاءِ تي اهڙي مالها نہ پاتي هئي ۽ نہ وري ايتري دير تائين پاتي هئي. اسٽيج جي ڏاڪڻ تان لهڻ وقت بہ هُن اُها نہ لاٿي آهي. هُن کي اُن ڏينهن الائي ڇو گُل ايترا پيارا لڳا هئا؟ هُن کي شايد خبر پئجي ويئي هئي تہ، هاڻي ڪيس گلن ۾ ئي رهڻو آهي.

پوءِ اوچتو ڌماڪو ٿيو. بِگ بينگ جهڙو ڌماڪو. ڌرتي ڏُڏي. سڄ سمنڊ ۾ ٽُبي هنئي. سنڌوءَ جا بند ڀڳا. ٻارڙن پنهنجين مائرن جي ڪُڇِنِ ۾ مُنهن هنيا. پهاڙن ۾ واڪو ٿيو. لاڙڪاڻي جي هوائن ۾ ٿڌ جو اثر وڌي ويو. ٿَرُ روئي پيو. پنڊي سنڌ جي وڏيڪ قرضياڻي بڻجي ويئي.

ڪجهہ ٽي وي چينلز ٻڌائڻ لڳا تہ ”بي بي خيريت سان آهي.“ ساڍي ڇهين وڳي ڌاران هڪ چينل خبر ڏني تہ،”آصف زرداري چوي ٿو تہ ’بي بي جي لاءِ دُعا ڪريو.‘“ نجيب جي ذهن تي هٿوڙو لڳو. هِن جي اکين ۾ پاڻي ڳڙ ٽيڻ لڳو. هِن جي دل ٻُڏڻ لڳي. هِن جو غصو وڌڻ لڳو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هُو گهر جي ٽي وي لائونج ۾ هلڻ لڳو. هِن ٽي وي چينل تي نظر وڌي، ڏسي ته، لياقت باغ جي وچ ۾ پي پي اڳواڻ راجا اشرف پرويز مٿي تي هٿ ڏيون هيٺ زمين تي ويٺو آهي. نجيب سمجهي ويو ته، تڏو وڇائجي چڪو آهي.

ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙي رهيا آهن. افراتفري آهي. بد حواسي آهي. ڪاوڙ آهي. ڪروڌ آهي. لياقت باغ اجڙي ويو. ساري دنيا اجڙڻ واري آهي.

هاڻي سڀ رستا اسپتال طرف وڃي رهيا آهن. مائرن جا مٿا اگهاڙا ٿي ويا آهن ۽ مردن جي اکين مان پاڻي ڪُڙندو ۽ اُنهن ۾ رت پرجندو ٿو وڃي. اسپتال جي ٻاهران ماتم شروع ٿي چڪو آهي. اندر انتهائي نگهداشت واري وارڊ ۾ نئين دنيا جي، جهانسيءَ جي راڻي، موت سان وڙهي رهي آهي. سنڌ صندوق ۾ رکيل ڪارا ڪپڙا ڪڍڻ شروع ڪيا آهن.

اوچتو هڪ ٽي وي چينل تاريخ جي هڪ عظيم سانحي جو اعلان هڪ پٽيءَ وسيلي ڪيو: ”بينظير ڀٽو مارجي ويئي.“ خبر نه هئي، ڪو بم گولو هو، جيڪو ماڻهن جي دلين جي ناگاساڪيءَ مٿان اڇي ڪريو. دنيا رُني. ڪائنات ڪارا ڪپڙا پهريا. هڪ ٻيڏڙي امڙ، نصرت جا هوش خطا ٿيا. هُن جي اکين جي نديءَ ۾ زندگي جو آخري چاڙهه آيو. هُن جو آخري اولاد به امر ٿي ويو — هُن آسمان ڏي نهاريو. هٿ مٿي کنيا. شڪر ڪيو.” ڌڻي! تو مون کي جڳ ۾ سُرخرو ڪيو. مون صالح اولاد پيدا ڪيو. مون پنهنجو صالح اولاد تنهنجي حوالي ڪيو.“ پوڙهي هوءَ اصفهاني ٻيڏڙي عورت، اکيون ڏاري سمهي پئي، پنهنجي ديس کان ڏُور، هڪ اجنبي ديس ۾ — ٽي ٻارڙا، بختاور، بلاول ۽ آصف دبئي مان چڪلالا ايئر بيس روانا ٿيا پنهنجي امڙ جا ڪلهي ڪانڌي ٿيڻ لئه. ڳُڙهي خدا بخش ۾ آرامي ٿي شهزادا چرڪ پري اُٿي پيا ۽ سنڌ چري ٿي ٻاهر نڪري آئي.

نجيب جو دماغ ڦِري ويو”توهان جي ته....“ گار ڏيئي، رڙ ڪري، روئي، هُو گهران ڀڳو. سندس امڙ ڪيس دانهن ڪري روڪڻ جي ڪوشش ڪئي،”ابا، نه وڃ.“ سندس وَنيءَ رَئو مَٿي تان لاهي، رڙ ڪري ڪيس چيو”سلامَ جا ابا، نه وڃو.“ سلامَ سُڏڪو ڀري چيو” با..با...“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نجيب ٻاهر نڪري آيو. مين روڊ تي رڳو ڪارا سِرَ آهن ۽ سڙيل گاڏين جي خاڪ. هِن خاڪ پنهنجي مٿي ۾ وجهندي چيو ”مان ايتري دير ڪري ڇو آيس؟ لعنت هجي مون تي.“ ماڻهن جا هجوم آهن. غصي جو سمنڊ آهي. درد جون ڇوليون آهن. ”محرم موٽي آيو.“ بي بيءَ جي شهادت ”نسورو ناز “ٻڻجي ويئي آهي.

ڪن ماڻهن جي هٿن ۾ باهه جون اُماڙيون آهن. ڪن جي اکين ۾ پاڻيءَ جون لهرون آهن. ڪيترين ئي سڙندڙ گاڏين مان دونهون نڪري رهيو آهي. ڪيتريون ئي سرڪاري عمارتون سڙي رهيون آهن. هِن ڏنو ته هڪ هجوم، پرِ واري ريلوي پٽڙيءَ ڏانهن وڌي رهيو آهي. هُو به اوڏانهن وڌڻ لڳو. پريان هڪ ريل گاڏي اچي رهي هئي. هزارين ماڻهو ريل جي پٽڙيءَ تي چڙهي بيهي رهيا آهن. هُو اڄ موت جي خوف کان آجا ٿي چُڪا آهن. ريل گاڏيءَ جي ڊرائيور ماڻهن جي هجوم کي ڏسي گاڏي روڪي ته، ڪاوڙيل ماڻهن، مسافرن کي گاڏيءَ مان هيٺ لهڻ جي لاءِ چيو. جهٽ پلڪ ۾ سڄي گاڏي خالي ٿي ويئي. نجيب هڪ گاڏي ۾ چڙهي هڪ جُهور ڪُراڙي عورت جي سامان جي ڳنڍ کڻي، اُن کي هيٺ زمين تي لاٿو ته گاڏي شعلا ۽ پوءِ ڪوئلا ٻڻجڻ لڳي.

هڪ ٻئي هجوم، هڪ ٻي ايندڙ ريل گاڏيءَ کي روڪي، مسافرن کي هيٺ لاهي، گاڏيءَ کي پٽڙيءَ تان لاهي اونڌو ڪري اُڇلائي ڇڏيو.

هاڻي اوندهه ٿي چڪي آهي، پر سڏڪا ۽ نعرا اڃا آسمان سان ٽڪرائي رهيا آهن. اڄ سنڌ جي ڌرتي وري ماتم ڳدي ۾ بدلي آهي. اڄ وري هِن ديس جي گهرن ۾ چُلها ۽ ڇهرا وِساميا آهن. اڄ وري هِن ڌرتيءَ کي اِهو ثابت ڪرڻو پئجي ويو آهي ته اِها اڃا جيئري آهي. اِن کي وري ٻڌائڻو پئجي ويو آهي ته، ان جو اولاد جيئندو به وقار سان آهي، ته مرندو به وقار سان آهي. اِن کي وڙهڻ به ايندو آهي، ته اِن کي پنهنجن جا گلابي لاش وصول ڪرڻ به ايندا آهن. اِن کي پنهنجا ڳوڙها پيئڻ به ايندا آهن، ته اِن کي نئين سِر جيئڻ به ايندو آهي. اڄ سنڌ جي هڪ پُٽ نه، پر هڪ لاڏلي ڌيءُ شهادت ماڻي آهي. سنڌ جي ارڏي ڌيءُ جي شهادت، پنهنجي امڙ جو ڳاٽ اوچو ڪري، دنيا کي ڏندين آڱريون ڏيئي ڇڏيون آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايڪويهين صديءَ جي پهرئين بهادر عورت جي شهادت، دنيا ۾ شهادتن جي نئين تاريخ واري ڪتاب جو مهاڳ لکي ورتو آهي.

هاڻي رات لڙي چڪي آهي. سڄي علائقي ۾ موت جهڙي ماٺ ڇانئجي ويئي آهي، پر هر ماڻهوءَ جي اندر ۾ شور اڃا بي قابو آهي. نجيب وچ روڊ تي ويٺو آهي. ٻيا سوين ماڻهو بہ اُتي موجود آهن. ڪي ويٺا آهن. ڪي وينا آهن. سڄو روڊ تڏو بڻجي ويو آهي. نجيب جي بي چيني وڌي رهي آهي. هُن کي سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ، هُو ڇا ڪري؟ هُو بجليءَ جي هڪ پول کي زور سان ٺُڏو هڻي ٿو. هُو مُٺيون ڀِڪوڙي، ڏند ڪرٽي چوڏاري ڏسڻ لڳي ٿو. هُو پنهنجو غصو ڪيڻ چاهي ٿو. پر ڪيس پنهنجو ڪو مخالف نظر نٿو اچي. هُو وڙهڻ چاهي ٿو پر ڪو ساڻس وڙهڻ جي لاءِ تيار ناهي. هُو پاڻ کي مارڻ چاهي ٿو پر اُتي ويٺل ماڻهو ڪيس مرڻ نٿا ڏين.

وقفي وقفي سان نعرن جي هڪ لهر اُٿي ٿي. نجيب بہ اُن جو حصو بڻجي وڃي ٿو. ڪنهن ڪنهن وقت ماتم شروع ٿي وڃي ٿو. نجيب جا هٿ بہ پنهنجي سيني تي لڳڻ شروع ٿي وڃن ٿا. ڪنهن ڪنهن وقت اوچنگارون فضا جو سينو چيرڻ لڳن ٿيون. نجيب جي بہ سُڏڪن ۾ تيزي اچي وڃي ٿي. ڪنهن ڪنهن وقت ڪو پَارُ هُن پارَ کان اچي ٿو. نجيب بہ دانهون ڪرڻ لڳي ٿو”اباڙيا ظلم ٿي ويو. قهر ٿي ويو. ڪيسُ ٿي ويو.“

ڪجهہ ماڻهو پر واري بازار جي دوڪانن جا دروازا ٽوڙڻ لڳن ٿا. نجيب اُنهن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ڪجهہ ماڻهو پاڻ کي ساڙڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. نجيب اُنهن کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. اڄ عجيب منظر آهن. جيڪي رات جي ڪاري ڪئنواس تي چِٽجي رهيا آهن.

هاڻي رات گهڻي لڙي چڪي آهي. نجيب بہ نيم بيهوش ٿي چڪو آهي. هُو پنهنجي گهر ڏانهن رِڙهڻ لڳي ٿو. گهر پهچي ٿو تہ، سيئي گهروارا سندس انتظار ۾ خوف ۾ ورتل آهن. هُو دروازي مان جيئن ئي اندر داخل ٿئي ٿو تہ سيني جي جان ۾ ساهہ پئجي وڃي ٿو. هُو هڪ ڪمري ۾ وڃي هيٺ فرش تي ڪِري پوي ٿو تہ، سندس گهرواري ڪيس چوي ٿي،”اسان ماني ناهي پَچائي.“ نجيب ڪيس ڪابہ وراڻي نٿو ڏي.

سندس امڙ اڃا سندس پرسان ويٺي. پنهنجي رئي جي پلاند سان پنهنجا ڳوڙها اُگهندي ڪانئس پڇي ٿي،”ابا، ٺيڪ تہ آهين نہ.“ نجيب پنهنجي هٿ جي تَريءَ سان پنهنجا ڳوڙها اُگهي ٿو تہ سندس ٻن سالن جو پُٽ سلام پنهنجي ماءُ جي ڪڇ تان لهي هِن جي پرسان اچي ويهي ٿو. هيءُ اُن جي مٿي جي وارن ۾ آڱريون گهمائي، آهستي آهستي ڪري اُٿي، ٻاهر اڱڻ ۾ اچي ٿو. تيز ٿڌي هوا گُهلي رهي آهي، پر هِن جو جسم ٻري رهيو آهي.

آسمان ۾ چنڊ هِن جي سامهون آهي. اوچتو هِن جي نظر ڪارن ڪڪرن جي هڪ لشڪر تي پوي ٿي، جيڪو اولهہ کان سامونڊي هوا جي دٻاءَ تي اوڀر ۾ چنڊ طرف وڌي رهيو آهي ۽ نجيب خوف وچان، ٻي خوديءَ مان، پنهنجون ٻانهون ڦهلائي، اکيون بند ڪري، چنڊ کي پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀري،اِن کي ڪارن ڪڪرن کان بچائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پر اِن کان اڳ جو چنڊ هِن جي ٻانهن ۾ اچي، ڪارا ڪڪر اُن کي گهيرو ڪري وڃن ٿا ـ ۽ هُو هيءَ چيخ: ”اڙي، منهنجو چنڊ مارجي ويو“ ڪري هيٺ فرش تي گوڏا کوڙي، ٻئي ٻُڪ پنهنجين اکين تي رکي زارو قطار روئڻ لڳي ٿو. سندس امڙ اچي کيس اُٿارڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، پر هُو اُن اڪيلي ٻيڏڙي ماءُ کان کڄي نٿو سگهي، پوءِ سندس گهرواري ۽ سندس امڙ گڏجي کيس گهلي ڪمري ۾ هيٺ وڇايل ڪاري چادر تي ليٽائين ٿيون. هُو بيهوش ٿي چڪو آهي.

ڪجهہ گهڙين ڪانپوءِ ٻارن جي هڪ ٽولي گهٽيءَ مان هيءُ نعرو هڻندي گذري ٿي:”زنده آ بي بي زنده آ. “ نعرو جيئن ئي هِن جي ڪنن سان ٽڪرائي ٿو تہ هُو هوش ۾ اچي ٿو. آهستي آهستي اکيون پَٽي، چپ کولي نعري جي ورائي: ”ز..ند..ه ....آ...ب..ي.بي....زند..ه ...آ.“ ڏيئي، پٽرائجي وڃي ٿو. گهر ۾ روڄ راڙو وڌي وڃي ٿو.

*جولاءِ 2008ع*



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# آج بهاگنا نهين

هُوءَ نئين دور جي حسين ترين شهزادي هئي. مٿي تي اڇو رَئو مٿي تي ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي پارٽيءَ جي ڪيپ ۽ ڪلهن تي اجرڪ سندس يونيفارم هو. گورو چٽو رنگ، مٿان گهَرَنِ رنگن وارا ڪپڙا سندس شخصيت ۾ وڌي دلڪشي پيدا ڪري وجهندا هئا. قدآور شهزادي جڏهن ڪنهن هجوم ۾ يا ڪنهن گاڏيءَ جي مٿان بيٺل هوندي هئي، تہ سڀني اکين جو تارو بڻجي پوندي هئي.

بهادري هُن جي ميراث ۽ جدوجهد سندس روايت هئي. ويڙهہ هُن جي سڃاڻپ ۽ عوامي عشق کي سمنڊ بڻائڻ سندس هُنر هو. جيل، جلاوطنيون، تڪليفون، طعنا، اذيتون ۽ الزام سندس جنم جو انعام هئا. هُوءَ ڏاڍي نماڻي هئي. هُن جي اندر ۾ هڪ معصوم ماءُ رهندي هئي، جيڪا پنهنجن سمورن قيدي ٻچن جي آزاديءَ جي لاءِ ڪڏهن بہ سُک سان نہ ويٺي هئي.

نئين دور ۾، ڏاهپ ۾، هُن جو ڪو ثاني نہ هو. هُوءَ سنڌياڻي هئي، پر دنيا هُن کي پنهنجو ڳوٺ ڳڙهي خدابخش محسوس ٿيندي هئي. سندس اڳيان سندس ڪيئي پيائر ڪُٺا ويا هئا، پر هُن ڪڏهن بہ پَارَ نہ ڪيا هئا. پيءُ ۽ ڀائرن جي شهادتن تي هُن رڳو اُگهاڙين پيرين پنڌ ڪيو هو. روڄن جو رت سندس پيرن جي ميندي بڻجي پيو هو. اِهي شهادتون سندس اکين ۾ مقدس تصويرن جيان مڙهجي ويون هيون.

پنهنجي وطن ۾اِن شهزاديءَ جي ويڙهہ ۾ ڪڏهن بہ ڪو وقفو نہ آيو هو. هُوءَ تاج پاتل شهزادي هجي يا عام اڳواڻ، سندس ويري، سندس واهروئن سان اٽڪيل ئي رهندا هئا ۽ هُوءَ هميشہ للڪار جي نشاني بڻيل رهندي هئي. شايد تڏهن ئي هُوءَ جڏهن پنهنجي وطن ۾ هئي، تڏهن بہ پاڻ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي جلاوطن محسوس ڪندي هئي ۽ جڏهن جلاوطن ٿي ته وطن سندس ويجهو ٿي ويو. پرڏيهه ۾ رهندي به پنهنجي وطن سان سندس مَن جي جُڙيل تانَ نه ٽُٽي- ۽ جڏهن اَٺن سالن جي جلاوطنيءَ کانپوءِ 18 آڪٽوبر تي واپس وطن وري ته سندس آجيان جي لاءِ ماڻهن جو هڪ سمنڊ اُٿلي پيو.

جڏهن کان اِن شهزاديءَ جنگ جي ميدان تي قدم رکيو هو، تڏهن کان سندس هڪ جهلڪ ڏسڻ جي لاءِ ماڻهو موت سان اکيون ملائيندا آيا هئا ۽ سندس سپاهي مٿس پنهنجي جانِ وارڻ کي پنهنجو ڀاڳ ڀائيندا هئا.

اهڙن سرفروشن جو جڏهن قافلو نهي هلندو هيو ته ڪائنات جُهڪي اُن کي سلام ڪندي هئي. اڄ جلاوطن شهزاديءَ جي جان کي خطرو هو، پر سندس جان نثارن سندس حفاظت جو قسم کنيو هو. اِنهن ۾ اڪثريت لياريءَ جي نوجوانن جي هئي، جن ۾ بلو دادا جو پٽ جمعو دادا به شامل هو. بلو دادا، اِن شهزاديءَ جي پيءُ کي ڦاهي اچڻ کانپوءِ، عوامي راڄ جي قيام جي لاءِ جدوجهد ڪرڻ جي ڏوهه ۾ ڦاهيءَ چاڙهيو ويو هو.

گهنڊيدار وار. هلڪو قد. پريل بدن. ڪارو رنگ. ڳاڙهو وات. ”ڏند ته ڏاڙهونءَ ڪَڙِ جيئن.“ ڪارا ڪپڙا. ڪڀي ٻانهن ۾ قلندر جو ڳانو ويڙهيل. نراڙ سان پارٽي جي ٽِه رنگي پَٽي ٻڌل. چيلهه ۾ ريپيٽر. هٿ، ماڻهن کي شهزاديءَ جي ٽرڪ کان پري ڪرڻ ۾ مصروف. هُو ٽرڪ جي اڳئين حصي تي بيٺو هو ۽ وڏي چستيءَ سان گول گول ڦِري رهيو هو. هُن هميشه خطرن سان راند ڪيڏي هئي. ڪيترن ئي ڦاتلاٽن حملن مان بچيو هو. جيلن ۾ رهيو هو. تشدد برداشت ڪيو هئائين. پر پنهنجي جلاوطن شهزاديءَ جو ساٿ نه ڇڏيو هئائين.

هِن جي اِها تمنا رهي هئي ته هُو پنهنجي شهزادي پيرڻ جو جان نثار ٿئي. ”مان تون جو جانثار ٿيندو“ جڏهن جمعي دادا جي پيءُ جي ڦاهيءَ کانپوءِ اِها شهزادي، اُن جي خاندان سان تعزيت ڪرڻ سندن گهر ويئي هئي، ته اُن وقت ستن سالن جي جمعي دادا پنهنجي شهزادي پيرڻ کي چيو هو، جنهن تي اِن خوش ٿي، کيس پنهنجي پَرِ ۾ ويهاري، کيس پيار ڪيو هو. هاڻي جمعي دادا جي عمر 33 سال هئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جمعي دادا سان منهنجي واقفيت پراڻي هئي. 1992ع جي شروع ۾ مان لياريءَ جي بهار ڪالونيءَ ۾ رهندو هوس ۽ جمعو دادا ميران ناڪا وٽ رهندو هو. هڪ پيري رات جو اٽڪل ٻي وڳي ڏاران شاهه عبداللطيف روڊ سان مون کي ويندو ڏسي، جڏهن ڪجهه نوجوان مون کي ڦُرڻ جي لاءِ، منهنجي چوڌاري ڦِري آيا هئا ته، سامهون کُليل جيپ ۾ ايندڙ جمعي دادا مونکي ڦورن کان بچائيندي پڇيو هو. "ڪير آهين؟"

"صحافي آهيان،" مون وراڻيو هو.

"سنڌي آهين؟"

"ها."

"اڳتي ڪوشش ڪري آويلي وقت جو هِن رستي سان نہ ايندو ڪر،" هُن صلاح ڏني هئي.

"نوڪري ئي اهڙي اٿم. سو ههڙي وقت جو ههڙن رستن تان گذرڻو تہ پوندو،" مون کيس چيو هو. پوءِ هِن کِلندي منهنجي پُٺيءَ تي ٿڦڪي هڻندي چيو هو،"اوهان صحافي ۽ اسان سياسي ڪارڪن آهيون ئي رات جا راهي، پر پوءِ بہ ڪُتي ٻِلي کان خيال ڪرڻ ضروري آهي." مون ڪنڌ سان سندس صلاح سان اتفاق ڪيو هو تہ هُو خوش ٿي هليو ويو هو. پوءِ اسان اڪثر جلسن ۽ جلوسن ۾هڪٻئي سان ملندا هئاسين، جتي هُو پنهنجو فرض نڀائيندو هو ۽ مان پنهنجو فرض نڀائيندو هوس.

پر اڄ جمعي دادا کي خوش ڏسي مان بہ ڏاڍو خوش ٿي رهيو هوس. اڄ سنڌ جي سامونڊي ڪناري واري شهر ڪراچيءَ جا سڀئي رستا جهنڊن جي ڇانوري، جُهمرين ۽ دهل شرنائين ۽ نعرن جي گونج ۾ جيئرا ٿي پيا هئا- سنڌ جي سيني رستن تي موجود، صدين جو سفر ڪيل، جاڳندڙ قدمن جو رِدم، نئين سفر جي پُڪار جي وراڻي بڻجي ويو هو. سنڌ سورهياڻيءَ جو هڪ نئون گيت تخليق ڪري رهي هئي.

پنهنجي جلاوطن شهزاديءَ جي اچڻ جو انتظار هر اک جي زينت بڻجي پيو هو، پر اُنهن اکين ۾ خون لهي آيو هو جن کان عوام جا شادمانا ۽ ديس جي شادابي برداشت ناهي ٿيندي. فضا، جڏهن جلاوطن شهزاديءَ

جي جهاز جي لينڊنگ سان، نعرن سان گونجي ٿي. قاتل جسمن تي بمن جون جيڪيٽون چڙهڻ شروع ٿي ويون.

هُوءَ شهزادي، جڏهن جهاز جي ڏاڪڻ تان، پنهنجي ڏرتيءَ تي، قرآن پاڪ جي پناهه ۾ لهي رهي هئي ته، سندس ساٿياڻي ناهيد سندس ڳچيءَ تي چمي ڏني ته هُن جو سالن جو ضبط ٽُٽو. هُن جون اکيون آليون ٿيون. هُن سڏڪو پريو. هُوءَ روئي پئي. هُن جڏهن روئي، آسمان کي ڏسي، هٿ مٿي کنيا ته، وطن واسين جون لکين دعائون اگهامي ويون، پر اِن شهزاديءَ جا همدرد اِها دعا پيا گهرن ته، ”اي خدا! اِن شهزادي کي جلدي خيريت سان پنهنجي گهر پهچاءِ.“

هُوءَ جيئن ئي ايئرپورٽ کان ٻاهر آئي ته، پنهنجي آڏرياءُ لاءِ آيل لکين پائرن، پيبرن ۽ بزرگن کي ڏسي سندس ارڏائپ، کيس بند گاڏيءَ ۾ ويهڻ کان روڪي ورتو. ڪُليل خطرن باوجود، هُوءَ ڪُليل گاڏيءَ تي چڙهي بيٺي. گاڏي ٻليءَ پيير هلڻ لڳي. پتنگ شمع جي چوڌاري رقص ڪرڻ لڳا. اِنهن سيني کان وڌيڪ خوش جمعو دادا هو. هُو ڪنهن ڪنهن وقت، پرسان وڄندڙ ڪنهن گيت تي جهمر به هڻي پئي ويو ۽ جڏهن شهزادي پنهنجي اِن جانثار ڏانهن ڏسي، مسڪرائي، سندس جذبي تي داد پئي ڏنو ته، هُو موت سان اکيون اکين ۾ ملائڻ جي لاءِ اجا وڌيڪ اُتاولو ٿي پئي ويو.

ساوا ڪپڙا پهريل ۽ سڄي ٻانهن ۾ امام ضامن ٻڌل اِن شهزاديءَ کي خبر هئي ته آڏو موت کي، سندس آجيان جي لاءِ تيار ڪيو ويو آهي. هُن ٽرڪ ۾ سوار پنهنجن ساٿين کي چيو، ”هُو ساڻس ڪُليل گاڏيءَ ۾ نه ويهن، ٻي گاڏيءَ ۾ وڃي سوار ٿين.“ پر سندس ساٿي اِهو سمجهندي به ته، موت سان اڄ ڪنهن نه ڪنهن موڙ تي سندن ضرور ملاقات ٿيڻي آهي، وڃڻ کان انڪار ڪري ويهي رهيا ـ ۽ جان نثار ته هيا ئي پنهنجي جان سان کيڏڻ جي لاءِ تيار. سو اِهي ڪٿي ٽا پري وڃن. هُنن کي ته هڪ ڊگهي عرصي کان پنهنجي جلاوطن شهزاديءَ مٿان پاڻ گهورڻ جو انتظار هو. هُنن شهادتن جي مالها کي هر دور ۾ پوئڻ پئي چاهيو.

اڄ شارع فيصل تي، ٻنهي پاسن کان، عوامي سمنڊ چڙهي آيو هو. نعرن جي ڇولين جو شور قاتل روحن جي برداشت کان ٻاهر ٿي رهيو هو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر ماڻهن جي بي نياز مستي، هر خوف کان بي پرواهه هئي. ٻار، ٻڍا، عورتون، جوان سڀ نئين دور جي ميلي ۾ وڃائجي، نئين خوشي کي ڳولڻ لڳا هئا. هُنن جي اکين ۾ اميد جي روشني جاڳي پئي هئي. هُو نئين سويري جي سڌ تي الائي ڪٿان ڪٿان اچي ڪٺي ٿيا هئا. ٽي وي چينلز جي سڌي نشريات سڄي دنيا کي لکين ماڻهن جي اِن جلوس جو حصو بڻائي ڇڏيو هو.

اڄ ڪراچي شهر جي هر گهٽي، هر گهر ۽ هر بازار ۾ نئين سونهن لهي آئي هئي، پر شارع فيصل، مزار قائد ۽ بلاول هائوس تي وڏن فنڪشنس جي تياري ٿي رهي هئي. هر جاءِ تي هزارين ماڻهو موجود هئا، پر ڊپ ڪٿي بہ موجود نہ هو. مون کي ڊپ هو تہ عوام جي خوشي ۽ خواهشن جي خون تي جيئرا رهندڙ يزيد هيءُ ميلو ضرور ڦِٽائيندا. چاڪاڻ جو عوام سان اِنهن جي دشمني ڏاڍي پراڻي آهي.

رات جو يارهين وڳي ڪانپوءِ، جڏهن هڪ نجي ٽي وي چينل جو اينڪر بار بار اِهو چوڻ لڳو تہ ”خدا کا لاکھ لاکھ شکر ھے کہ ابھی تک بم نھین پھٽا ھے،“ تہ مان سمجهي ويس تہ هاڻي ڪجهہ نہ ڪجهہ ضرور ٿيڻ وارو آهي. اِهو قاتل جسمن ڏانهن پيغام وڃي رهيو هو تہ ”هاڻي عوام جي خوشي برداشت کان ٻاهر ٿيندي پئي وڃي. وارو ڪريو. لاش ڪيرايو تہ ڪو هانءُ ٺري.“

منهنجي دل بار بار اِهو چِئي رهي هئي تہ ”هِن شهزاديءَ کي، هاڻي پنهنجو جلوس ختم ڪري، فوري طور پنهنجي ٻي منزل تي پهچڻ گهرجي،“ پر هُن شهزاديءَ اَٺن سالن ڪانپوءِ، جڏهن پنهنجا پيرين اگهاڙا ماڻهو ڏٺا هئا، سا ڪٿي ٿي اُنهن کان الڳ ٿئي. هُن تہ اِنهن سان گڏ جيئڻ ۽ مرڻ جو وعدو ڪيو هو ۽ ”هُن تہ پنهنجو هر وعدو نڀايو هو.“

جڏهن رات جا ٻارهن وڳا تہ اوچتو هڪ ڪبوتر سندس ڪِني ڪلهي تي اچي ويٺو. هُن شهزاديءَ جي ڪلهي جي ٽاريءَ تي ويٺل ڪبوتر نئين دنيا جي تخليقڪار عوام جي خوشيءَ جو حصو بڻجي ويو هو. شهزاديءَ جي گاڏي ساڳئي سست رفتاريءَ سان اڳتي ڇُري رهي هئي. هرطرف جهمريون هيون. خوشيءَ جا گيت هئا. عام ماڻهن جي چهرن تي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چانڊوڪي لهي آئي هئي. دلين ۾ مستيءَ جو خمار هو. خوشيءَ جو هڪ نئون انداز هو.

ڪجهه لمحن ڪانپوءِ اوچتو هڪ وڏو ڌماڪو ٿيو. ڌرتي ڏُڏي. لاش ڪِريا. ماڻهو ڀڳا. ڪي ڊنا. ڪي وائڙا ٿيا. ڪي گهٻرايا. رت جون ناليون وهڻ لڳيون. جلاوطن شهزاديءَ جي گاڏي بيهجي ويئي. ڪائنات بيهڻ لڳي. اُن دوران هڪ زوردار رڙ چيخن ڪي چيريندي آئي:"آج بهاگنا نهين." وري هڪ ٻي رڙ اُڀري....آج بهاگنا نهين. جينا بهي آج هي، مرنا بهي آج هي...."جمعو دادا پنهنجن ساٿين کي چئي رهيو هو.

اُن دوران وري هڪ ٻيو وڏو ڌماڪو ٿيو. ٻئي ڌماڪي سان جنگ جو نئون ميدان سَجيو. معصوم انساني جسمن جون پنکڙيون اُڏاميون. ساهه اُڏاڻا. روح رُنا. هر طرف روج راڙو ٿيو. مِٽي رت سان وِهنتي. آسمان اُڏاڻل ساهن کي پنهنجي سيني سان لاتو.

هوا جي جهوتي وانگر ڪيئي پتنگ، پنهنجي شهزادي پيڻ جي چوڌاري گڏ ٿيا. ڪي جليا. ڪي رک ٿيا، پر هٽيا نه.. اِنهن مان ڪِن پنهنجن جسمن سان هڪ ديوار ناهي، پنهنجي شهزادي پيڻ کي تباهه ٿيل گاڏيءَ جي پٺئين پاسي کان هيٺ لاهي، ڪيس ٻئي گاڏيءَ ۾ ويهاري، پنهنجي گهر پهچايو.

ڌماڪي جي چند گهڙين ڪانپوءِ مان ڪارساز وٽ بيٺل، جلاوطن شهزاديءَ جي تباهه ٿيل گاڏيءَ وٽ "آج بهاگنا نهين" واري رڙ ڳولڻ لاءِ پهتس. اُتي مونکي گاڏيءَ جي ساڄي پاسي کان، لاشن ۽ جسمن جي ٽُڪڙن جي وچ ۾ هڪ اونڌي مُنهن پيل هڪ لاش نظر آيو، جيڪو پنهنجي سيني جي هيٺان پنهنجي پارٽيءَ جو رت ۾ ٻُڏل جهنڊو ۽ پنهنجي شهزادي پيڻ جي تصوير ڏيئي سُتل هو. مون جيئن ئي اِن لاش کي سِڌو ڪيو ته، مون کان دانهن نڪري ويئي. اِهو ته جمعو دادا هو! پوءِ مون کي سمجهه ۾ آيو ته، اِها رڙ "آج بهاگنا نهين" جمعي دادا جي ئي هئي، جيڪو پنهنجي شهزادي پيڻ سان ڪيل پنهنجو اِهو وعدو نڀائي ويو ته،"مان تون جو جان نثار ٿيندو."

*نومبر 2008ع*



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# روشن قبر

جمال، بينظير جي قبر جي پيرانديءَ کان وينو آهي. سندس هٿ ۾ تسبيح ۽ اکين ۾ ڳوڙهن جي مالها آهي. قبر مٿان گلن جون چادرون چڙهيل آهن ۽ عورتن جي مٿن تان چادرون لٿل آهن. ميڻ بتيون ٻري رهيون آهن ۽ ماڻهن جا نيڻ رِجي رهيا آهن.

عورتن جي هڪ ٽولي مزار ۾ داخل ٿئي ٿي. سندن هٿن ۾ هڪ وڏي چادر آهي، جيڪا اِهي بينظير جي قبر تي چاڙهڻ آيون آهن. اِنهن ۾ مائي جندو بہ موجود آهي، جنهن ڏهہ مهينا اڳ باس باسي هئي تہ، ”جڏهن سندس جوان پٽ جي قاتل کي ڦاسيءَ جي سزا ملندي، تہ هُوءَ بينظير جي قبر تي چادر چاڙهيندي ۽ اُتي هڪ ٻَڪرُ ڪُهندي.“ مايون سهرا ڳائي رهيون هيون.

بينظير جي قبر تي اِنهن چادر چاڙهي تہ، مائي جندو ڳالهائڻ لڳي، ”بي بي، تنهنجي دعا سان منهنجي پٽڙي جي قاتل کي ڦاسيءَ جي سزا ملي آهي. مان اڄ ڏاڍي خوش آهيان. اڄ تون منهنجي آس پڄائي ڇڏي. منهنجو پٽ ماريو بہ تہ تنهنجي ڪري ئي ويو هو نہ. هُن تنهنجو نعرو هنيو هو ۽ گولي سندس ويڪري سيني کي چيري ويئي هئي، پر هُن پنهنجي نعري کي پوءِ بہ مرڻ نہ ڏنو هو. اڄ تو اسان جو هنيانءُ ٺاري ڇڏيو.“

جمال جون اکيون ٻِنيون. هِن پوئتي سُري ماين کي جاءِ ڏني. اُهي وينيون تہ نوجوانن جو هڪڙو ٽولو آيو. اِنهن جي هٿن ۾ گلاب جي گلن جون مالهائون هيون، جيڪي هُنن بينظير جي قبر مٿان رکندي دعا گهري. هڪ نوجوان روئي، ٻَارَ ڪِڍي چيو ”... او... بي بي... تون اسان کي..... ڇورو ڇِنو... ڪري وئينءَ.“

”او... اسان اڃا اکيون مس کوليون.... هيون.... تہ.... تون هلي وئينءَ.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”او... اسان جي... تہ.... هاڻي... ڪير بہ... سار... لهڻ وارو.... ناهي.“ هُو پنهنجو مٿو ۾ مُنهن پِٽي بينظير جي قبر جي پاسي ڪان گوڏا پڇي ويهي رهيو. جمال ڪيس ڏٺو. اجرڪ سندس ڳوڙها پيئندو ٿي ويو.

هارين جو هڪ جلوس آيو. اِهي نعرا هڻي رهيا هئا:

”اسانکي زمينن جي لاءِ پاڻي ڏيو.“

”اسانجو ٻيجارو سُڪي ويو آ.“ جمال جا نيڻ آلا ٿيڻ لڳا.

مزار اندر داخل ٿيندي ئي هڪ ڪراڙي هاريءَ جنهن جي هڪ هٿ ۾ سارين جي ٻج جي سُڪل مُوڙي هئي، پنهنجي اڳواڻ کي دانهن ڏيندي چوڻ لڳو”بي بي، اسان غريبن جون زمينون سُڪي ويون آهن. اسان جا ٻچا بُک تي وينا آهن. جي هيءُ فصل بہ نہ ٿيو تہ پوءِ اسان تہ جيئرا نہ رهي سگهنداسين. تون بہ هلي وئينءَ. اسان جي هاڻي ڪير بہ واهر ڪرڻ وارو ناهي. تنهنجا ماڻهو پنهنجن ماڻهن کي نوازي رهيا آهن. هُو پنهنجي عارضي سُک جي لاءِ توکي وساري ويهي ڪري رهيا آهن. هُنن تنهنجن ماڻهن کي وساري ڇڏيو آهي. تنهنجي سنڌ ساري اُجياري آهي بي بي. هُو سنڌ کي ماري پاڻ کي جيئاري رهيا آهن، پر تنهنجي سنڌ مرندي تہ ٻيا ڪيئن جيئندا بي بي؟“

جمال ڏٺو تہ آسمان ۾ گجگوڙون ٿيڻ لڳيون. ڪڪر ڪارونڀار ڪري آيا. ڪنوڻ ڪجڪا ڪيا. جمال مُرڪي پيو. بي بيءَ جي قبر تي پيل گلن جي خوشبوءِ چوڌس ڦهلجي ويئي.

اُن وقت ايس ايس پي مزار جي اندر داخل ٿيو. ڏنڊي ڦيرائيندي، وڏي آواز ۾ ماڻهن کي چوڻ لڳو”نڪرو نڪرو هتان....هلو هلو....سنڌ جو وڏو وزير ٿو اچي...هلو.... هلو...“

”ننڍڙا ماڻهو“ نڪتا. سندن اکين ۾ ڳوڙها هئا. بي بيءَ جي مزار تي ٻرندڙ ميڻ بتيون اُجهاميون. اوندھ ٿي. اوندھ ۾ وڏي وزير حاضري ڀري. جمال ڏٺو مير ۽ گوگيءَ جي قبر جي ڀرسان هڪ ٻارڙو سڏڪي رهيو هو ۽ پٽي جي قبر جي ڀرسان هڪ ڪراڙو جُهور پوڙهو پٽي جي قبر جي ڪناريءَ سان پنهنجو مٿو ٽَڪرائي رهيو هو.

*مارچ 2009ع*



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سياڻو ڪنهن ڏنو آ...

يونيورسٽيءَ جي آڊيٽوريم ۾ شاگردن جي تقريري مقابلي واري تقريب هلندڙ هئي. عنايت، جيڪو اِن اداري ۾ ملازم هو اُهو پڻ فيڪلٽي ۾ اسٽاف ميمبرن سان گڏ ويٺو هو. هِن تقريب ۾ حصو وٺندڙ شاگردن جا والدين پڻ شريڪ هئا. هر شاگرد ڪوشش پئي ڪئي ته هُو پنهنجي فنِ خطابت سان آڊيٽوريم ۾ ويٺل ماڻهن کي متاثر ڪري. ٻه ڇوڪرا ۽ هڪ ڇوڪري تقرير ڪري ويا. اِنهن ڪانپوءِ ارڙهن اڻويهن سالن جي عمر جو هڪ نوجوان اسٽيج تي آيو. هِن ملڪ ۾ بين الاقوامي صورتحال تي ڳالهائڻ شروع ڪيو ته، عنايت جي پرسان ويٺل، لڳ ڀڳ پنجاهه پنجونجاهه سالن جي عمر جي هڪ شخص عنايت کي آهستي چيو”اِهو منهنجو پُٽُ اٿوَ.“

”ماشاءَ الله، ڏاڍو ذهين آهي،“ ائين چئي عنايت ڇوڪري کي وري ڏٺو ته، کيس پنهنجو ٽن سالن جو پٽ بلاول ياد اچي ويو. هيءُ ڇوڪرو هوبهو بلاول جهڙو هو!

عنايت سوچن ۾ گم ٿي ويو.....

هيءُ سوچڻ لڳو ته ”هِن وقت منهنجي عمر پنجاهه سال آهي ۽ منهنجي پٽ بلاول جي عمر ٽي سال آهي. جڏهن بلاول هِن شاگرد جيڏو ٿيندو ته اُن وقت مان ته نه هوندس.... ڇو ته اڄڪلهه اسان جي ملڪ ۾ ماڻهن جي عمر وڌ ۾ وڌ سٺ سال تي ٽڪي. ٻيو ته منهنجي دل هاڻي ڪان ئي نخرا ڪرڻ لڳي آهي، تنهن ڪري ڪاش! اُن وقت مان ڏسي سگهان ته منهنجو پٽ ڪيئن ٿو هِن شاگرد وانگر اسٽيج تي اچي ڳالهائي!“

عنايت اِنهن سوچن ۾ گم ئي هو ته اوچتو زوردار انداز ۾تاڙيون وڄڻ لڳيون. هِن هلڪو ڇرڪ ڀري ڏٺو ته، اُهو ڇوڪرو اسٽيج تان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسڪرائيندي هيٺ لهي رهيو هو. عنايت جا ٻه هٿ پاڻمرادو تاڙيون وڄائڻ لڳا. ائين اُن ڇوڪري تيز تيز وکون کڻي اچي پنهنجي پيءُ جي پيرن تي هٿ رکيا ته هِن ڇڪي کيس پنهنجي ڳلي سان لڳائي سندس نرڙ تي چمي ڏني... عنايت جي اکين مان ڳوڙها ٽَپڪي پيا... عنيڪ لاهي، کٻي هٿ جي ترِيءَ سان ڳوڙها اُگهي، آهستي پاڻ کي چيائين: ”سياڻو ڪنهن ڏنو آ....“

*جولاءِ 2015ع*



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## ليکڪ جو تعارف

انور ابڙي جو جنم پهرين جنوري 1965ع تي ڳوٺ لالي جا پاڻ/ جنگياڻي، تعلقي ڏوڪري، ضلعي لاڙڪاڻي ۾ علي گل ابڙو جي گهر ۾ ٿيو. هِن بِي اِي (B.E مهراڻ يونيورسٽي)، بي اي (B.A سنڌ يونيورسٽي)، ايم اي (ماس ڪميونيڪيشن)؛ آغا خان يونيورسٽيءَ مان ايڊوانس ڊپلوما اِن اسڪول مئنجمينٽ؛ اسلام آباد مان ڪمپيوٽر جو هڪ ڪورس ۽ انڊس يونيورسٽي، ڪراچيءَ مان بي. ايڊ؛ جي تعليم حاصل ڪئي آهي.

انور ابڙو ماهوار 'روح رهاڻ' جو جوائنٽ ايڊيٽر ۽ ماهوار 'سنڌ سجاڳ' جو ايڊيٽر، ماهوار 'سارس'، ماهوار 'سوپ'، ٽماهي 'سنڌ مدرسه ڪرانيڪل' ۽ سنڌ مدرسه يونيورسٽي جي 'نيوز ليٽر' جو ايڊيٽر، روزنامه جنگ جي 'مهراڻ ميگ' جو اسسٽنٽ ايڊيٽر، روزاني 'پڪار' جو نيوز ايڊيٽر ۽ روزاني 'سنڌ سجاڳ' جي هفتيوار ڪلر ايڊيشن جو انچارج پڻ رهي چڪو آهي. هيءُ روزاني ڪاوش جي هفتيوار رسالن *'ڪاوش دنيا'* ۽ *'ڪاوش ملٽي ميڊيا مئگزين'* جو اعزازي انچارج پڻ رهيو آهي. هِن ڪيترين ئي سنڌي، انگريزي ۽ اردو اخبارن ۾ لکيو آهي.

پي ٽي وي ڪراچيءَ تان هِن جا ٽي انفرادي ڊراما ٽيليڪاسٽ ٿيا هئا، جن ۾ 'باک جي آس' (پروڊيوسر بادل جمالي)، 'ڳوڙهن سندا گل' (پروڊيوسر فيض ٻگهيو) ۽ 'عروج' (پروڊيوسر نواب مهدي لغاري) شامل هئا. هيءُ تعارف لکڻ تائين پي ٽي وي جو نوجوان ڊائريڪٽر مقبول شجراح، انور جي نئين سيريئل 'سيج' جي رڪارڊنگ مڪمل ڪري چڪو آهي. پي ٽي وي تان انور جون اردوءَ ۾ به ڊاڪيومينٽريز پڻ ٽيليڪاسٽ ٿيڻ سان گڏ هِن پي ٽي وي تي ڪجهه ادبي ۽ علمي شخصيتن تي ٽيل پروگرامن جا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسڪرپٽ پڻ لکيا. هڪ ادبي پروگرام ۾ لڳ ڀڳ ڇهن مهينن تائين هِن ڪتابن تي تبصرو ڪيو.

ڪي ٽي اين ٽان سندس سيريل ’ڪشالا‘، ۽ انفرادي ڊراما ٽيليڪاسٽ ٿيا آهن. سنڌ ٽي وي تي لڳ ڀڳ ٽن سالن تائين اسڪرپٽ ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين. اُن دوران سچل سرمست، محترم جمال ابڙي، فقير محمد لاشاري ۽ سنڌو ڊيلٽا تي ڊاڪيومينٽريز پڻ ٺاهيائين ۽ 50 ڪان مٿي علمي، ادبي ۽ سماجي شخصيتن ڪان انٽرويوز ڪيائين.

هِن جا هينئر تائين چار ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن، جن ۾ ’خودڪشيءَ جو رومانس‘ (ڪهاڻيون)، ڇپائيندڙ رائيٽرس ورلڊ ڪراچي (2001)، ’ڀڳل رانديڪو‘ (ناول): ڇپائيندڙ ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي (ڊسمبر 2008)، ’منهنجو چنڊ مارجي ويو‘ (ڪهاڻيون، مضمون ۽ شاعري)، ڇپائيندڙ جنگياڻي پبليڪيشن، ڪراچي ۽ ’اڌ صديءَ جو اوجاڳو‘ (ڪالم ۽ مختلف ليک) ڇپائيندڙ ڪاڇو پبليڪيشن، ڪراچي (ڊسمبر 2013).

انور ابڙي جي ڪتاب ’اڌ صديءَ جو اوجاڳو‘ کي 18 جولاءِ 2014ع تي سنڌي لينگئويج اٿارٽيءَ پاران ”سال 2013ع جو سماجي علم تي بهترين ڪتاب“ قرار ڏنو ويو هو.

انور ابڙي ڪجهه ڪتابن جا ترجما پڻ ڪيا آهن، جن ۾ ”رهنما- پاڻ پيرائپ حاصل ڪرڻ لاءِ“ (2004)، ”ڳورهاري عورت جا مسئلا ۽ حق: حقيقت ڇا آهي؟“ (2008)، ”سياست ۾ عورتون“ (2009ع) ۽ ڪجهه ٻيا ڪتاب شامل آهن، جيڪي شرڪت گاهه پاران ڇپايل آهي. هِن جا ٻارن جي لاءِ ترجمو ڪيل ڪجهه ڪتاب آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس پڻ شايع ڪيا آهن. انور ابڙي جا چار ڪتاب ڇپائيءَ جي لاءِ تيار پيا آهن، جن ۾: 1 – ’هڪ مهمان ڇوڪري‘ (ناول)، 2- ’خانه بدوش اکيون‘ (شاعري)، 3- ’جيئرا ماڻهو‘ (پروفائيل) ۽ 4- ’اڄ جو سنڌي ادب‘ شامل آهن.

**محمد علي پٺاڻ**

20 آگسٽ 2015، لاڙڪاڻو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

